

شيعه لفظ جي مختصر تاريخ

ليکڪ:

پروفيسر سيد حسن علي شمسي



شيعه لفظ جي مختصر تاريخ

ليکڪ

پروفيسر : سيّد حسن علي شمسي

مصنف : سيّد حسن علي شمسي

فون : 03362571412

تعداد : 1000

تاريخ : فيبروري 2026

ڪمپوزر: سالار پرنٽرنس اينڊ ايڊووٽائيزرس لاڙڪاڻو

ملڻ جو هنڌ : پروفيسر سيّد حسن علي شمسي باني و متولي امام بارگاھ "بيت الحزن" محسن شاھ ڪالوني ايئرپورٽ روڊ لاڙڪاڻو.

پيش لفظ

تمام تعريفون الله تبارڪ وتعاليٰ جي لاءِ ۽ دورد والصلواۃ محمد وَ آل محمد ﷺ جي ذات پاڪ تي.

هي پيار ۽ عقيدت جو حقير پورهيو، سڪ ۽ ساڃاهه جي صاحب، بابي سائين مرحوم زوار سيد نظر حسين شمسي ۽ ولايت عليؑ جي لولي ڏئي پالڻان ڪندڙ جيجل امڙ سيده غلام فضہ مرحومہ جي نالي منسوب ڪريان ٿو. الله تعاليٰ انهن جي مغفرت فرمائي! هي سندن جي تعليم ۽ تربيت جو ثمر آهي جو آءُ ناچيز ٿيون ڪتاب شايع پيو ڪرايان. هن ڪان اڳ "سیدہ سے غیر سید کا نکاح حرام ہے، ۽ اسلا آدمؑ سے مهدیؑ تک" لکڻ جو شرف حاصل ٿيو. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو خيال تڏهن آيو جڏهن محسوس ٿيو تہ سنڌي ماڻهون اردو ٻولي سئي نموني سان ڳالهائي وجن ٿا پر لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا. ان ڪري شيعت جي رُوح يعني امامت، خلافت ۽ ولايت کي پرکڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ڪاوش ڪئي اٿم. محمد وَ آل محمد ﷺ هي ننڍڙي ڪاوش قبول فرمائي! آمين.

آخر ۾ اوهان کي گذارش آهي تہ منهنجي والدين علام حامد علي موسوي علامہ عبدالڪيم مرحروم ۽ مرحورم اعجاز علي جفري جي لاءِ هڪ دفعو سورۃ فاتح پڙهي بخشيندا. مهرباني.

صفحو	فهرست
01	1) ”شيعہ“ لفظ جي مختصر تاريخ
02	2) شيعان علي جي پهرين اصطلاح حضور اکرم ﷺ استعمال ڪئي.
11	3) شيعہ عقيدي ۾ امامت جو مقام.
12	4) گذريل اُمتن ۾ امامن جو ذڪر.
13	5) ظالم امام نہ ٿو ٿي سگهي.
14	6) ڇا امام لاءِ حڪومت ضروري آهي؟
25	7) بادشاهي الله جي آهي.
28	8) علي امام مبين آهي.
30	9) ولايت الله، رسول ﷺ ۽ عليؑ
31	10) ولايت جو دائرو.
32	11) امام دين جو محافظ هوندو آهي.
35	12) امامت ڪوئي خيالي نظريو نہ آهي.
39	13) يزيد بيعت جو اسرار ڇو ڪيو.
40	14) عليؑ جي ولايت جُز نہ ڪُلَ آهي.
46	15) خلافت قرآن ۽ تاريخ جي آئيني ۾.
49	16) الله کانسواءِ ڪوئي خليفو نٿو بڻائي سگهي.
51	17) حضرت ابوبڪر باغ فدڪ تي قبضو ڪيو.
56	18) عمرؓ فاطمہؑ جي گهر کي باھ ڏئي ڇڏي.
61	19) حضرت عليؑ جو دربار ۾ احتجاج.
62	20) حضرت ابوبڪر و عمر جو رسول ﷺ جي پرسان دفن ٿيڻ.
63	21) معيار خلافت الله جي نظر ۾.

66	22) رسول ﷺ کي جنگ ۾ ڇڏي وڃڻ وارا الله جي نظر ۾.
69	23) خيبر ۾ عليؑ کي علم عطا ٿيو.
72	24) خليفو ڪُفر تي بہ ٿي سگهي ٿو.
73	25) حضرت ابوبڪر جي جرنيل غير شرعي ڪم ڪيو.
74	26) اعلان خلافت عليؑ ابن ابي طالب.
79	27) خلافت تاريخ جي آئيني ۾.
88	28) جنگ بدر.
91	29) جنگ اُحد.
94	30) جنگ خندق.
99	31) حضرت عليؑ ابوبڪر خلاف تلوار ڇو نہ کنئي.
102	32) عليؑ خلافت نڪرائي.
105	33) محمد مصطفيٰ ﷺ جي وفات کان بعد مديني جي صورتحال.
109	34) حضرت عليؑ کي قتل ڪرڻ جي سازش.
113	35) باغ فدڪ کسڻ جا بہ اهم سبب.
115	36) حضرت محمد ﷺ حضرت عليؑ کي ايندڙ وقت جا احوال بيان ڪيا.
116	37) عليؑ تلوار ڇو نہ کنئي.
117	38) حق حڪومت نہ ملڻ بعد عليؑ جو رويو.
118	39) خلافت جي کسجڻ ۾ عائشہؓ جو ڪردار.
120	40) حضرت ابوبڪر حديث نبوي ساڙي ڇڏيون.
122	41) حديثن جي پابندين ختم ٿيڻ کان پوءِ.
124	42) فقه جعفريہ اصل ۾ فقه محمديہ آهي.
126	43) اهلسنت والجمات جو بنياد.

127	44) شيعہ خلاف غلط پروپيگندا.
128	45) عبدالله ابن سبا.
129	46) چا شيعہ ايراني مذهب آهي؟
131	47) اسلام ۾ گروه بندي جا سبب.
133	48) اولي الا مر ڪير آهي؟
135	49) هر نبيءَ پنهنجو خليفو دعا گهري ورتو آهي.
	50) حاصل مطلب. (conclusion)

شيعہ لفظ جي مختصر تاريخ

ماڻھن جي عام ڳالھہ ٻول ۾ جيڪو ائين چوندو آھي. تہ ھي ماڻھون شيعہ آھي تہ ٻڌندڙ جي ذھن ۾ فورًا اھو خيال ايندو آھي تہ ھي شخص حضرت عليؑ ۽ ان جي والاد جو پيروڪار آھي. حالا ڪہ شيعہ جي لغوي معنيٰ پيروڪار آھي. ھي لفظ صرف عليؑ ۽ ان جي اولاد لاءِ ڇيو مخصوص ٿيو؟ ھڪ لفظ مان ھڪ نظريہ تائين ڪيئن پھتو؟ ھنن جي جي پرئلڳن ڪي شيعا.عليؑ پھريون ڪنھن ڇيو؟ ان جو بيان اڳئي ھلي تفصيل سان ڪبو.

لفظ شيعہ ڪھڙي ٻولي جو لفظ آھي؟

شيعہ عربي ٻوليءَ جو لفظ آھي جيڪو قرآن، حديث ۽ تاريخ مان ورتل آھي.

لفظ شيعہ جي معنيٰ؟

علماءِ لغت لفظ شيعہ کي ٻن حصن ۾ ورھايو آھي:

1. شيعہ لفظ جي لغوي معنيٰ.
2. شيعہ لفظ جي اصطلاحي يعني مشھور معنيٰ ھجڻ.

علماءِلغت لفظ شيعہ جي لغوي معنيٰ ھيٺين ريت لکي آھي:

1. گروھ“ پيروڪار، محب، مددگار وغيره.

اهلسنت جو مشهور ليکڪ مولانا وحيد الزمان حيدرآبادي لکي ٿو:
اصل ۾ شيعہ گروهٰ کي چيو ويندو آهي وري اڳتي هلي لکي ٿو
جيڪو ماڻهون ڪنمن جي مدد ڪري ۽ ان جي جماعت ۾ شريڪ ٿي
وڃي ان کي شيعہ چيو ويندو آهي.
سورة الصافات، آية 83 (وَإِنَّ مِن شِيعَتِهِ لَإِبْرَاهِيمَ)
۽ ان يعني توح جي پيورڪارن مان ابراهيم هيو.
مولانا مفتي محمد شفيع سوره جي آيت 10 ۾ لفظ شيعه جي
وضاحت ڪندي لکي ٿو:
شيعه جمع آهي جنهن جي معنيٰ ڪنهن ماڻهون جي پيروڪار ۽
مددگار جي آهي.
هيني لفظ شيعہ ٽولو (Group) يا پارٽي (Party) لاءِ استعمال
ٿيندو آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ شيعانِ عليؑ جي پارٽيءَ وارا. جنهن
جو اڳواڻ، رهبر، سرواڻ، امام، خليفو صرف عليؑ آهيان.
اهو گروه جيڪو بعد نبي عليؑ کي امام سمجهي پنهنجو جيئڻ،
مرڻ، خوشي ۽ غم صرف عليؑ ۽ ان جي اولاد لاءِ سمجهندو هجي
هي اهو گروه آهي جيڪو عليؑ کي بلافصل جانشين رسول خداﷺ
سمجهندو هجي.

<u>شيعانِ عليؑ جي پهريائين اصطلاع حضور اڪرم ﷺ استعمال ڪئي:</u>

اسان هي لفظ اهلئت جي علماءَ جي زباني پيش ڪندا سي:

اهلسنت جي سوانح حيات ارجح المطالب في مناقب اسدالله هلاغالب ۾ ان حضرت جون تمام گهڻيون حديثون لکيون آهن جنهن ۾ نبيﷺ عليؑ جي محبّ وارن کي شيعه لقب سان نوازيو آهي ۽ انهن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائي آهي. ته ڪجھ هيٺ پيش ڪجن ٿيون: (مطلب ته شيعان علي پهريون پيرو حضور اڪرم فرمايو)

عن جابر بن عبدالله قال كنا
عندالنبي فاقبل علي نقال النبي
والذي نفسي بيده ان هداو
شيعته فهم الفائزون يومالقيٰمته
وترلت ان الذين امنو
وعملوالصّلحت اولائڪ همر
خيرالبريه

جابربن عبدالله کان روايت آهي ته اسان جتاب رسالتمعاب ﷺ وٽ حاضر هياسين تو جناب امير حضرت عليؓ تشريف کڻي آيا. حضرت فرمايو! قسم آ ان ذات جو جنهن ۾ مان (محمدﷺ) جي جان آهي هي (حضرت عليؓ) ۽ ان جا شيعہ ئي قيامت جي ڏينهن اعليٰ درجن تي پهچندا تہ ان وقت هيءُ آيت نازل ٿي اهي ماڻهون جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا. اهي ماڻهون پوري مخلوق ۾ افضل هوندا. (افرجہ ابن عساڪ)

ابن عباسؓ جي روايت

ابن عباس قال لما نزلت هزه الآية ان الذين امنو وعملوالصّلحٰت اولائِكَ هم خير البرية قال رسول الله لعلي هو انت وشيعتكَ يوم القيامة

ابن عباسؓ روايت ڪري ٿو. جڏهن هي آيت نازل ٿي تہ يقينًا جنهن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا اهي سب بهتر خلقت آهن. جناب رسالتمعاب حضرت عليؑ کي فرمايو تہ اهي ماڻهون تون ۽ تنهنجا شيعا آهن.

قيامت جي ڏينهن خوش وخورم هوندا.

(حوالہ: ابن مردو يہ وابوغيہ في الحليہ والديلمي في فردوس الا خبار وسيوطي في الدرالمنتور.

سليمان فارسيؓجي روايت

حدثني سلمان الخيرفقال: ياا ا با الحسن ! قالُما أ قبلت أنت و أنا عند رسول اللهﷺ اِ لاّ قال : ياسلمان!

(امالي شيخ صديق، مجلس ۴۷ حديث ۵)

حضرت امام عليؑ جناب سلمانؓ کان نقل ڪندي فرمايو!

سلمان مونکي عليؑ چيو. اي علي! اي ابوالحسنؑ! اهڙو اتفاق گهٽ ئي ٿيو هوندو جو توهان رسول الله وٽ موجود هجو ۽ مان نہ

هجان ۽ پاڻ سڳورن اهو نہ فرمايو: اي سلمانؓ ! هي مرد ان جي جماعت (شيعہ) تمام روزه قيامت ڪامياب هوندا.

ابن عباس کان روايت آهي. پاڻ سڳورن فرمايو. اي علي ! تنهنجا شيعہ خدا جا شيعه آهن ۽ اوهان جا دوست خدا جا دوست آهن. اوهان جا مدد گار خدا جا مدد گار آهن.

رسول اللهﷺ فرمايو:

اي علي! مان (محمدﷺ) ان وقت تنهنجي شيعن جي شفاعت ڪندس جڏهن مان مقام محمود جي اعليٰ ڪرسي تي فائز ٿيندس. ان ڪري اها خوشخبري پنهنجي محبن کي بڌاءِ ڇڏ.

(امامت ولايت شيخ صدوق)

نوراني شڪلن وارا شيعانِ علي

اسن بن مالڪ قال: قال رسول اللهﷺ

اِن الله تبارڪ وتعاليٰ يبعث اناسا وحو هم من نور، علي ڪراسي من نور، عليمر ثياب من نور، في ظل العرش، پمنزلته لائنياء، وليسوا بالائبنياء وبمنزلته اشهداءِ وليسوا بالشهداء، فقال رجل: انا منهم يارسولاللهﷺ فال لا:

قال: آفد: انا منهم يارسول الله؟

قاللا:

قيل من هم يارسول الله؟

قال: فوضع يده علي راس عليء وقال: هذاوشيخته اسن بن مالڪ چوي ٿو: رسول خدا فرمايو: بي شڪ! خداوند متعال اهڙا ماڻهون

پيدا ڪندو جن جا چهره نوراني هوندا. انهن کي نوراني لباس پهريل هوندا. اهي عرش جي سائي هيٺيان ويٺل هوندا. اي پيغمبر نه هوندا ليڪن مقام پيغمبري تي فائز وڏي درجي تي هوندا. اهي شهيد نه هوندا ليڪن شهيدن جي درجي تي هوندا. ڪنهن ماڻهون عرض ڪيو: اي رسولِ خدا ڇا مان انهن ۾ شامل هوندس. فرمايائين! نه ٻي شخص به ساڳيو سوال ڪيو آ حضرت فرمايو! نه عرض ڪيو ويو: اهي ڪير هوندا؟

آنحضرتﷺ حضرت عليؑ جي سِرَ تي هٿ رکيو ۽ فرمايو:

هي شخص ۽ ان جا شيعه.

(امالي شيخ صدوق، مجلس ۴۲ حديث ۱۵)

حضرت امام جعفر صادق ؑ فرمايو:

”اي ابوبصير! مان پنهنجي والد گرامي سان گڏ مسجد نبويؐ ۾ ويس. سيمبر ۽ قبر مظهر جي درميان ڪجھ شيعھ جمع هيا. اسان سلام ڪيو تہ انهن جواب ڏنو. منهنجي والد بزرگوار امام محمد باقرؑ فرمايو!

مان توهان جي (شعين) خوش بوءِ روح ۽ جان کي دوست رکان ٿو.

ڄاڻي ونو تہ ولايت فقط محنت ۽ ڪوشش سان حاصل ٿيندي.

توهان خدا جا شبيعہ، خدا جا مدد گار آهيو. اسان خدا ۽ رسولؐ جي ضمانت سان توهان لاءِ جنت واجب ڪرائي آ.

أمير المؤمنين علي ابن طالبؑ فرمايو!

ڇاڙي ونو! هر شيءِ لاءِ ستون (Pillar) هوندو آهي ۽ اسلام جا ستون شيعہ آهن.

ڇاڙي ونو! هر هڪ لاءِ سردار هوندو آهي. مجلسن جي سردار شيعن جي مجلس آهي.

دراصل شيعہ جي لاءِ ايتريون حديثون آهن جن جو ذڪر ڪرڻ هڪڙي ڪتاب لاءِ ممڪن نہ آهي.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ آخر پيغمبرؐ جو فرمايو تہ حضرت عليؑ ۽ ان جا شيعہ ئي آخرت ۾ ڪامياب ٿيندا؟

اهو سوال بہ انتهائي خاص آهي ڇاڪاڻ تہ حضور اڪرمؐ اهو بہ فرمائي سگهي پيو تہ اهو ماڻهون قيامت جي ڏينهن ڪامياب هوندو جيڪي قرآني تعليمات ۽ منهنجي سنت تي هلڻ وارو هوندو. ان جو سڌو سنوءَن اهو جواب آهي تہ رسول خدا تہ پنهنجي زندگي ۾ ڪافي اڳڪثيون ڪيون هيون. جنهن ۾ عمار ياسر جي قتل واري پيشگوئي بہ شامل آهي جيڪا حقيقت ۾ پوري ٿي. يعني حضور اڪرمؐ کي پاڻ ڪان بعد جي حالات کان الله خبردار ڪيو ۽ ان ڪري مسلمانن کي بار بار عليؑ جي پيروي ڪرڻ جا فائده ٻڌائي رهيو هو. آنحضرت ﷺ کي پنهنجي وڃڻ کان بعد هڪ مرڪز جي نشاندهي ڪرڻ بہ واجب هئي تہ جيئن ماڻهون هيڏي هوڏي نہ نهارن سواءِ عليؑ ۽ اولاد علي جي ان ڪري واضح طور ٻڌائي ڇڏيائين تہ منهنجي وفات کان بعد اُمت گروهہ بنديءَ جو ڪاچ ٻڻجي ويندي. انهن گروهن ۾ عليؑ وارو گروهہ ئي الله ۽ الله جي رسولؐ جو هوندو!

تمام ”ڪتب“ هنن چند حديثن تي متفق آهن:-

فرمان رسول خدا:-

علي معالقرآن والقرآن مع علي لن يفتر قاحتّي يردا عَليَّ الحوض.

”عليءَ قرآن سان ۽ قرآن علي سان گڏ آ. اهي ٻئي پاڻ ڪان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيندا اسيتائين جو ڏينهن قيامت مون وٽ حوض ڪوثر تي ملندا“.

بقول شاه اسمٰعيل شهيد. آنحضرت ﷺ فرمايو:-

اللّٰهم ادارالحق معہ حيث دار

”اي الله! جتي علي هجي حق کي اوڏهہ موڪل“.

آنحضرتؐ فرمايو!

انی تارک فيکم الثقلين کتاب الله و عترتی اهل بيتی ان تمسکتم بهما لن تضلوا بعدی

مان (محمدؐ) توهان جي درميان بہ قيمتي شيون ڇڏيون ٿو وڃان. هڪ الله جو ڪتاب ۽ ٻي پنهنجي عترت اهلبيت جسيتائين توهان ٻنهي جي چوليءَ سان لاڳاپيل رهندوءَ تہ توهان ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندوءَ!

(صحيح سلم، جامع ترندي، مسند احمد بن حنبل وغيره)

قرآن حڪيم ۾ ٻيو حڪم آيو تہ يہ الله، سورت آل عمران آيت 103.

”الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو“

امام جعفر صادق فرمايو تہ اها الله جي رسي اسان اهلبيت آهيون.

ظاهري طورتي رسول خدا جي موجودگيءَ ۾ گروهه بندي ناممڪن هئي ليڪن اندر اندر ۾ سازش ٿي رهي تنهن ڪري الله خبردار ڪرڻ فرمايو. تفاسير قرآن کي ڏسيو ته اها ڳالهه واضح ٿي چڪي هئي ته ڪجهه ماڻهن کي عليءَ جي قربت رسول الله ﷺ سان نه پئي پائجي. توڙين جو عليؑ کي رسول ﷺ هر وقت موت جي منهن ۾ ڏيندو هيو. پاڻ سوچو عمرابن عبدوود جهڙو تجربيڪار بهادر ۽ عليءَ جو بظاهر جوڙ نه هيو؟ جڏهن به رسول الله عليءَ جي شان ۾ فرمان خداوندي ٻڌائيندو هيو ته اڪثر ماڻهن جا رنگ ڪارا ٿي ويندا هيا. عليءَ سان بغض جو اعليٰ مثال مسجد ضرار آهي جنهن کي الله جي رسولﷺ الله جي حڪم سان ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

<u>مسجد ضرار جي حقيقت</u> :- رسول خداﷺ جنگ تبوڪ لاءِ روانه ٿيو ته پاڻ سڳورن عليءَ کي حڪم ڏنو ته تون مديني ۾ رهي منهنجي نيابت ڪر جئين موسيٰ جي هارون ڪئي هئي چاڪاڻ ته تنهنجو مون سان اهو ئي واسطو آهي جيڪو هارون جو موسيٰ سان بس مونکان بعد ڪوئي نبيء خدا نه ايندو.

<u>حديث منزلت</u> :- حضور اڪرم جنگ تبوڪ تي وڃڻ وقت

<u>فرمايو</u> :!

يا علي! أنتَ مني بمنزلةِ هارون من موسىٰ، إلا أنه لا نبيَّ بعدي

رسول خدا چاليهه ڏينهن لاءِ روانو ٿيو. مديني جي مسجد نبوي ۾ نماز جي امامت حضرت عليؑ ڪرڻ فرمائين ته ڪجهه اصحاب

رسولؐ ايتري عليؑ سان نفرت ڪن پيا جو هنن مديني جي ٻاهران پنهنجي لاءِ عليجده مسجد ٺاهي جنهن کي سوره التوبہ ۾ الله مسجد ضرار سڏيو آهي. جڏهن حضور پنهنجي مهم کان واپس آيو تہ الله جو حڪم آيو تہ فورًا مسجد ضرار کي ڊاهہ ۽ خبردار اتي نماز نہ پڙهيجاءِ.

ثابت ٿيو تہ خفيہ طورتي هڪ مضبوط عليؑ جو مخالف گروپ تيار ٿي جيڪو هيو. ان ڪري تہ رسول خدا بار بار اهلبيت جو هر طرح سان تعارف ڪرائي رهيو هيو. زبان مبارڪ سان بہ ۽ عمل سان بہ مثُتلا :- حسنينؑ ڪريمن کي پنهنجن ڪلمن تي سوار ڪري. حسينؑ کي نماز جي سجدي جي حالت ۾ مٿان ويهاري، سيده فاطمہ الزهرؑ جو اتي بيهي استقبال ڪري ۽ عليؑ جا بازون بلند ڪري مَن ڪُنت موليٰ فهٰذا عليًا موليٰ چئي ڪري ڪيو.

الله جي رسيءَ کي زور سان پڪڙڻ جو حڪم ڪيو آهي ۽ ڪا بہ رسي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڌاڳن کي ملائي ٺاهي ويندي آهي اهڙي طرح هڪ ڌاڳو محمدؐ ۽ ٻيو عليؑ جن آهن. يعني شفاعت لاءِ الله ۽ رسولؐ ڪافي نہ آهن جيتائين عليؑ جي تعبيداري نہ ٿا ڪريو.

الله جي رسول ان ٽولي کي شيعان علي سڏي آهي. يعني شعيان علي کي پهريائين رسول الله لقب عطا ڪيو ۽ جنت جي بشارت ڏني.

شيعہ عقيدي ۾ امامت جو مقام

امام جي اطاعت واجب آهي :-

اللہ تعاليٰ فرمايو :-

أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنكُمْ

” اي ايمان وارو! تعبيداري ڪيو اللہ جي ان جي رسول جي ۽ اولي الامر جي. (سوره النساء آيت نمبر ۵۹)

اهلسنت جي نزديڪ اولي الامر مان مراد حڪمران آهن، ليڪن عليءَ فرمايو تہ ان مان مراد عليءَ ۽ منهنجي اولاد آهن، ابو هرير اهڙي تشريح ڪئي جنهن جي فتويٰ تي سقيفہ ۽ ڪربلا جو واقعو پيش آيو. اج جي اهلسنت جي محققن ابو هريري جي ان تشريح محققن کي درست نہ چيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اللہ ڪنهن ظالم ۽ بدڪار انسان جي تعبيداريءَ لاءِ ڇو حڪم فرمائيندو؟ هو بہ هي قرآني آيت ان وقت نازل ٿي جڏهن رسول خدا پاڻ بحيثيت حڪمران موجود هيا تہ ان وقت ۾ هڪ ٿي اطاعت ڪنهن جي واجب ٿي سگهي پئي؟ يعني رسولﷺ جي موجودگيءَ ۾ هڪ اهڙي خستي مدينہ ۾ هئي جنهن جي اطاعت ائين واجب قرار ڏني ويئي جئين اللہ ۽ ان جي رسولﷺ جي ثابت ٿيو تہ اطاعتون ٿي آهن. بہ نہ! ان ڪري امام جي اطاعت رسولﷺ جي اطاعت ۽ رسولﷺ جي اطاعت اللہ جي اطاعت آهي.

شيعن جو شروع ڪان وني اهو موقف رهيو آهي تہ اهلبيت ئي لائق اطاعت آهن ڇاڪاڻ تہ اهي هر رجبس (پليتيءَ) ڪان پاڪ آهن ۽

رسول الله جو بہ اهو فرمان آهي تہ ”مان توهان جي درميان ٻہ قيمتي شيون ڇڏي ٿو وڃان هڪ الله جو ڪتاب ۽ ٻيو منهنجي عترت اهلبيت توهان ٻنهي جي دامن کي پڪڙي رکو تہ جئين گهمراهہ نہ ٿيو!.“ هي عترت اهلبيت ڪوثر جي مثال آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ واري نہ آهي. ڇاڪاڻ دنيا جي تڏا ويڙهہ بہ عليءَ جي پٽ جي هٿان ئي ٿيندي!

گذريل اُمتن ۾ امام جو ذڪر :-

سوره السجده آيت ۲۴:

وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوا ۖ وَكَانُوا بِآيَاتِنَا يُوقِنُونَ

”اسان بني اسرائيل منجهان ڪجهہ ماڻهن کي امام ۽ پيشوا ۽ مقتدا بڻايو جيڪي پنهنجي پيغمبر جي نائب هجڻ جي حيثيت سان ماڻهن جي هدايت ڪندا رهندا هيا....“

ان ڪري اسان شيعن جو بہ اهوئي عرض آهي تہ امام بہ الله جي طرفان هوندو آهي. يعني ڪنهن نبي جو نائب، خليفو جانشين يا امام بڻائڻ جو حق ماڻهن کي نہ آهي. سقيفہ ۾ تہ چند ماڻهن جو ٽولو هيو. پوري دنيا جي مخلوق بہ اتفاق سان ڪو امام يا خليفو بڻائڻ گهري تڏهن بہ نہ ٿا ڪري سگهن.

جئين سوره البقره ۾ حضرت طالوت جو قصو موجود آهي. غور ڪرڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ قرآن چوي ٿو تہ الله هر نبي جو نائب بڻايو آهي تہ سردار الانبياءُ جو الله نائب ڪنهن کي بڻايو آهي؟ ذرا

ان جو تہ جواب ڏيڻ فرمائيندا رسول خداؐ پهرين خطبي کان آخري خطبي تائين عليؑ جو نالو ۽ بازو بلند ڪري، ڏيکاري پنهنجي وصي، وزير ۽ خليفي هجڻ جو اعلان فرمايو تہ پوءِ رُڳو ابوهريري جي چوڻ تي لڳي قرآن ۽ رسولؐ جي فرمان کان انڪار ڇو؟

رسول خداؐ فرمايو! تہ منهنجا ٻارهن جانشين هوندا جئين بني اسرائيل جا ٻارهہ نقيب هيا.

ارشاد رب العزت آهي. (سوره المائده آيت ۱۲)

وَ لَقَدْ أَخَذَ اللَّهُ ميثاقَ بَنی إِسْرائيلَ وَ بَعَثْنا مِنْهُمُ اثْنَی عَشَرَ نَقيباً

"اسان بني اسرائيل کان واعدو ورتو ان مان ٻارهہ نقيب (امام) مقرر ڪيا ۽ ظاهر آهي تہ اهي نقيب نبي بہ هيا".

ان ڪري اسان شيعہ پاڻ کي اثنا عشري چوندا آهيون تہ اسان جو پهريون عليؑ ۽ ٻارهون امام مهديؑ آهي. جيڪي علم ۾، ڪردار ۾ ۽ ولايت ۾ سب محمدؐ آهن.

ظالم امام نہ ٿو ٿي سگهي.

حضرت ابراهيم الله جو برگزيده نبي هيو. جنهن کي الله آزمايو جڏهن هو ڪامياب ٿيو تہ الله ان جو مرتبو بلند ڪرڻ فرمايو ۽ ان کي امامت عطا ڪئي. هو بي انتهاخوش ٿيو ۽ دعا گهريان تہ "اي الله اها امامت منهنجي اولاد کي بہ عطا ڪر! الله قبول فرمائي ليڪن چيائين تہ اها ظالمن کي نہ ملندي".

(سوره بقره آيت ۱۲۴)

وَإِذِ ابْتَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ رَبُّهُ بِكَلِمَاتٍ فَأَتَمَّهُنَّ ۖ قَالَ إِنِّي جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ إِمَامًا ۖ قَالَ وَمِن ذُرِّيَّتِي ۖ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظَّالِمِينَ

" **جڏهن الله تعاليٰ حضرت ابراهيمؑ کي چند ڳالهين ۾ آزمايو انهن سيني ۾ تي پورو لٿو تہ الله فرمايو مان تون کي ماڻهن جو امام بڻائڻ وارو آهيان. حضرت ابراهيم عرض ڪيو تہ اهو عهدو امامت وارو منهنجي اولاد ۾ بہ هوندو الله تعاليٰ فرمايو هامگر اهو واعدو ظالمن لاءِ نہ هوندو!.**

اسان شيعان علي ؑ جو بہ اهو عقيدو آهي تہ امامت جو معيار اهو آهي تہ امام عمل ۾ بہ ڪامل ۽ علم ۾ بہ ان ڪري اسان تمام ڏيڪاريو جيڪو علم، صبر، تقويٰ، پرهيزگاري، شجاعت ۽ پاڪيزگيءَ ۾ اعليٰ هجي ۽ جيڪي سوره السجده ۾ آهي الله جا چونديل نمائينده آهن جن جي تعبيداري، اسان تي واجب آهي. ۽ اهي ئي اولي الامر آهن.

چا امام لاءِ حڪومت ضروري آهي؟

هي سوال انتهائي اهم آهي چاڪاڻ تہ امام جي لغوي معنيٰ ۾ قائد آهي، تنهن ڪري ڪجھ ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ شيعن جي امامن مان صرف ٻن کي حڪومت حاصل ٿي. يعني امام حسن ؑ ۽ حضرت علي ؑ باقي تہ سب حڪومت ڪان محروم رهيا. تہ پوءِ ان جو جواب بہ الله ڪان پڇون تہ قرآن ان سلسلي ۾ ڪهڙي راهنمائي ٿو ڪري؟ قرآن ۾ بہ سواءِ ٻن نبين جي ڪنهن بہ نبيءَ کي حڪمراني ڪو نہ

نصيب ٿي هڪ حضرت داؤدؑ ۾ پيو ان جو فرزند حضرت سليمانؑ يادرهي ته حضرت يوسفؑ به بادشاه نه هيو. ان ڪري امام يا خليفن لاءِ حڪمران هجڻ ضروري نه آهي. ليڪن ان جي هوندي ڪو حڪمران نه ٿوٿي سگهي امام الله جو صالح بندو هوندو آهي.

امام جو مقام رسول خداﷺ جي نظر ۾ :-

اهلسنت جي محدثين پيغمبرﷺ جي هڪ حديث بيان ڪئي.

جنهن ۾ پاڻ فرمايو:

مَن أطاعني فقد أطاع اللهَ ومَن عصاني فقد عصى اللهَ ومَن أطاع الأميرَ فقد أطاعني ومَن عصى الأميرَ فقد عصاني.

”رسول خداﷺ فرمايو: جنهن منهنجي اطاعت ڪئي ان خدا جي اطاعت ڪئي. جنهن منهنجي نافرماني ڪئي، ان خدا جي نافرماني ڪئي، جنهن امام جي اطاعت ڪئي ان منهنجي اطاعت ڪئي ۽ جنهن امام جي نافرماني ڪئي، ان منهنجي نافرماني ڪئي.

حديث پيغمبرﷺ :-

مَنْ ماتَ وَ لَمْ يَعْرِفْ إمامَ زَمانِہِ فَقَدْ مَاتَ مِيتَۃً جَاہِلِيَّۃ

”جيڪو ماڻهن پنهنجي امام کي سڃاڻڻ کان سواءِ مري وڃي، اهو جاهليت جي موت مري ويو.“

ان ڪري شيعت ۾ دين جي ”اصولن“ مان هڪ اُصول اهلسنت نظريه کان ڌار ڪري ٿي. هنن وٽ هر ايروگيرو، لولو لنگڙو، انڌهو، ڪاڻو، بدڪار، وحشي صفق امام ٿي سگهي ٿو. شرط اهو ته حڪومت

ڪندو هجي. ان موضوع تي مولانا مودودي پنهنجي ڪتاب ”خلافت و ملوڪيت“ ۾ روشني وڌي آهي. اسان شيعه جي نظر سوواڻ، امام، خليفو الله جي طرفان هوندو آهي جنهن جو اعلان وقت جو نبي ڪندو آهي. يا امام ڪي امام ئي الله جي ارادي سان نامزد ڪندو آهي. ٻيو ته امام جو معصوم هئڻ لازم آهي. اسان وٽ سب جو سڀ پاڪ ۽ طاهر امام آهن جن جي طهارت جي گواهي الله سوره الاخراب ۾ ڏني آهي. هاديءَ لاءِ معصوم هجڻ لازم آهي. جيڪو راه تان خود هٿيل هوندو اهو قوم جي هدايت ڪئين ڪندو.

خلافت بزبان مبارڪ رسول خداؐ

مسلمان اڪثر چوندا آهن ته رسول خداؐ ڪنهن ڪي به جانشين ڪو نه بڻايو هيو. اهو سوال ته فطرت جي خلاف آهي ۽ قرآني آيات جي به خلاف آهي هر نبيءَ جو هڪ نائب هوندو آهي، سوره السجده آيت نمبر 24. ٻيو ته سوره النساء ۾ واضع حڪم آهي ته وصيعت نامو لکڻ لازم آهي. اهو شيعه عقيدو نه ٿو ئي سگهي ته رسول الله قرآني حڪمن جي خلاف ڪم ڪندو. الله بيشڪ صحيح فرمايو آهي ته ”اي رسول ؐ اهي ڪافر، منافق ڪڏهن به ايمان نه آڻيندا ڇو جو اهي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا آهن (البقره) تاريخ ڪي پڙهو ته اوهان ڪي معلوم ٿي ويندو ته رسول خدا ؐ پنهنجي پهرين نبوت جي اعلان ۾ ئي عليؑ ڪي پنهنجو وصي، وزير ۽ خليفو بڻائي چڪو هيو. ان پهرين تبليغ ڪي تاريخ ”دعوت ذوالعشيره“ سان ياد ڪري ٿي. هيءَ

دعوت الله جي حڪم سان ابوطالبؑ جي گهر ۾ رکي ويئي. هن دعوت ۾ صرف قريش کي دعوت ڏني ويئي. دعوت ذوالعشيره جي اختتام تي رسول اللهﷺ اٿي بيٺا ۽ پهريون خطبو ارشاد فرمايو!

وقد امرني الله تعاليٰ ان ادعو کم اليہ قايکم يو ذرني عليٰ هذالامر علي ان يکون اخي و وصي وخليفتي.

وقد امرنی الله تعالیٰ ان ادعوا کم الیه فایکم یوا ذرنی علیٰ هٰذا الامر علیٰ ان یکون اخی و وصی و خلیفتی

” خدا مون کي حڪم ڏنو آهي تہ هن پلائي واري ڪم ۾ اوهان کي شامل ڪيان، توهان مان ڪير آهي، جيڪو ان ڪم ۾ منهنجي وزن کي گهٽ ڪري تہ جئين هو منهنجو ڀاءُ بڻجي، منهنجو وصي ۽ منهنجو جانشين ٿئي“.

اهو اعلان ٻڌي سڀ خاموشي ٿي ويا صرف حضرت عليؑ جيڪو عمر ۾ سڀني کان ننڍو هيو اڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيو يا رسول اللهﷺ ان ڪم لاءِ مان حاضر آهيان. جنهن کان بعد رسول خدا خوش ٿيو ۽ حضرت عليؑ جو هٿ وٺي اعلان فرمايو:

ان هذا (عليؑ) اخي و وصي وخليفتي فيکم فاسمعوالہ واطيعو.

” هي (عليؑ) منهنجو (محمدﷺ) ڀاءُ ۽ وصي آهي ۽ توهان ۾ منهنجو خليفو آهي. توهان هن جي ڳالهہ ٻڌو ۽ جيڪو چوي اهو ڪيو“.

بلڪل ائين جئين الله ۽ رسول اللهﷺ فرمايو : ” تہ جيڪو محمدﷺ ڏئي اهو وٺو ۽ جنهن کان روڪي رڪجي وڃو.“

وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ (سوره الحشر 07)

هي بلڪل ائين ئي آهي تہ الله فرمايو ” هڪ توهان جو ولي مان الله آهيان، ٻيو رسول ۽ ٽيون جيڪو حالت رڪوع ۾ زڪوات ادا ٿو ڪري (عليؑ)

غدير خم

10 هجري ۾ آنحضرت پنهنجي زندگي ڏَ جو آخري حج ادا ڪرڻ فرمايو. حج کان واپسيءَ تي پاڻ سڳوراﷺ جڏهن غدير خم نالي هڪ وڏي ميدان ۾ پهتا. هتان چوڏگي نڪري پئي جتان مختلف رستا نڪرن پيا. هن حج تي پوري اسلامي دنيا کي خاص تاڪيد هئي تہ هن حج ۾ ضرور شريڪ ٿين. تاريخ لکي ٿي تہ هڪ لک ويهہ هزار صاحبين جو تعداد هيو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت پورو عرب مسلمان ٿي چڪو هيو.

غدير خم جي پهچڻ وقت حضرت جبرائيلؑ نازل ٿيو ۽ اهم پيغام کڻي آيو.

يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ مِن رَّبِّكَ ۖ وَإِن لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهُ ۚ وَاللَّهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ (المائدة: 67)

” اي پيغمبرﷺ! تنهنجي پروردگار جي طرفا جيڪو تون کي نازل ٿيو آهي. اهو ماڻهن تائين پهچا ۽ جيڪڏهن تون ائين نہ ڪيو تہ ڄڻ تون ڪوئي بہ رسالت جو ڪم نہ ڪيو! ۽ الله تون کي ماڻهن جي شر کان محفوظ ڪندو“.

هي حڪم اِلاهي ايڏو سخت ۽ واضح آهي ان تي تبصري ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪونہ آهي تہ هي اهڙو فرمان آهي جنهن جي سامهون نماز، روزو، حج، زڪوات، جهاد سميت سڀ فروع دين خاڪ بڻجي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ فروع دين جاري ٿي چڪا هيا ليڪن هي اهڙو عمل هيو جيڪو سڀنن کان افضل هيو. مسلمانن جي هر ڪتاب لکيو تہ هن آيت جي نازل ٿيڻ کان بعد رسول خدا پنهنجو قافلو روڪيو ۽ جيڪي بہ لنگهي ويا هيا انهن کي واپس ڪرايو ۽ جيڪي پوئتي هيا انهن جو انتظار فرمايو. جڏهن سڀ اصحاب سڳورا حاضر ٿي ويا تہ رسول پيغمبر ميمبر تي رونق افروز ٿيڻ فرمايو. ۽ هڪ ڊگهو خطبو ارشاد فرمايو.

"ڇا مان (محمدﷺ) هر مومن جو ولي نہ آهيان" هي اشارو سرڪار ﷺ جن ان آيت ڏانهن ڏيڻ فرمايو: " ألستُ أولىٰ بالمؤمنين من أنفسهم" يعني مومنن کي پنهنجي جان کان وڌيڪ عزيز نبيﷺ جن آهن. تہ بعد ۾ فرمايو :

من كنت مولاه فعلي مولاه اللهم وال من والاه وعاد من عاداه

"من كنتُ مولاه فهذا عليٌّ مولاه، اللهم والِ من والاه، وعادِ من عاداه،"

" جنهن جنهن جو مان (محمدﷺ) حاڪم ۽ سردار آهيان اُنَ اُنَ جو هي عليؑ حاڪم ۽ سردار آهي.

ان اعلان کان بعد هڪ عليحده جڳهہ تي عليؑ کي رسول خداﷺ ويهاريو ۽ تمام صحابہ کي حڪم ڏنو تہ عليؑ کي مبارڪ ڏيو ۽ هٿ تي بيعت ڪريو. سڀ صحابہ رضہ آيا انهن ۾ حضرت ابوبڪر ۽

حضرت عمر بہ موجود هيا جن مبارڪون ڏنيون ۽ هٿ تي بيعت ڪئي.
جڏهن بيعت پوري ٿي ويئي تہ الله جي طرفان هڪ ٻيو فرمان کڻي حضرت جبرائيلؑ نازل ٿيو.
سوره مائده آيت: 03
الْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِي
” اڄ جي ڏينهن تي مان توهان لاءِ توهان جي دين کي مڪمل ڪيو ۽ مان توهان تي پنهنجون نعمتون پوريون ڪري ڇڏيون“.
خم غدير جي تقريب جو ڪو هڪ راوي نہ پر هزارين راوي آهن. اسلام جي هر ننڍي وڏي ڪتاب ۾ درج آهي. مان ان کي تقريب ان ڪري چيو جو هن ڏينهن تي نبوت جو سلسلو ختم ۽ امامت جو سلسلو شروع ٿيو. هي اختيارات جي منتقلي جي تقريب هئي.
(It was transfer of power ceremony) اسلام جنهن جي شروعات حضرت آدم ؑ ڪئي ۽ ان دين جي تڪميل حضرت محمد ﷺ تي ٿي. وحيءَ جو نزول بند ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ جيڪي نعمتون اچڻيون هيون سي اچي ويون ۽ هاڻي ان کي سنڀالڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جي ضرور هيو ۽ امام جو اصلي ڪم حفاظت ڪرڻ بہ آهي. رحمٰن جو ۽ شيطان جو جهگڙو تہ آدم ؑ کي خليفو بڻائڻ وقت شروع ٿي چڪو هيو. خلافت الله جو وڏي ۾ وڏو منصب آهي. نبي، رسول، پيغمبر يا امام اهي سب الله جا خليفہ آهن. الله انهن کي پنهنجو نائب سڏيو

آهي. تنهن ڪري شيطان ڪئين برداشت ڪندو جو آدم ؑ جي اولاد امن ۽ سڪون سان رهي.

آيت تبليغ ۾ الله تعاليٰ وَاللَّهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ يعني الله تون کي ماڻهن جي شر کان محفوظ رکندو ظاهر ڪري ٿو تہ علي ؑ جي خلاف ڪيتري سازش پڇي رهي هئي. جيڪي سيني صحابہ کي حبنتي چون ٿا تہ انهن کي سوال آهي تہ ان ميدان ۾ حاجي سڀ صحابي سڳورا هيا. هي ڪير هيا جن لاءِ حضور اڪرم ﷺ جن کي ڊيڄ هيو ثابت ٿيو تہ ٽولا اندر اندر ۾ نهي چڪا هيا بس رسول خدا جي رحلت کان فورًا بعد ظاهر ٿيا هيا. ان آيت جي نزول وقت تہ ڪوبہ ڪافر نہ هيو ڇاڪاڻ تہ مڪہ فتح ٿي چڪو اسلام جا وڏا دشمن بظاهر مسلمان ٿي چڪا هيا.

حضرت علي ؑ جي باري ۾ ڪجھ حديثون

عن ابن عباس قال : قال رسول الله

علي ولي کُل موُمن من بعدي.

"ابن عباس روايت ڪري ٿو تہ : رسول خدا ﷺ فرمايو:

مون کان بعد علي ؑ موُمن جو مولا آهي.

ڪجھ متعصب مولوي مولا جي معنيٰ دوست لکن ٿا.

انهن کان سوال ڪجي ٿو تہ "ڇا علي ؑ غدير کان پهريون ابوبڪر رض عمر رض جو دوست نہ هيو ڇا؟ ڇا الله علي ؑ کي مومنن سان دوستي

رکڻ لاءِ آيت نازل ڪئي؟ ڇا توهان رسولﷺ جي غلاميءَ مان نڪري ويا آهيو؟ جو رسول ﷺ جا دوست آهيو. سوره الحجرات پڙهو.
ڇا توهان رسولﷺ جي برابري ڪريو ٿا؟ "
قرآن تہ ٻڌائي تو رسولﷺ توهان جي جانين تي توهان کان وڌيڪ حق رکي ٿو. تہ پوءِ توهان کان اهو حق کسڻ گهرو ٿا؟ يقناً توهان ائين نہ ٿا ڇئي سگهي جيستائين اسلام جي دائري اندر آهيو. تہ پوءِ ساده ماڻهن کي گمراھ ڪرڻ بند ڪيو.
امام زين العابدينؑ

امام زين العابدينؑ کان روايت آهي

قال: سمعت ابي بحدّث عن اليہ أمير المؤمنين علي بن أبي طالب قال : سمعت رسول اللهﷺ يقول : يا علي! والذي فلق الحبة، وبرأ النسمة، إنك لأفضل الخليقة بعدي
" امام زين العابدينؑ فرمائي ٿو تہ مان پنهنجي والد گرامي کان ٻڌو ان پنهنجي والد بزرگوار کان نقل ڪيو تہ رسول خداﷺ فرمايو : مون کي قسم آهي ان خدا جو جنهن داڻي کي چيرپو ۽ جانورن کي پيدا ڪيو. تون عليؑ مون کان بعد مخلوق ۾ سب کان وڌيڪ افضل آهين"
اهو ڇو نہ هجي؟ عليؑ هن قوم ۾ هارونؑ جي مثل آهي. ڀلا! بني اسرائيل ۾ ڪوئي دعويٰ ڪري سگهي تو تہ موسيٰؑ کان بعد ڪوئي

هارونؑ کان سواءِ افضل آهي. ليڪن هتي مولوي تہ ڪوڙيون حديثون گهڙي ٿو.

دشمن علي بدبخت هوندو آهي

يا عليّ! أنتَ أخي وأنا أخوك،
يا عليّ! أنتَ منّي وأنا منك،
يا عليّ! أنتَ وليّي وخليفتي وحجّةُ الله على أُمّتي بعدي،
لقد سَعِدَ من تولاكَ، وشَقِيَ من عاداكَ.

" اي عليؑ! تون منهنجو ڀاءُ آهين، ۽ مان تنهنجو ڀاءُ آهيان، تون مون مان آهين ۽ مان تون مان آهيان.

اي عليؑ! تون منهنجو وصي ۽ خليفو آهي، تون مون کان بعد اُمت تي خدا جي حجت آهين. اهو يقينا هدايت وٺي ويو جنهن تون سان دوستي ڪئي ۽ اهو بي نصيب ٿيو جنهن تون سان دشمني ڪئي.

(امالي شيخ صدوق، مجلس ۵۷، حديث ۱۲)

عليؑ منهنجو جانشين آهي.

حدّثني سلمانُ الفارسيُّ رضيَ اللّٰهُ عنہ أنَّ نبيَّ اللّٰهِ ﷺ قال:
إنَّ أخي ووزيري وخيرَ من أخلّفُہ بعدي عليُّ بنُ أبي طالبؑ.

(صحيح سندسان) سلمان فارسَيؓ چوي ٿو: مان رسول اللهﷺ کان ٻڌو تہ پاڻ حضورﷺ جن فرمايو:

”علي ابن ابي طالبؑ منهنجو ڀاءُ ۽ وزير ۽ سب کان بهترين جانشين آهي. “
(امالي شيخ صدوق، مجلس ۵۵، حديث ۵)
مطلب تہ اهڙيون بيشمار حديثون آهن جنهن رسول خدا ﷺ حضرت علي ابن ابيطالب ؑ کي پنهنجو ڀاءُ، پنهنجو وحسي، پنهنجو خليفو ۽ بهترين جانشين فرمائي تعارف ڪرايو آهي. ڇا مولي صاحب کي رسول خدا ﷺ پاڻ اچي ٻڌائي؟
الله تعاليٰ ئي هدايت ڪرڻ وارو آهي.
الله جي مصطفيٰ ٻانن جي نشاني اها هوندي تہ اهي عليم هوندا آهن انهن ۾ نبي، پيغمبر، امام، ولي ۽ صالحين هوندا آهن، اهي دنيا ۾ اچڻ سان ئي عالم هوندا آهن، ان جو سهڻو مثال حضرت عيسيٰؑ آهي جنهن والده گرامي بيبي مريم جي گود ۾ ويهي فرمايو تہ مان الله جو نبي آهيان، صاحب ڪتاب آهيان ۽ عليؑ ڪعبة الله ۾ اچڻ سان ئي رسول خداﷺ کي فرمايو! يا رسول الله ڇا ٻڌايانءِ توريت، زبور يا قرآن يا انجيل يا ڪو ٻيو صحيفو.
توهان سوال ڪندو تہ ڀلا اهو ڪئين؟ قرآن جو نزول تہ پرتي آهي. تہ ان جو سادو جواب آهي تہ انجيل تہ اڃا عليؑ تي نازل ئي ڪونہ ٿيو هيو. ياد رکو! اهي سڀ ڪتاب ”ام الڪتاب“ ۾ لکيل هيا. ان ڪري جانشين چونڊڻ وقت ڀهريائين عليم تہ آٹن. ۽ چونڊ جو حق الله انا تن کي نہ ڏنو آهي اهو اختيار صرف پاڻ وٽ محفوظ رکيو آهي. مثلاً

سورة القصص آيت نمبر 68 ارشاد ٿيو!

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ وَيَخْتَارُ ۗ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ۚ سُبْحَانَ اللَّهِ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ

" ۽ توهان جو پروردگار جيڪو چاهيندو آهي خلق ڪندو آهي ۽ جنهن کي چاهيندو آهي ان کي مختار بڻائيندو آهي. انهن (ماڻهن کي) اهو حق حاصل نہ آهي. تہ هو جنهن کي چاهن ان کي مختار (امام، خليفو) بڻائن." الله جمهوريت کي رد ڪري ٿو. الله جي ڌرتيءَ تي الله جو نظام هلندو.

بادشاهي الله جي آهي

هن پوري ڪائنات تي بادشاهي الله جي آهي تہ حڪمراني بہ ان جي هوندي. هو پاڻ ڌسڻ ۾ نہ ايندو آهي ليڪن هن پنهنجا مظهر خلق ڪيا آهن جيڪي الله جي حڪمن کي زمين تي نافذ ڪندا آهن. الله انهن جو نالو خليفو، نبي، امام، رسول ۽ صالحين رکيو آهي. ليڪن ڌرتيءَ تي انسانن پنهنجو پاڻ کي خدا سڏرايو جئين نمرود، فرعون وغيره. مسلمان چئبوئي ان کي آهي جيڪو الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪري. طاغوٰني طاقتن کان بيزاريءَ جو اعلان ڪري. رحمٰن جي پيروي ڪري نہ ڪي نفس جي. الله انسانن جي ڀلائي لاءِ هادي بڻايا ليڪن هنن تہ نفس جي پيروي ڪئي. الله باطن آ ۽ محمد وَ آل محمد ﷺ ان جا مظهر آهن. هاڻ اسان وٽ بہ رستا آهن.

هڪ تہ نفس ۽ شيطان جو رستو جيڪو الله جي حاڪميت جو انڪاري آهي.

ٻيو رستو محمد وَ آل محمد ﷺ جو آهي. جيڪو الله جي بادشاهيت جو درس ڏئي ٿو. جيڪو دنيا کي نائي ۽ عارضي سڏي ٿو. جيڪو اسان کي اَبدي زندگيءَ جي راهہ ڏيکاري ٿو. جيڪو الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداري سيکاري ٿو.

حضرت عليؑ راسخون في العلم آهي.

سوره آل عمران آيت 07 :- ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن بايت آ گاهي ڏني آهي تہ هن قرآن ۾ ٻن قسمن جون آيتون آهن. هڪ متشابهات ۽ ٻيون محڪمات. محڪمات جي معنيٰ سڌي ۽ صاف هوندي آهي. جنهن کي هر پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. ليڪن متشاهبات (شق ۾ وجهڻ) واريون اهي آيتون هونديون آهن جنهن جي ظاهري معنيٰ هڪ ۽ باطني معنيٰ ٻي هوندي آهي. يعني اهي آيتون جنهن کي پڙهڻ وارو شق ڏيکاري ۽ الله فرمائي ٿو تہ جيڪي منافق هوندا اهي انهن متشامهيات آيت جو غلط مطلب ڪري ماڻهن کي ورغلائيندا.

ارشاد رب العزت ٿيو!

وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيلَهُ إِلَّا اللَّهُ ۗ وَالرَّاسِخُونَ فِي الْعِلْمِ يَقُولُونَ آمَنَّا بِهِ كُلٌّ مِّنْ عِندِ رَبِّنَا ۗ وَمَا يَذَّكَّرُ إِلَّا أُولُو الْأَلْبَابِ (سوره آل عمران آيت 07)

” حالانڪ انهن جي تاويل جو حڪم صرف اللّٰه کي آهي ۽ انهن کي جيڪي راسخون في العلم آهن“.

خدا تاويل جو حڪم صرف راسخون في العلم کي ڏنو آهي. اهي حسيتون جيڪي وَفوقَ ڪُل ذِي علم عليم (يوسف 76). يا انهن کي آهي جيڪي سَلوني سَلوني جي دعويٰ ڪن ٿا. حضرت عليؑ نهج البلاغہ ۾ اها دعويٰ ڪئي آهي تہ ” اي معاويہ! مان علي قرآن جي ظاهر کي بہ ڄاڻان ٿو ۽ باطن (لڪيل) کي بہ ڄاڻان ٿو. مان عليؑ راسخون في العلم آهيان. (خط 142)

خلافت ۽ امامت جو معيار قرآن ۾ انهن کي ڏنل آهي جيڪي راسخون في العلم آهن نہ ڪي اهي جنهن کي اللّٰه سورة البرائت جون چند آيتون تبليغ ڪرڻ جو حق ۾ نہ ڏنو هجي ۽ رسول خدا ﷺ اللّٰه جي حڪم تي ابوبڪر کان اهي آيتون کسي عليؑ جي حوالي ڪيون هجن دين اسلام جو دستور (constitution) قرآن آهي ۽ جيڪو انسان آئين کان نا واقف هجي ان کي قرآن جو رکهوالو ڪئين ٿو بڻائي سگهجي. ذرا سوچو! اهو اللّٰه جو ۽ ان جي رسول ﷺ جو نمائيندو ڪئين ٿو بڻي سگهي. ذرا سوچو!

قرآن ۽ علي جو تعلق :-

ان کان اڳ اسان عليؑ ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ جي تعلق جي ڄاڻ وٺنداسين. هونءَ تہ رسول خداﷺ رحمة العالمين هيو. جنهن جو هر

هڪ سان شفيق رويو هوندو هيو هر جاٽيندڙ انسان پاڻ سڳورنﷺ جا ساٿي هوندا هيا ليڪن عليؑ سان پاڻ سائينءﷺ جن جو تعلق نرالو هيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ منهنجو ۽ عليؑ جو تعلق اهو ئي آهي جيڪو هارونؑ جو موسيٰ سان هيو. هاڻي ضروري آهي تہ حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت هارونؑ جي تعلق کي قرآن سان پرکجي. تہ قرآن انهن ٻنهي کي ڀاءُ سڏيو آهيا. جيتوڻيڪ تہ هو پاڻ ۾ سؤٽ هيا. الله ٻنهيءَ کي گڏ نبوت عطا ڪئي. ۽ سوره النساءِ آيت نمبر 47 گواھ آهي تہ آسماني ڪتاب يعني توريت بہ ٻنهي تي نازل ٿيو.

اسان عام ۽ خاص طورتي ائين چوندا آهيون توريت حضرت موسيٰؑ تي نازل ٿيو. ليڪن الله چوي ٿو تہ مان انهن ٻنهي جي مٿان نازل فرمايو.

وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَىٰ وَهَارُونَ الْفُرْقَانَ (سوره النساءِ آيت 47)

” ۽ اسان يقينًا موسيٰؑ هارون ؑ کي جدا ڪرڻ واري ڪتاب (توريت) عطا ڪئي“.

ائين رسول خداﷺ فرمايو تہ منهنجو ۽ عليؑ جو تعلق هارونؑ ۽ موسيٰؑ وارو آهي. هيءَ حديث پاڪ جنهن تي وڏا وڏا اصحاب سڳورا ﷺ حسرت ڪندا هيا تہ ڪاچ! اها فضليت اسان کان بہ ملي ها!

__عليؑ امام مبين آهي.__

امام محمد باقرؑ کان روايت نقل آهي تہ:

لما نزلت هذه الآية علي رسول الله ﷺ
وَكُلَّ شَيْءٍ أَحْصَيْنَاهُ فِي إِمَامٍ مُّبِينٍ (سورة يس، آية 12)
قام رجلان من مجلس هما فقال :
"يا رسول الله! هو التوراة؟" قال: لا.
قال: "فهو الإنجيل؟" قال: لا.
قال: "فهو القرآن؟" قال: لا
يا رسول الله! موالتواة؟ قال : لاءِ قال: فهوالانجيل؟
قال : لاءِ قال: فهوالقرآن؟ قال: لا،
فاقبل أمير المؤمنين علي بن أبي طالبؑ فقال رسول الله ﷺ:
"هو هذا، إنه الإمام الذي أحصى الله فيه علم كل شيء".
" (صحيح سند سان) حضرت امام محمد باقرؑ فرمايو :
جڏهن هيءَ آية نازل ٿي ته ٻه ماڻهون اٿي بيٺا ۽ سوال ڪيائون: يا رسول الله! ڇا اها توريت آهي رسول الله فرمايو ته انهن پڇو ته: اها انجيل آهي؟ پاڻ سڳورن فرمايو: انهن سوال ڪيو ته يا رسول الله اهو قرآن آهي؟ پاڻ سڳورن فرمايو: نه.
ايتر ۾ حضرت عليؑ ڪي ڏسي فرمايو: ڏسو! هي امام مبين آهي، جنهن ۾ خدا هر شيءِ جو علم محفوظ ڪيو آهي. (امالي شيخ صدوق، مجلس ٣٢، حديث ۵).
حضور اڪرم ﷺ جن اُمت کي قرآن ۽ عليؑ اولاد علي جي حوالي ڪيو ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي هڪ ٻئي سان گنديل آهي جيڪي ڪڏهن به جدا ٿيڻ وارا نه آهن. يعني عليؑ قرآن جو تعلق فطري ۽ اَبدي آهي.

ولايت الله، رسول ﷺ ۽ عليءَ

الله هن ڪائنات جو اڪيلو خالق ۽ مالڪ آهي. هن جي ولايت ۽ قدرت ڪائنات جي هرشيءِ تي آهي. هر هن ڪائنات ڪي هلائڻ لاءِ ڪنهن جو محتاج نہ آهي. هو اڪيلو ڪافي آهي تہ هن ڪائنات ڪي ملائي. هو لاشريڪ آهي پر هن لاشريڪ چاهيو تہ پنهنجي ولايت ۾ پنهنجي حبيب محمدﷺ کي شريڪ ڪيان ان ڪي جيڪي محمدﷺ کان ڪڏهن بہ جُدا نہ آهن. قرآن ۾ آيو.

إِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللَّهُ وَرَسُولُهُ وَالَّذِينَ آمَنُوا الَّذِينَ يُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَهُمْ رَاكِعُونَ (سوره المائده ۵۵)

” (اي ايمان) توهان جو ولي بس الله آهي ۽ ان جو رسول ﷺ آهي ۽ اهو مومن توهان جو ولي آهي جو نماز قائم ڪري ٿو ۽ حالت رڪوع ۾ زڪواة ڏي ٿو“.

هتي ولي معنيٰ آهي. يعني حاڪميت هن ڪائنات تي الله جي ان جي رسول ﷺ جي ۽ علي ابن ابي طالب جي مسلمانن جا تمام تفاسير متفق آهن تہ هيءَ آيت ولايت عليءَ جي ئي شان ۾ نازل ٿي جڏهن عليءَ نماز پڙهڻ جي دوران هڪ فقير کي پنهنجي منڊي خيرات ۾ ڏني.

ولايت جو دائرو

اسان جيڪڏهن نبين جي ولايت ۽ محمد وَ آل محمد جي ولايت جو تقابل ڪبو تہ بني اسرائيل جي نبين جو دائرو صرف هڪ قوم تي مشتمل آهي انهن مان صرف حضرت ابراهيمؑ کي انسانن جو امام بڻايو. ليڪن هو بہ ڪائنات جو امام نہ هيو ليڪن محمد وَ آل محمد ﷺ دائري کي آيت ولايت سان پرکبو. ۽ آيت ولايت تہ الله جي ولايت آهي ۽ الله جي ولايت پوري ڪائنات تي آهي. جيڪو ڪجھ زمينن تي ۽ آسمانن ۾ ۽ ان جي درميان ۾ آهي. ان ڪري تہ مولائي ڪائنات علي ابن ابي طالبؑ ميمبر ڪوفہ تي ويهي اها دعويٰ ڪئي هئي تہ پُڇو پُڇو عليؑ کان پُڇو مان عليؑ زمين کان وڌيڪ آسمان جي خبر رکان ٿو. آقاءِ ۽ محمدﷺ کي ۽ مولیٰ عليؑ کي اسان مولائي ڪائنات چوندا آهيون تہ بلڪل صحيح چوندا آهيون. ڇاڪاڻ تہ محمدﷺ جن رحمة العالمين آهن يعني جتي جتي الله جي قدرت آهي اُتي اُتي محمد ﷺ جي رحمت آهي. ۽ جتي جتي رحمت آهي اُتي عليؑ جي ولايت آهي. تنهن ڪري هنن جي ولايت پاڻيءَ هواءِ زمين ۽ آسمان تي آهي.

بني اسرائيل جي نبين کان علاوه جن نبين کي نبوت عطا ڪئي ويئي اهي خاص علائقن ۾ موڪليا ويا مثلاً : حضرت هود عاد قوم لاءِ حضرت صالح ثمود قوم لاءِ ۽ شعيبؑ لوط ۽ يونس وغيره. بہ خاص ڳوٺن ۾ نبي ڪري موڪليا ويا.

امام دين جو محافظ هوندو آهي!

اسلام الله جو پسنديده دين آهي. الله انسان جي هدايت لاءِ پنهنجي خليفن کي مبعوث فرمايو. الله جڏهن ارادو فرمايو تہ مان آدم کي خلق ڪيان تہ فرمايو:

إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً

”مان زمين تي خليفو بڻائي رهيو آهيان“ (سوره بقره آيت 30)

الله آدمؑ کي ”خليفو“ ڪري پڪاريو ۽ بعد ۾ نبي ﷺ ۽ رسولﷺ بڻايو يعني الله جي طرفان پهريون خليفو (نائب) هوندو آهي. جنهن جو بنيادي ڪم اهو هوندو آهي تہ هو الله طرفان مليل پيغام ماڻهن تائين پهچائي ۽ پوءِ ماڻهن جي مرضي هوندي تہ الله جي راهہ تي هلن يا هو شيطان ۽ نفس جي پيروي ڪندي گمراهي ۾ هليا وڃن ائين هڪ نبيءَ کان بعد ٻيو نبي، پيغمبر ايندو رهيو ٿورا ماڻهون سڌي راهہ تي هلندا هيا باقي اڪثريت نفس جي پيروي ڪندا هيا. اڪثر ڪري هڪ نبيءَ جي پويان ٻي نبيءَ ۾ وقت لڳندو هيو تنهن ڪري اتان جا عالم، پڙهيل لکيل ماڻهون ان ڪم کي اڳتي وڌائيندا رهيا. الله هر نبيءَ تي صحيفہ نازل ڪرڻ فرمايا. ليڪن حضرت موسيٰ ؑ ۽ هارون ؑ ئي هيا جن تي الله آسماني ڪتاب يعني توريت نازل ڪرڻ فرمايو. جيڪو مڪمل ضابط حيات هيو پهريائين تہ ماڻهن ونڻ کان انڪار ڪيو پوءِ الله عذاب جي دهمڪي ڏني ۽ هنن قبول ڪيو. (سوره الطور، سوره القصص). ڪتاب ڏکهو هيو ان

کي ياد ڪرڻ مشڪل هيو. لحاظ نبين کي اهو ياد هوندو هيو. ٻيو ڪتاب زبور حضرت داؤد تي نازل ٿيو جيڪو صرف مناجات تي مبني هيو ان ۾ شريعت جو ڪو بہ حڪم نہ هيو. يعني بني اسرائيل جو پورو دارو مدار وجي حضرت موسيٰ جي ڪتاب توريت تي ٿيو.
عراق جي هڪ بادشاھ بخت نصر بيت المقدس تي حلمو ڪيو جنهن ۾ لکين يهودي مارجي وياءِ لکين ٻڪرين ۽ رڍن وانگر هڪلي بيبوليہ قيد ڪري ويو. سڀ تورات جا قلمي سخہ ساڙي ڇڏيا. ستر سال کان پوءِ ايراني بادشاھ جي مدد سان هنن بيت المقدس کي آباد ڪيو حضرت غذير جيڪو اللہ جو بني هيو ان کي اللہ سو سالن لاءِ ننڊ ڏئي ڇڏي. هن حضرت عذير توريت کي ٻيهر لکرايو. حضرت عذير کان بعد اهي ڪجھ نسخہ تيار ٿيا جيڪي چند يهودي عالمن وٽ موجود هيا. هاڻي ڪنهن بہ يهوديءَ کي ڪوئي شريعي مسئلو پيش اچي پيو تہ هو يهودي عالمن کان رُجوع ڪن پيا ۽ يهودي عالم چند پئسن جي عوض مَن گهڙت ڳالهيون ٻڌائيندا هيا ۽ ان کي ڪتاب سان مسنوب ڪندا هيا. يعني عالمن اللہ جي ڪلام کي آلودو بڻائي ڇڏيو.
ارشاد رلب الفرت آ سوره التؤبه.
” مومنو! گهڻا عالم ۽ مشائخ ماڻهن جو مال ناحق کها ئيندا آهن“
۽ (سوره جمعہ آيت نمبر05) ۾ ارشاد ٿيو.
مَثَلُ الَّذِينَ حُمِّلُوا التَّوْرَاةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ أَسْفَارًا

” جن ماڻهن تي تورات جو بار کڻايو ويو اهي بار کڻي نہ سگهيا ان جو مثال گڏھ وانگر آهي جنهن تي ڪتابن جو بار رکجي. جن خدا جي آيتن جي بي حرمتي ڪئي انهن جو بہ کهڙو بُرو مثال آهي“
الله هڪ ٻئي يهودي عالم کي ڪُتي جي مثل قرار ڏنو. هي بهي بلعم بن بعوره هيو جيڪو بني اسرائيل جو وڏي ۾ وڏي عالم هيو حضرت موسيٰ ۽ هارون کا بعد الله ان تي بي انتها مهربان هيو ۽ هن کي هڪ اسم اِعظم جو علم سيکاريو. هو جيڪا بہ دُعا گهرندو هيو الله فورًا قبول فرمائيندا هيو. هن عالم تي زور پريو ويو ۽ تمام گهڻي مال و دولت جي آڇ ڪئي تہ هو حضرت موسيٰؑ لاءِ دُعا گهري تہ جئين هو مري وڃي پهريون تہ انڪار ڪيو پر پوءِ دولت جي لالچ ۾ اچي بد دعا گهري پر زبان ان جو ساٿ ن ڏنو. ۽ زبان نڪري ٻاهر هلي آيس ۽ بلڪل ڪُتي وانگر پيو لڳي. تنهن ڪري الله هن کي ڪُتو قرار ڏنو. حالانڪ وڏو عالم هيو. الله فيصلو ڪيو تہ هاڻي دين جي ذميواري لاءِ هڪ پاڪ، صاف، شفاف، گناهن کان پاڪ خاندان پيدا ڪيان. ڇاڪاڻ تہ محمدﷺ آخري نبيﷺ آهي ۽ ٻيو ڪوئي نبي اچڻو نہ آهي. هي ڪتاب الاهي بہ آخري آهي. الله اهلبيت کي نور مصطفيﷺ مان بڻايو ۽ پوري خاندان کي پاڪ وطاهر بڻايو هر رجس کان پاڪ ڪرڻ فرمايو. ان ڪري تہ محمد مصطفيﷺ جي مشهور حديث آهي.
اولنا محمد، وَ آخر نا محمد، وَ اوستنا محمد وڪلنا محمدﷺ.

" اسان جو پهريون بہ محمد، آخري بہ محمد، وچون بہ محمد ۽ اسان
ڪل جو ڪل محمدﷺ آهيون".

امامت ڪوئي خيالي نظريو نہ آهي؟

گذريل صفات ۾ اهو ثابت ٿيو نہ امامت شعين جو گهڙيل نظريو نہ
آهيا پر اهو دين جو اهم ٿنڀو (Pillar) آهي.
امام دنيا جو نظم ضبط هلائيندو آهي. اسان جو اهو پڪتو يقين
آهي هر شيءَ جو مالڪ، خالق، رزاق رب تعاليٰ جي ذات آهي. الله
سوره المائده ۾ ارشاد فرمايو تہ الله جي اطاعت ڪريو ۽ اولي الامر
جي اطاعت ڪريو. اطاعت ان جي ٿيندي آهي. جيڪو ڏسڻ ۾ ٻڌڻ ۾
اچي الله تہ بي نياز آهي ان ڪري الله پنهنجا مظهر خلق ڪيان ۽
انهن جي اطاعت کي پنهنجي اطاعت سڏيو. جئين
قُلْ إِن كُنتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ (سوره آل عمران. ٣١)
" اي رسولﷺ! انهن ماڻهن کي چئي ڇڏ جي الله سان محبت رکو
ٿا تہ توهان مان (محمدﷺ) جي پيروي ڪريو تہ جئين الله توهان
سان محبت ڪري."
الله هن حڪم سان ماڻهن جو رُخ رسول خداﷺ ڏانهن ڪريو. بس
جئين هوڪري توهان بہ ائين ڪريو. هن ٻي آية ۾ حڪم ڏنو تہ
رسولﷺ جيڪو بہ توهان کي ڏئي توهان اُن کان ونو بغير ڪنهن
سوال جي ونو ۽ مجيون ۽ رسولﷺ غدير ۾ عليؑ جي امامت ۽

ولايت ڏني. ۽ اهلبيت ۽قرآن ڏنو. ارشاد رب العزت آ. (سوره حشر آيت ٧)

وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاكُمْ عَنْهُ فَانتَهُوا

” رسول اللهﷺ جو ڪجهہ بہ حڪم ڏي اهو قبول ڪريو ۽ جنهن ڪي شيءِ ڪان منع فرمائي ان ڪي ڇڏي ڏيو.“

تاريخ گواھ آهي تہ صلع حُديبيہ وقت حضرت رسول الله ﷺ جي فيصلي کي غلط قرار ڏنو.

بستر بيماري جي حالت ۾ رسول اللهﷺ قلم ۽ ڪاغذ جي گهر ڪئي تہ حضرت عمر شور ڪرڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي چڪو هيو تہ عليؑ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪرڻ وارو هيو. ليڪن زبان مبارڪ سان اُمت کي اهلبيتؑ جي سپرد ڪري ڇڏيو. رسول الله تہ اُمت کي عليؑ ۽ اولاد علي جي امامت ڏني، هاڻي هو وٺندا تہ الله جا فرمانبردار سڏبا ورنہ فروعون، شداد، هامان، قارون، نمرود جهڙا سڏيا.

الله جي حاڪميت جو انڪار ڪيو. الله انهن سان جهڳڙو نہ ڪيو پر آخرت جي عذاب جو واعدو ڪرڻ فرمايو. هي واقعو صياح سته جي ڪتابن ۽ ڪتاب تجلي ۾ تفصيل سان لکيل آهي.

حضرت آدمؑ ڪان حضرت عسيٰؑ تائين هڪ گهٽ هڪ لک چوويهہ هزار نبيؑ مبعوث ٿيا ليڪن الله اهڙا اختيار ڪنهن کي نہ ڏنا جيڪي اسان جي پياري محمدﷺ کي عطا ڪرڻ فرمايو. سوره نجم ۾ ارشاد فرمايو!

منهنجو حبيب (محمدﷺ) وحي کان سواءِ نہ ڳالهائيندو آهي. يعني اهو شق بہ ختم ٿي ويو تہ رسول الله ذاتي رشتداري جي خاطر حسينؑ کي ڪُلهن تي کڻندا هيا. اهو ڪوئي ذاتي حيثيت سان نہ هيو. ۽ نہ حسينؑ پٽ جي پيار خاطر وينو. نہ رسول خدا نماز کي ڊگهو محبت ۾ ڪيو هيو. اوهان سڀ تاريخون پڙهو تہ هي سڀ ڪجھ الله جي منشا سان ٿي رهيو هيو. ڇاڪاڻ رسولﷺ الله حسينؑ جو بلند مقام ٻڌائڻ گهري پيو. نبوت جي مٿان امامت سوار هئي. ۽ ڇا دنيا ان کان اڳي اهو منظر نہ ڏٺو هيو تہ محمد ﷺ عليؑ کي پنهنجن ڪلهن مبارڪ تي سوار ڪيو ۽ عليؑ ڪعبة الله جو "حُبل" نالي بت ڪيرايو هيو. ڇا اها حقيقت نہ آهي تہ رسول اللهﷺ خطبو ڏيندو هيو ۽ وچ خطبي ۾ حسنؑ يا موليٰ حسينؑ ايندا هيا تہ پاڻ سڳورا ﷺ خطبو ڇڏي وڃي حسينؑ کي کڻندا هيا. اصحاب سڳورا رضہ اسرار ڪندا هيا تہ اسان کڻون ليڪن رسول خداﷺ انهن جو استقبال ڪري هڪڙو واضع پيغام ڏيڻ چاهيندا هيا. تاريخ جو ورق، ورق گواهہ آهي تہ جڏهن بہ سندن نياڻي فاطمه الزهره ايندي هئي پاڻ حضورﷺ جن اٿي بيهي استقبال ڪندا هيا. بيبي عائشہ سميت ڪجھ ٻيا بہ حيران هوندا هيا تہ هي دنيا جو پهريون پيءُ آهي جيڪو ڌيءُ جي احترام ۾ اُٿي بيهي ٿو.

امام محافظ هوندو آهي ۽ اهو منصوب من آهي.

الله جا جيڪي نمائيندا آهن انهن جا مختلق عهدا رکيا ويا آهي.

1. نبي: يعني جيڪو الله کان خبر وني.

2. رسول : جيڪو اها خبر ماڻهن تائين پهچائي.

3. امام : جيڪو دين جي حفاظت ڪري.

قرآن ۾ ڪيترين ئي آيتون آهن جن ۾ الله رسول خدا کي فرمايو ته تون بشير ۽ نذير آهين. تنهنجو ڪم صرف پيغام پهچائڻ آهي.

جڏهن پيغام پهچي چڪا ۽ دين مڪمل ٿي چڪو ته هو هڪ وڏي نظام ۾ تبديل ٿي ويو يعني مڪمل ضابط حيات بڻجي ويو. ان جو قيامت تائين صحيح حالت ۾ رکڻ جي ذميواري امامت کي ڏني ويئي. ان کي هر شر کان محفوظ رکڻ منصب امامت ۾ رکيو ويو. الله تعاليٰ هر امام تي عليحده، عليحده صحيفه نازل فرمايا. جيڪي وڏي "صحيفه علي" ۾ موجود آهن. هر امام کي پنهنجي حصي جو ڪردار لکيل مليو.

ان موضوع کي تفصيل سان مطالعي لاءِ پڙهو.

ڪتاب عيون اخبار رضا.

انهيءَ ڪري جڏهن دين جي چهري کي پگاڙڻ جي يزيد ابن معاويه ڪوشش ڪئي ته ڪوئي ته ڪوئي اصحاب الرسولﷺ ان کي روڪڻ لاءِ اُٿيو سواءِ وقت جي امام يعني حضرت امام حسينؑ جي هونءَ ته امر باللمعروف ونحي عنالمنڪر جي حڪم مطابق ته هر مسلمان تي اهو فرض هيو ته هو ان حملي جو جواب ڏين ۽ دين جي حفاظت ڪن. پر هن خاموش اختيار ڪئي ۽ يزيد جي بيعت ڪئي. حضرت عبدالله ابن عمر، حضرت عبدالله ابن زُبير مڪي رهڻ جي صلاح ڏني. ۽ انهن مصلحتن ڪان ڪم ونن جي تلقين ڪئي ليڪن

اهو چئي حسينؑ ٻاهر نڪتو تہ منهنجي ناني جي وحيءَ تي حملو ڪيوآهي. مان ضرور ان ڪي جواب ڏيندس موليٰ جنگ ڪرڻ لاءِ نہ نڪتو پر بيعت جي انڪار ڪي پختي ڪرڻ لاءِ نڪتو. يزيد بدڪار هيو ليڪن اصل اعتراض نہ هيو. گنهگار تہ پهريون بہ خليفہ گذري چڪا هيا ليڪن انهن دين جي روح تي حملو ڪونہ ڪيو هيو. شايد انهن لاءِ اهو موضوع وقت ڪو نہ هيو. هنن معاويہ ۽ يزيد جي طاقت ڪي هٿي ڏني ۽ سادات ڪي ڪمزور ڪيو. ماڻهن ڪي سهولتون ڏئي پنهنجي طرف مائل ڪيو ۽ جڏهن يزيد حڪمران بڻيو تہ اهلبيت جا حامي چند مخلعس شيعان عليؑ رهيا. حتاڪ اصحاب ۽ ان جي اولاد بہ دين جي معاملات ڪي اهميت نہ ڏني. امام حسينؑ جي بيعت جي انڪار ڪي هنن اقتدار جي ويڙھ سمجهي.

يزيد بيعت جو اسرار ڇو ڪيو؟

تاريخ گواھ آهي تہ پوري اسلامي دنيا يزيد جي بيعت ڪري چڪي هئي. معاويہ ڄاڻي پيو تہ يزيد ڪي ڇا ڪرڻو آهي. ان ڪري يزيد ڪي وصيعت ڪئي هيائين تہ مان پوري عرب ۽ عجم ڪي تنهنجو تعبيدار بڻايو آهي پر پوءِ بہ تون حسينؑ ابن عليؑ ڪان بيعت ضرور ونجاءِ يعني حسينؑ مان حڪومت ڪي ڪوبہ خطرو نہ هيو. يزيد بدڪار هيو يا جواري هيو ان جو امام حسينؑ سان ڪوئي تعلق نہ هيو ليڪن يزيد بحيشيت خليفہ وقت يعني جانشين پيغمبرﷺ

اعلان ڪيو هيو تہ محمدﷺ مصطفيٰ تي ڪابہ وحي نازل نہ ٿيندي هئي. اهو محض هاشمين جو ڍونگ آهي. ماڻهن جي نظر ۾ تہ هو دين جو اڳواڻ هيو ۽ جيڪڏهن ان ڳالهہ جو جواب نہ ملي ها تہ قرآن جو انڪار ٿي وڃي ها. نعوذبا الله، رسول الله تي وڏو بهتان اچي وڃي ها. جيڪڏهن دين مان وحي الاهي ڪڍي ڇڏجي تہ دين تہ مذاڪ بڻجي وڃي ٿو. ان کان علاوه ڪافي ٻيون حرڪتون يزيد ڪيون. هاڻي يزيد ڏنو تہ منهنجي قول ۽ فعل جي تڏهن شريعي حيثيت بڻبي جڏهن حسينؑ ابن عليؑ بيعت ڪندو. بيعت اصل ۾ يزيد لاءِ هڪ سر ٽيفڪيٽ هيو. ليڪن حسينؑ بي مثال قرباني ڏئي ۽ بيعت جي انڪار تي قائم رهي دين کي خراب ٿيڻ کان بچايو. ان کي چئبو آهي حفاظت ۽ امامت.

عليؑ جي ولايت جُز نہ ڪُلُ آهي

اسان جا مولوي سڄورا ڄاڻي واڻي عليؑ جي ولايت جي دائري جي اهميت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهين.

فرمان امام جعفر صادق آهي.
” جڏهن بہ ۽ جتي بہ ڪوئي لااله ال الله محمد رسول الله چوي تہ اتي لازمي طور علي اميرالمؤمينن ولي الله بہ چوي“ (ڪتاب احتجاج طبرسي).

فرمان رسول خداﷺ آهي. جنگ خندق ۾ جڏهن مولا علي عرب جي وڏي بهادر عمربن عبدوودجي مقابلي لاءِ تيار ٿيو تہ وڏي آواز سان فرمايو:

ڏسو! ڏسو! ”اج ڪُل جو ڪُلُ ايمان ڪُل ڪفر جي مقابلي ۾ وجي ٿو“.

جڏهن عبدوود کي فنار ڪيو تہ فرمايو محمد مصطفيٰ ﷺ:- ”علي جي خندق ۾ هڪ ضَربت ڪائنات جي پوري عبادت کان افضل آهي.

رسول خدا تہ عليؑ کي ڪُل ايمان چيو. هاڻي اوهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ تمام عبادات جُز آهن عليؑ جي ڪُلَ جون، ان ۾ نماز هجي يا روزو يا زڪواة، جهاد يا حج هجي. تشهد تہ نماز جو بہ جُز آهي جنهن کان مولوي منع ٿو ڪري. ڪجھ هٿ نوڪيا ڏاها چون ٿا اسان نماز ۾ آل محمد تي صلواة پڙهون ٿا تہ علي بہ ان ۾ اچي وجي ٿو ان ڏاهي مولوي کي عرض آهي تہ صلواة دُعا ۽ تشهد گواهي آهي. تنهن ڪري ٻنهي جون جنسون مُٽ آهن.

تاريخ ۾ بيشمار روايتون آهن جنهن ۾ ولايت عليؑ ثابت آهي بلخصوس غدير جي اعلان بعد حضرت عليؑ جي دور حڪومت ۾ اها گواهي سرڪاري طور رائج هئي. ان گواهيءَ کي معاويد بند ڪرايو. بنو اُميد ۽ بنو عباس عليؑ جي ذڪوتي سزائون ڏيڻ شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ امام محمد باقر فرمايو.

” جيڪڏهن اسان تشهد ۾ عليؑ جي گواهي جاري ڪيون ها تہ اسان جا مُحب مري وجن ها“

(فروع كافي باب تشهد)

بعد وفات رسول خداﷺ جيڪو ڪجھ اهلبيت ۽ انهن جي شيعن سان ٿيو اهو ڪوئي لڪيل نہ آهي. ان ڪري اهلبيت تقيہ اختيار ڪيو. جنهن ڪي ڪجھ حالتن ۾ الله جائز قرار ڏنو آهي جئين فروعون جي ماروث اختيار ڪيو. قرآن ۾ سوره مؤمن ان جي نالي سان منسوب آهي.

الله بہ مسلمانن کي اهيا گواهي نہ لڪائڻ لاءِ چيو آهي. اها گواهي آهي مولا علي جي.

وَلَا تَكۡتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنۡ يَّكۡتُمۡهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلۡبُهٗ (سوره البقوه آيت 283)

" ۽ توهان هڪ خاص شهادت (عليؑ) کي نہ لڪايو جيڪو ان کي لڪائيندو اهو گناهگار ٿيندو"

(سوره البقوه. آيت 140) ۾ ارشاد ٿيو.!

وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ كَتَمَ شَهَادَةً عِنۡدَهٗ مِنَ اللّٰهِ

" ۽ انهن کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿيندو جن وٽ الله جي طرفان هڪ گواهي آئي هجي ۽ ان کي لڪائي. علام علي حاثري پنهجي تفير الوامع التغرل ۾ لکي ٿو تہ هن شهادت مان مراد ولايت علي آهي.

ارشاد ٿيو.

الذين هم علي صلاتهم دائمون والذين هم
شهد تهم قائمون اولائڪ في جنت مرڪون

” اهي ماڻهو جن شهادتون تي قائم رهيا“ عربي گرامر مطابق جمع گهٽ ۾ گهٽ ٽي هوندو آهي. الله هن آيت ۾ حڪم ڏنو ته تشهد ۾ ٽي گواهيون آهين. يعني لاالِه الله محمد الرسول الله عليا ولي الله آهي. توهان ڪي علي نه ٽو وٽي ته ڪنهن ٻئي جي نالي جي گواهي ڏيو. پر دنيا ۾ توهان ڪي اهڙو ڪوئي ٻيو شخص نه ملندو جيڪو الله ۽ محمدﷺ جي صف ۾ گڏ بهي سگهي. ان ڪري بهتر آهي ته اج ئي توبه ڪريو ۽ عليؑ جي ولايت ڪي تسيلم ڪريو. عليؑ ته مڪمل ايمان آهي باقي سڀ جُز آهن.

فرمان امام محمد باقرؑ

امام محمد باقرؑ هن آيت جو تفيسر ٻڌايو. فطرت الله الهتي فطرالناس عليها (سوره روم آيت 20)

الله جي ان (فطرت) مان مراد ”لا اِلله اِلالله محمد الرسول الله عليًا اميرالمومنين ولي الله “ آهي.

(حوالہ :- تفيسر ابرهان جلد ٽيون صفہ 813، تفيسر الميزان جلد 16 صفہ 195 تفيسر قمي جلد ٻيو صفہ 155 ۽ تفيسر آصفي (فارسي) جلد 11 صفہ 110)

هاڻي اوهان تي فيصلو رکيل آهي اوهان ملان جو چوڻ ونو يا مولا چو مولويءَ جي عزت ڪري سگهجي ٿي ليڪن اطاعت تقليد صرف

معصوم جي هوندي آهي. پلا خود گنهگار هجي اهو ٻئي ڪنهن کي هدايت ڪئين ڪندو. هادي صرف معصوم آهن.

چوڏهہ معصومين جي گواهي بزباني امام علي رضاؑ

تاريخ قم شاهد آهي تہ جڏهن مامون الرشيد موليٰ کي ايران گهرايو ۽ موليٰ جي سواري جڏهن ايران جي شهر نيشاپور پهتو تہ هزارين راوي گڏ ٿي ويا ۽ موليٰ جي سواريءَ جي پرسان اچي عرض ڪيو تہ مهرباني ڪري هڪ حديث بيان ڪريو اوهان پنهنجي دور جا محمدﷺ آهيو. تہ موليٰ سواريءَ مان چهرو مبارڪ ظاهر ڪيو ۽ فرمايو! لا اِ له الاالله منهنجو قلعو آهي ۽ جيڪو ان قلعي ۾ داخل ٿيو اهو عذاب کان محفوظ رهيو. اڳتي هلي پاڻ وڌيڪ فرمايو تہ ان شرط ۾ مان بہ هڪ شرط آهيان. يعني هو دور جي حجت جي گواهي. مولوي صاحب تون تہ صرف عليؑ تي اعتراض ٿو ڪري موليٰ رضاؑ تہ سڀ معصومينؑ شامل ڪرڻ جو فرمان جاري ڪري ڇڏيو.

هڪ ٻئي روايت، جيڪا شيخ الطوسيؒ (460) هجري جي ڪتاب مصباح المتهجد ۾، صفحو 1331 / 34 تي ۾ هئين لکيل آهي:

أشهد أن ربي نعم الرب، وأن محمدًا نعم الرسول، وأن عليًا نعم الولي، وأشهد أن ما على الرسول إلا البلاغ المبين

علام محمد باقرالمجلس 1111 هجري ۾ ڪتاب بحارالانوار جلد 18 صفہ 208، ڇا پو داراحياء الترات العدبي پيروت ۾ لکي ٿو:

حضرت امام جعفر صادقؑ فرمايو تہ جڏهن اوهان چوٿين رڪعت ادا ڪيو تہ ان جي تشهد ۾ عليؑ، فاطمهؑ،حسنؑ ۽ حسينؑ جي گواهي بہ ضرور ڏيو.

فقه الرضاؑ ۾ تشهد

فقه الرضا جي تشهد ۾ بہ علي اميرالمؤمنين جي گواهي بيان ٿيل آهي. علام محمد باقر مجلسي اول 1070 ۾ فرمايو.

ابو بصير کان روايت آهي تہ امام جعفر صادقؑ تشهد کي پڙهڻ لاءِ هيءَ فرمايو آهي.

اشهد ان لا اِ له الا الله وحده لاشريڪ له بالمحق بشيرًا نذيرًا بين يدي الساعة واشهد ان ابّي نعم الرب وانَّ محمدًا نعم الرَّسول وان عليًا نعم الوصي ونعم الامام.

شعيہ ۽ سُني علماءَ متفق آهن تہ خم غدير جي اعلان کان بعد آذان ۽ ڪلمي ۾ عليؑ جي گواهي ڏني وئي.

آيت اللّٰه الخطمٰي الحاج شيخ علي محمد زنجاني پنهنجي ڪتاب " الشهادة الثالثہ في القرآن" صفہ نمبر 65 طبع قم ۾ لکي ٿو. جنهن ۾ حضرت امام موسيٰؑ ڪاظم جي فرمان مان ثابت آهي تہ حضرت عليؑ اميرالمومنينؑ جي ظاهري حڪومت ۾ آذان ۾ تمام اسلامي ملڪن ۾ اشهد ان عليا ولي الله شامل هيو ليڪن جئين ئي حڪومت معاويہ ابن ابوسفيان کي ملي تہ هن اها گواهي ڪيرائي ڇڏي"

عليًا ولي الله جي آذان

جڏهن عذير خم ۾ " من كنت مو ليٰ فهذا عليًا موليٰ رسول خدا ﷺ جي زبان مبارڪ مان ادا ٿيو تہ اها اڪثر اصحاب کي چڱي نہ لڳي. اسيتائين جو هڪ صحابيءَ اها جرات ڪئي جو رسول خداﷺ جي اڳيان اچي بيٺو. هن صحابي جو نالو حارث بن نعمان فهري هيو. ۽ رسول خدا ﷺ کي چيائين! " اي محمد ﷺ توهان ڪان ٿي سوال پڇان ٿو. سائينءَ جن فرمايو! پُڇ ! چيائين تہ اشهد ان لا اِ له الله وَاشهد اَن محمد الرسول الله واري آذان اوهان جي طرفان آهي يا الله جي طرفان؟ فرمايو! الله جي طرفان حڪم آيو ۽ مان (محمد) ان جو مؤذن آهيان. نعمان چيو! تہ "منكت موليٰ فهذا علي مولاۓ واري آذان اوهان طرفان آهي يا الله جي طرف کان؟ حضور اڪرم جن فرمايو! اها بہ الله جي طرف کان ۽ مان (محمدﷺ) ان جو مؤذن آهيا.!"

(بحارالانوار جلد 9 صفہ 491 ۽ صفہ 250).

خلافت قرآن ۽ تاريخ جي آئيني ۾

خلافت تي اسان پهريون بہ بحث ڪري چڪا آهيون ۽ ان ۾ ثابت ڪيوسين تي خلافت جا بہ قسم آهن.

1. خلافت الاهي.
2. خلافت طاغوتي (شيطاني)

الله جي خليفي جي ڳالهہ ڪيون تہ الله ارادو ڪيو تہ مان زمين ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيان، ۽ ملائڪن کي چيائين تہ مان جڏهن ان ۾ پنهنجو روح وجهان تہ پوءِ ان کي سجدو ڪجو. يعني سجدو آدم جي بُت کي نہ پر الله جي رُوح کي هيو.

سوره البقره آيت ۳۰ ۾ ارشاد باري تعاليٰ ٿيو.

إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً

” مان زمين تي پنهنجو خليفو مقرر ڪيان ٿو“

حڪم الاهي جي فرمان برداري ڪندي تمام ملائڪن حضرت آدمؑ کي سجدو ڪيو ليڪن ابليس نہ ڪيو. الله ابليس کان سوال ڪيو!

وَإِذْ قُلْنَا لِلْمَلَائِكَةِ اسْجُدُوا لِآدَمَ فَسَجَدُوا إِلَّا إِبْلِيسَ أَبَىٰ وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكَافِرِينَ (سوره بقره، آيت ۳۴).

” ۽ (ان وقت کي ياد ڪر) جڏهن اسان فرشتن کي حڪم ڏنو تہ آدمؑ کي سجدو وڪيو تہ سب جو سب جهڪي پيا مگر ابليس انڪار ڪيو ۽ اهو غرور ۾ اچي ويو“.

تفيسرن مان ملي ٿو تہ ابليس جي نہ جهڪڻ جا ٻہ سبب هيا. هڪ تہ هن کي پنهنجي خلقت کي ناز هيو تہ هو باهہ جو نهيل ۽ آدمؑ مٽيءَ مان نهيل آهي ۽ ٻيو ان سجدي وقت هڪ عجيب منظر ڏٺو تہ آسمان تي ڪجهہ حستيون آهن جيڪي اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيون آهن پر انهن کي نہ سجدي لاءِ الله حڪم ڏنو ۽ نہ هنن پاڻ آدمؑ کان سجدو ڪيو. ابليس پاڻ کي انهن (پنجتن) جهڙو سمجهو ۽ سجدي کان انڪار ڪيو.

قَالَ يَا إِبْلِيسُ مَا مَنَعَكَ أَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِيَدَيَّ أَسْتَكْبَرْتَ أَمْ كُنْتَ مِنَ الْعَالِينَ (سوره ص، آيت ٧٥).

خدا (ابليس کان) کان پڇو اي ابليس جنهن شيءِ کي مان پنهنجي هٿن سان پيدا ڪيو (بلا) ان کي سجدي نہ ڪرڻ. لاءِ تون کي ڪهڙي ڳالهہ روڪيو ڇا تون عالين مان آهين!.

ڇا تون پاڻ کي انهن اعليٰ درجي وارن مان سمجهو؟

" حضور اڪرم ﷺ کان سوال ڪيو ويو تہ آقا ﷺ ٻڌايو تہ اهي عالين ڪير هيا جن سان ابليس ساڙ ڪيو. فرمايو سرورِ ڪائنات! تہ اهي اسان اهلبيتؑ هياسي ان ۾ پهريون مان (محمد ﷺ، ٻيو عليؑ، ٽيون فاطمہؑ، چوٿون حسنؑ ۽ پنجو حسينؑ) ان مان ثابت ٿيو تہ انهن حستين سان جيڪو برابري ڪري اهو الله جي نظر ۾ شيطان آهي. هاڻي اوهان جي مرضي تہ اوهان عليؑ کي ڪنهن سان برابري يا افضل جو درجو ڏيڻ چاهيندؤ تہ الله جي نظر ۾ اهو شيطان آهي. اهو الله جو نمائيندو نہ پر شيطان جو نہ نمائيندو ٿي سگهي ٿو. تہ ملان! ڀلا تون ٻڌاءِ تہ آدم جي سجدي وقت اهي ڪير عالين هيا؟ جي توهان جا آهن تہ نيڪ اسان مڃڻ لاءِ تيار آهيون پر هڪڙي جو تہ نالو ڏيڪار. مولوي صاحب! هوش ۾ اچ محمد وَ آل محمد جي برابري ۾ نہ اچ. اسان شيعن جي ڪتابن ۾ جيڪا فضليت، مان، مرتبو لکيل آهي اهو ٻڌي ۽ پڙهي تہ تون پنهنجا هوش وڃائي ويهندي. توهان جي وڏن وڏن محققن، عالمن اسان جي ڪُتب اَربع کي ڪڏهن ڪولي ڏٺو

ئي ڪونهي. اسان کي اوهان جي ”صياح سته“ جي خبر آهي ۽ اسان جي تمام لائبررين ۾ موجود آهن.

الله ڪانسواءِ ڪوئي خليفو نٿو بڻائي سگهي.

الله جي ڪائنات آهي. هو خالق ۽ مالڪ آهي. ان ڪري هن جي بادشاهيت ۾ صرف ان جو نظام هلندو.

الله پاڻ تہ لائق ”روئيت“ (ڏسي نہ ٿو سگهي) نہ آهي ۽ انسان جي حواسن کي اها طاقت نہ آهي تہ هو الله کي ڏسي ۽ ان کان ڪوئي پيغام وصول ڪري ان ڪري الله پنهنجي طرفان پنهنجي نمائيندي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ۽ ان جو حق ڪنهن بہ ڪي نہ آهي اهي صالح بنده پنهنجي نمائيندي لاءِ دُعا گهري سگهن ٿا جيئن حضرت موسيٰؑ حضرت هارونؑ کي گهريو ۽ رسول خداﷺ پنهنجو مددگار، وصي، خليفو عليؑ کي بڻائڻ لاءِ الله کي عرض ڪيو ۽ الله جل جلاله فرمايو.

سورة القصص، آيت نمبر 68 ۾ ارشاد ٿيو.

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ وَيَخْتَارُ ۗ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ۚ سُبْحَانَ اللَّهِ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ

” ۽ تنهنجو پروردگار جيڪو چاهيندو آهي اهو خلق ڪندو آهي ۽ جنهن کي چاهيندو آهي مختار (خليفو) بڻائيندو آهي ۽ اهو حق ڪنهن کي حاصل نہ آهي تہ هو پنهنجو مختار بڻائين“.

يعني الله جمهوريت کي رد ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ماڻهن کي پاڻ ڏي قائل ڪرڻ لاءِ غلط طريقا استعمال ٿيندا آهن.

معيار خلافت الله جي نظر ۾

الله جڏهن ڪنهن کي منصب خلافت و امامت تي قائم ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان کي نيڪي جي راهہ تي هلڻ جي پابندي بہ ڪندو آهي. يعني پنهنجي خواهش مطابق هو ڪو بہ فيصلو ڪو نہ ڪندو آ. هو سرڪاري خزاني جو امانتدار هوندو آ. ۽ فيصلي ڪرڻ وقت ڪنهن سان بہ رشيتداري ۽ دوستي جو خيال نہ رکندو آ. وغيره وغيره. جيئن ارشاد رب العزت ٿيو :-

” اي داؤ! اسان توکي زمين تي پنهنجو نائب مقرر ڪيو آهي تہ جيئن تو ماڻهن جي وچم صحيح فيصلو ڪري ۽ نفسياني خواهش جي پيروي نہ ڪري“

حالانڪ حضرت داودؑ نبي هيو ۽ قرآن گواهي ڏئي ٿو تہ نبي ڪڏهن بہ خيانداري ۽ گنهگار نہ ٿو ئي سگهي. سوره آل عمران آيت 167 ” ۽ ڪڏهن نہ ٿو ٿي تہ ڪوئي نبي خيانت ڪري“

۽ گنهگارن کي توهان تخت خلافت تي ويهارندؤ تہ ان جو حال ڪهڙو ٿيندو. مثال طور :-

حضرت ابوبڪر باغ فدڪ تي قبضو ڪيو!

اسان جڏهن صحيح بُخاري ڪوليون ٿا ۽ ان ۾ " باب مَنَاقبِ قرابَتِ رسول اللهؐ" پڙهون ٿا ته رسول خدا ﷺ جو فرمان ملي ٿو جنهن ۾ فرمائي ٿو: " فاطمهؑ منهنجي بدن جو ٽڪرو آهي جنهن ان کي غصو ڏياريو ان مون کي غصو ڏياريو".

اهڙي طرح ڪتاب المغاري باب غزوه خيبر ۾ " عائيشہ کان روايت ڪئي آهي ته فاطمهؑ پنهنجو نمائيندو ابوبڪر ڏي موڪليو جنهن ۾ ان جي طرف کان رسول الله جي ميراث جو مطالبو ڪيو ليڪن ابوبڪر ان ميراث مان فاطمهؑ کي ڪجهہ بہ ڏئڻ کان انڪار ڪيو ۽ ابن قتيبہ ذڪر ڪيو ته ان انڪار کان پوءِ سيده فاطمهؑ ابوبڪر تي غضبناڪ ٿي ۽ موڻ گهڙي تائين ابوبڪر عمر سان ڪلام نہ ڪيو. ۽ عليؑ کي وصيعت ڪيائين ته انهن کي منهنجي مرڻ جو اطلاع نہ ڏجانءِ ۽ انهن کي منهنجي ڪفن دفن ۾ شريڪ نہ ڪجانءِ ۽ ائين ٿيو عليؑ سيده جو جنازو رات جو دفنايو. بعد ۾ عمر ۽ خالد بن وليد ڪوشش ڪئي ته قبر ڪشائي ڪري جنازو سيدهؑ جو پڙهن ليڪن عليؑ جلال ۾ اچي ويو ۽ تلوار ڪڍي قبر اطهرتي ويهي رهيو ۽ جلال ۾ فرمايو ته آهي ڪنهن جي مجال جو اچي عليؑ جو جلال ڏسي عمر ۽ خالد بن وليد پوئتي موٽي ويا.

حضرت ابوبڪر من گهڙت حديث ٻڌائي

جڏهن بيبي فاطمة الزهره کي پنهنجي ميراث کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سيدهؑ خود دربار ۾ حق گهرڻ وئي. حضرت ابوبڪر چيو ته اسان رسول الله کان ٻڌو آهي ته نبين کان بعد انهن جي ملڪيت پوئرين کي نه ملندي آهي. يعني پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان ڪجهه به نه ملندو آهي اها صدقي ۾ شامل ٿي ويندي آهي. سيده فرمايو ته قرآن جي نص جي خلاف منهنجو بابو محمدﷺ ڳالهه نه ٿو ڪري سگهي توهان وڏي تحمت لڳائي رهيو آهيو. ڇاڪاڻ ته داؤد جو وارث سندس پٽ سلمان بڻيو. پيو ته سوره النساء ۾ آهي. ته انسان مرڻ کان اڳ وصيعت لکت ۾ ڪري وجي يا ٻن عادل گواهن جي سامهون ڪري سيده بابي جي وصيعت ڏيکاري ليڪن ڇا ٿيو ته سيدهؑ کي ڪوڙو سڏيو ويو. جڏهن ته سيدهؑ کي ڪوڙو سڏڻ ۽ ان کان گواهه گهرڻ سوره الاحزاب جي آيت نظهير جي خلاف آهي. ڇو جو قرآن ان کي طاهر مطهره ۽ هر رجس کان پاڪ قرار ڏنو آهي. ڀلا الله جي گواهيءَ کان پوءَ ڪنهن ٻئي جي گواهيءَ جي ضرورت آهي؟ اهو به اسلامي مملڪت ۾ جتي بادشاهي الله جي سڏي ويندي آهي.

تاريخ به عجيب موڙ ڪائيندي آهي جن ٻن بيبن يعني عائشهؓ ۽ حفضهؓ اها روايت ابوبڪر ۽ عمر کي ٻڌائي هئي اها گواهي ئي هنن جي ڳلي ۾ پئجي وئي.

تاريخي طبري ۾ ٻين ڪتابن ۾ هي واقعو لکيل آهي. هڪ ڏينهن اهي ٻيبيون يعني عائشه ۽ حفضہ حضرت عثمان ڏي آيون. جڏهن عثمان خليفو بڻيو هو. هنن رسول الله جو ڇڏيل سامان بطور ميرات هنن جي حوالي ڪرڻ جو چيو. عثمان انهن کي حيرت سان ڏسي چيو تہ توهان ئي ان ڪوڙي حديث جون راويون آهيون تہ نبي ميرات نہ رکندا آهن. ياد رهي تہ بيبي عائشه حضرت ابوبڪر جي نياڻي ۽ حفضہ حضرت عمر جي نياڻي آهي. بحر صورت حضرت عثمان چيو تہ اهو ائين نہ ٿو ٿي سگهي. توهان ڪيڏي چالاڪيءَ سان پاڻ سان گڏ هڪ ڪوڙو انسان مالڪ بن حدثان ملايو. عثمان وراڻيو تہ عجيب آهي جو اها حديث نہ ڪنهن اصحاب ٻڌي نہ اهلبيت توهان ٻنهي رسول الله تي ڪوڙي تحمت لڳائي آهي. اهو جواب ٻڌي ٻئي روئينديون ٻاهر نڪري ويون ۽ عثمان کي پٺ پاراتو ڏيندو ويون.

بيبي عائشہ ان واقعي کان پوءِ عثمان کي ڪراڙي کان سواءِ ڪو نہ سڏيندي هئي ۽ هڪ جڳهہ تي واجب القتل بہ قرار ڏنو. هونءَ ڪاوڙ ۾ مکي هلي ويئي اتي خبر پسي تہ عثمان قتل ٿي ويو اهو ٻڌي بي حد خوش ٿي. پر جڏهن خبر مليس تي ان جي جڳهہ تي علي ابن ابي طالب خليفو بڻيو آهي تہ غصي ۾ ڳاڙهي ٿي وئيءِ فيصلو ڪيائين تہ مان عليؑ کي ائين ڪرڻ نہ ڏيندس اڳتي هلي هن ڳالهہ سوچي تہ عليؑ سان جنگ ڪرڻ لاءِ ڪوئي بهانو ناهجي تہ هن عثمان جي قتل کي هٿيار بڻايو ۽ عثمان کي مظلوم قرار ڏئي عليؑ کان قصاص طلب ڪيو. حالانڪ قصاص جو حق ويجهن مائٽن کي هوندو آهي

بيبي عائشہ جو عثمان سان ڪوئي رشتو نہ هيو. بيبي عائشہ جيڪا ام المؤمنين هئي پاڻ ڪي عالمه سمجهندي هئي تنهن عليؑ خلاف جهاد جو اعلان ڪيو جنهن جي قيادت خود ڪرڻ جو فيصلو ڪيو مديني جي طرف هڪ وڏي لشڪر سان نڪري پئي ليڪن عليؑ تہ ان جو دڳ تي انتظار ڪيو جئين مديني ڪي خونريزي کان بچائجي. موليٰ عليؑ بيبي سان صلع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪا بي ڪار ثابت ٿي. بيبيءَ لاءِ هڪ ڏاچي سنيگار وئي جنهن تي پاڻ سوار ٿي ۽ لشڪر سان خطاب ڪيو ۽ وڙهڻ لاءِ جوش ڏياريندي رهي. حد اها ٿي ويئي تہ بيبي ڪي ايڏو عليؑ سان بغض هيو جو قرآن جا احڪامات ۽ رسول جا فرمان وسري ويا. قرآن رسولﷺ جي گهر وارين ڪي اهو حق نہ ڏنو آهي تہ هو گهرن مان نڪرن. هتي تہ بيبيءَ سڀ حدون پار ڪري ڇڏيون. ارشاد رب العزت آ.

وَقرُن في بُيوتكن:

” ۽ اي (نبيءَ جون گهرواريون) پنهنجن گهرن ۾ ويٺيون رهو“.

(سوره الا حزاب آيت 33)

سورة الاحزاب آيت 53 ۾ مومنن ڪي حڪم آهي تہ رسولﷺ جي گهروارن کان پردي جي پويان ڪا بہ شيءِ وٺو. الله تعاليٰ عورت ڪي تہ نماز جي تلاوت بہ آهستہ آواز سان ڪرڻ لاءِ چيو آهي. بيبي جنگ جمل ۾ نوجوانن ڪي جوش ڏيارن لاءِ بلند آواز سان خطاب ڪري رهي هئي جيڪا قرآن جي خلاف آهي.

بيبي عائشہ جو حُجرو فتني جو بنياد آ.

مسلمانن جي وڏي ۾ وڏي ڪتاب صحيح بخاريءَ ڪتاب الفتن ۽ صحيح بخاري، ڪتاب الخمس ۾ مَاجَاءَ في بيوت ازواج النبي ۾ لکي ٿو.

” رسول الله ﷺ تقرير ڪندي عائشہ جي حُجري (ڪمري) ڏي اشارو ڪري فرمايو. “

”اهو فتني جو مرڪز آهي، هي فتني جو مرڪز آهي. شيطان جو سڱ هتان نڪندو آهي.“

۽ بخاري ۾ بيبي عائشہ جون رسول خدا ﷺ سان بي ادبي جو بہ ذڪر ڪيو. ۽ قرآن ۾ سوره تحريم ۾ الله رسول ﷺ جي ٻن گهروارين کي خبردار ڪري ٿو. ۽ تفاسيرن ۾ انهن جا نالا بيبي عائشہ ۽ بيبي حفضہ لکيا آهن. ارشاد ٿيو.

” (اي حفضہ ۽ عائشہ) جيڪڏهن توهان ٻئي (ان حرڪت کان) توبهہ ڪيو. توهان ٻنهي جون دليون خراب ٿي چڪيون آهن. اگر توهان ٻئي رسول ﷺ جي مخالفت ۾ هڪ ٻئي جون مدد ڪنديون رهندؤ تہ اسان کي ڪا پرواه نہ آهي ڇو جو خدا ۽ جبرئيل ۽ تمام ايماندار نيڪ شخص ان جا مدد گار آهن. اگر رسول ﷺ توهان کي طلاق ڏئي ڇڏي تہ پوءِ ان جو پروردگار توهان جي بدلي ۾ توهان کان چڱيون گهرواريون عطا ڪرڻ فرمائيندو جيڪي فرمان بردار ۽ ايماندار هونديون. (سوره تحريع آيت ۴.۳).

هن آيت جي نزول کان بعد حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر پيجندا رسول الله جي گهر ۾ آيا ۽ پنهنجن ڏيئرن کي سمجاهيندا رهيا ۽ حضرت ابوبڪر کيس مار بہ ڏني.

عمر فاطمہؑ جي گهر کي باھ ڏيڻ جي دهمڪي ڏني.

تاريخ طبري جلد ٣. تاريخ يعقوبي تجلي صفہ ٢١٧ ۾ لکيل آهي تہ جڏهن ابوبڪر جي سقبيفہ ۾ چوري ڪجھ انصارن بيعت ڪئي تہ رسول خداﷺ جي برگزيده اصحابہ عليؑ جي گهر ۾ اچي صلاح ومشوري لاءِ گڏ ٿيا. جڏهن عمر کي ان گڏجاڻيءَ جي خبر پئي تہ عمر انهن ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي دهمڪي ڏنيءِ سيده فاطمہؑ جي گهر کي باھ ڏئي ساڙڻ جي دهمڪي ڏني.

عمر فاطمہؑ جي گهر کي باھ ڏئي ڇڏي!

اسان بن ابي عياشءَ سليم بن قيس کان نقل ڪيو آهي تہ مان ان وقت عبدالله بن عباس جي گهر وٹ ويٺل هيس. ۽ پاڻ ۾ ويٺا رسول الله ﷺ جو حديثون ٻڌائي چئون پيا تہ ڏسو اجان رسول جي قبر جي مٽي آلي آهي. ۽ ماڻهون دنيا جي طلب ۾ اهلبيت کي وساري وينا آهن. ابوبڪر جيئن ئي خليفو ٿيو تہ فورًا مديني جي انصار کي مختلف صوبن، شهرن ۾ گورنريون ڏئي روانہ ڪيو. باقي مديني ۾ چند مهاجرين هيا جيڪي هن جا لاڏلا موجود هيا. ماڻهون اهلبيت کي

چڏي ويايس ٿوري ئي لالچ ۾ دين ائين وڪڻي ڇڏيو جيئن بني اسرائيل جي عالمن وڪڻيو!

عمر ابوبڪر کي صلاح ڏني تہ هن وقت اسان پورو غلبو حاصل ڪري چڪا آهيون. ۽ صرف هاڻي ڪجھ ماڻھون ۽ اهلبيت جو گھراڻو آهي. لحاظ قنفُذ کي ڪجھ ماڻھون ساڻ ڪري ڏي تہ هو اوڏاھ وڃي. ابوبڪر عمر جي سؤٽ قنفذ کي انهن عليؑ ڏانهن موڪليو ۽ پيغام ڏنائين تہ:
خليفہ رسول ﷺ تون کي گھرايو آهي. هن پيغام ڏنو ۽ عليؑ فرمايس تہ وڃي چويس تہ توهان ڪيڏي نہ وڏي رسول خدا ﷺ تي تحمت ٻُڌي ۽ مرتد (ڪافر) ٿي ويا آهيو. علي فرمايو! خدا جو قسم رسول خدا ﷺ مون کان علاوه ڪنهن کي بہ خليفو نہ آهي بڻايو. اي قنفذ تون واپس وڃ ۽ ابوبڪر کي چئہ تہ تون خليفو نہ آهي. تون ڄاڻي ٿو تہ رسول خدا ﷺ جو خليفو ڪير آهي؟ قنفذ واپس وڃي ابوبڪر کي پيغام ڏنو. ابوبڪر چيو تہ بيشڪ علي سچ ٿو چوي. مون کي رسول خدا خليفو نہ آهي. بڻايو. ان تي عمر کي سخت غصو آيو. ۽ اٿي بيهي رهيو. ابوبڪر ان کي ويهاريو. ۽ ٻيهر عليؑ کي گھرائڻ لاءِ چيو. عليؑ سان آيو تہ ڪونہ پر قنفذ کي چيو تہ ان غلط نالو رکيو آهي. اهو ٻڌي عمر کي وڏي ڪاوڙ آئي. خدا جو قسم عليؑ کي قتل ڪانسواءِ اسان جو ڪوئي ڪم سڌو نہ ٿيندو. قنفذ کي عمر چيو تہ ان جو سر ڪٽي هيڏي کڻي آ. عليؑ ڏي قنفذ کي

ابوبڪر ٽيون دفعو موڪليو. ليڪن عليءَ فرمايو! قرآن جي لکڻ ۾ مصروف آهيان. ۽ جنهن ڳالهہ تي اوهان اجماع ڪيو آهي اهو ظلم آهي. ان پيغام پهچڻ کان بعد عمر هوش کان نڪري ويو ۽ خالد بن وليد ۽ قنفذ کي حڪم ڏنو تہ وجو ڪاٺيون ڪٺي اچو اچ ان اهلبيت جي گهر کي ساڑي ٽا چڏيون.

ان کان بعد عمر وڏي فوج سان گڏ ٽي گهر تي اچي چڙاهائي ڪئي ۽ آواز ڏنو اي ابن ابو طالبؑ دروازه کوليو.

فاطمهؑ فرياد ڪئي. اي عمر! اسان سان تون کي ڪهڙو وير آهي. عمر چيو دروازو کوليو ورنہ ان کي باهہ ڏئي تنهنجي مٿان ڪيرائي چڏيندس. اي عمر! خدا کان ڊج تہ هن دروازي اندر گهرندي. ليڪن عمر هڪدم باهہ ڏئي دروازو ساڙيو ۽ دروازي کي عمر دڪو ڏنو جيڪو سيده جي مٿان ڪري پيو. سيده جي جسم مبارڪ ۾ دروازي ۾ دروازي ۾ لڳل لوهہ جو سيخون ييوست ٽي ويون جنهن جي ڪري زخم ۾ محسنؑ شهيد ٽي ويو. ۽ پاسيريون اندران ٽٽي پيون. سيده ان کان پوءِ تسبع بہ هڪ هٿ سان پڙهندي هئي. ۽ ان جي شدت ڪري هن دنيا کي الودع ڪئي. هي تہ سليم ابن قيس جي روايات آهي جنهن ڪتاب تي امام صادقؑ جي مهر لڳل آهي. سُني علماء ان کي شيعہ مووقف چوندا آهن. پر خود هنن جي صياح سته ڪتابن ۾ سيده جي گهر تي حملي جو ذڪر لکيل آهي. حملو ٽيو ان ۾ ڪوئي اختلاف ڪونهي ان ۾ ڪير هيا يا نہ هجان؟ سوال اهو آهي تہ ابوبڪر جيڪو پت پت سان مليل وينو هيو ان هن چڙهائي ڪندڙ

عمر خلاف ڪهڙو عمل ڪيو؟ ڇا هي هوندو آهي الله جو خليفو؟ ته ثابت ٿيو ته هن جو ڪوبه عمل الله جي فرمانبرداريءَ مطابقت نه ٿورڪي. ته پوءِ چوڻ ڏيو ته هو خليفة الله نه پر هڪ ظالم بادشاهه هيو. جيڪو پنهنجي محسن جي گهر تي چڙهائي ڪرائي ٿو ۽ ان کي باهه لڳرائي ٿو جيڪڏهن صرف عمر ڪري ها ۽ ابوبڪر جي مرضي شامل نه هجي ها ته خالد بن وليد ان ڏوهه ۾ شرڪت نه ڪري ها. خالد ابوبڪر جو دوست هيو نه کي عمر جو عمر ته شروع کان ئي خالد بن وليد کي پسند نه ڪندو هيو.

اهو گهر نه هيو اهو ڪعبو هيو. مان نه ٿو چوان قرآن ٿو فرمائي.

سوره يونس آيت 87

" ۽ اسان موسيٰؑ ۽ ان جي ڀاءُ کي وحي نازل ڪئي ته مصر ۾ پنهنجي قوم لاءِ ڪجهه گهر ٺهراءِ ۽ توهان پنهنجي گهرن کي (هارون ۽ موسيٰ) قبلو بڻايو جتي نماز قائم ڪريو."

۽ پوئين صفن بيان ڪري چڪا آهيون. ته عليؑ جو محمد ﷺ سان اهو تعلق آهي جيڪو هارونؑ جو موسيٰ سان هيو صرف بعد محمد ﷺ ڪوئي نبيؑ نه ائيندو.

جيڪڏهن هارونؑ جو گهر بني اسرائيل وارن لاءِ ڪعبو آهي ته قرآن مطابق عليؑ جو گهر به امت محمد ﷺ به لاءِ ڪعبو آهي. يعني عمرؓ ۽ خالد فاطمهؑ جو گهر نه پر ڪعبو ساڙيو.! (اسرار امامت)

فاطمهؑ جي پڪارڻ تي عليؑ جو اچڻ :-

سليم ابن قيس لکي ٿو تہ جڏهن فاطمهؑ جي مٿان سڙيل دروازو ڪريو تہ سيده زور سان عليؑ کي آواز ڏنو. موليٰ عليؑ جيڪو قرآن جي سيهڙڻ ۾ مصروف هيو فورًا اُٿيو ۽ عمر جون ٻانهون پڪڙي زمين تي ڪيرايو ۽ ارادو ڪيائين تہ قتل ڪيانس ليڪن عليؑ کي رسول خدا ﷺ جي وصيعت ياد اچي ويئيءَ تہ اي عليؑ مون ڪان بعد تون کي ايتري تڪليفن ڏيندا جو تون تلوار کڻي پر الله جي مرضي آهي تہ تون صبر ڪر". بس عليؑ عمر تان لٿو. عمر کي سخت زخمي ڪيو ان جو نڪ ۽ گردڻ تي وار ڪيا. ان ڪان پوءِ عمر عليؑ سان دشمنيءَ ۾ ڪابہ ڪثر باقي نہ رکي.

هاڻي اهو سوال عام آهي تہ عليؑ فاطمهؑ کي ڇو عمر سان گفتگو ڪرڻ لاءِ موڪليو تہ ان جو اسان جي معصو حسينؑ ٻڌايو تہ پهريائين عليؑ ارادو ڪيو تہ هو دروازي تي وڃي. پر سيده فاطمه الزهرا پنهنجي شوهر کي اهو چئي روڪيو تہ عمر ۽ خالد سخت ڪاوڙ ۾ آهن ۽ مان انهن جي پيغمبر ﷺ جي نياڻي آهيان. هو منهنجو احترام ڪندا. ليڪن تاريخ گواهہ آهي تہ هو عورتن ۽ ڪمزور ماڻهن اڳيان وڏو بهادر بڻبو هيو ليڪن هر جنگ ۾ گدهڙ وانگر ڀڄندو رهيو. مثلاً : اُحد ۽ خيبر ۾ بحر صورت اهڙي خلافت جيڪا عدل ۽ انصاف تي ٻڌل نہ هجي اها خلافت خلافت الاهي ۽ خلافت الرسول نہ آهي. حوالو شروع ۾ ڏنل آهي.

حضرت عليءَ جو دربار ۾ احتجاج

عليءَ فرمايو! توهان کي ڪنهن حق ڏنو جو توهان نبي ﷺ جي گهر تي حملو ڪيو. اي ابوبڪر! توهان جون دين لاءِ ڪهڙيون خدمات آهن جنهن جي بنياد تي توهان رسول ﷺ جي ذاتي ميراث تي قبضو ڪيو ۽ ماڻهن کان زوريءَ بيعت ٿا ڪرايو. ڇا توهان رسول ﷺ جي حڪم تي منهنجي بيعت نہ ڪئي هئي؟ ان تي عمر چيو! اي عليءَ !! انهن ڳالهين کي ڇڏ! خدا جو قسم جيڪڏهن تون بيعت نہ ڪندي تہ اسان تون کي قتل ڪري ڇڏينداسين. عمر جي دهمڪن تي ابوبڪر خاموش ٿي ڏسي رهيو هيو. ان موضوع تي اڳتي بحث ٿيندو!.

اچو تہ ڏسو خليفن جي نئين چال سوره شعراءِ ۾ الله فرمايو آهي تہ ”مان توهان کي ٻڌايان تہ شيطان ڪنهن ڪنهن تي لهندو آهي. ڪوڙي انسان تي“

شيطان پنهنجن دوستن کي گناهن جا ڪم سٺا ڪري ڏيکاريندوآهي.

سوره الحجر ۾ شيطان جو الله سان واعدو!

” ۽ (شيطان) چيو پروردگار کي جيئن تون مرن کي رستي کان الڳ ڪيو آهي مان بہ ماڻهن کي (گناهہ) سهڻا ڪري ڏيکاريندس ۽ سيني کي گهمراه ڪندس سواءِ تنهنجي چند خاص ٻانهن جي“.

بعد وفات جيڪو بہ ٿي رهيو هيو ان تي واه واه ٿي رهي هئي. ڇاڪاڻ تہ شيطان پنهنجو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ڪري رهيو هيو

بس شيطان چاهي پيو تہ ڪنهن طريقي سان عليؑ تلوار ڪٽي تہ اهو آدمؑ کان بدلو وٺي ليڪن علي تہ مرضات الله آهي هو شيطان جي انهن سڀني شيطاني چالن کان خبر ڏئي چڪا ها. هاڻي انهن کي اها صلاح ملي ٿي تہ سڀني گناهن کي لڪائڻ لاءِ هڪ آسان حل آهي تہ اوهان بيبي عائشہ کان رسول جي پرسان دفن ڪرڻ لاءِ جڳهہ وٺو!

حضرت ابوبڪر و عمر جو رسول ﷺ جي پرسان دفن

اسان جي پائرن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ دفن ٿيڻ جي اجازت بيبي عائشہ ڏني هئي. هاڻي سمجهہ ۾ نٿو. اچي تہ اهڙو آسان حساب علماءِ اهلسنت کي ڪيئن نہ ٿو اچي. سوره النساءِ واضع طورتي شوهر جي وفات کان بعد جيڪو حصو گهرواري لاءِ رکيل آهي اهو صرف اُٺون حصو آهي. ۽ رسول الله پنهنجي وفات وقت پويان نو (9) گهرواريون ڇڏيون هيون. هاڻي رسول الله ﷺ جي گهر کي نون (09) حصن ۾ تقسيم ڪيو وڃن تہ هڪ بيبيءَ کي هڪ ڪٺ جيتري جڳهہ بچي ٿي. تہ هونءَ پرائي ملڪيت تي مسلمانن جي لاءِ قبرستان نہ هيو اهو محمد ﷺ جو ذاتي گهر هيو. جيڪڏهن ابوبڪر ۽ عمر رسول ﷺ جا سَهرا هيا تہ رسول الله جا تہ ٿوٽل يارهن سهرا هجڻ کپن ڇاڪاڻ سيده خديجة الڪبريٰ سميت يارهن گهر واريون آهن. ۽ جنهن ايلاضن سان رشتا ٿيا آهن اها بہ خبر آهي. ڇا رسول خدا ﷺ ابوبڪر ۽ عمر کي اهو چيو هيو تہ منهنجي قبر جي پرسان توهان

دفن ٿجو؟ هرگزنہ اتي حق تہ سيده فاطمہ؏ جو هيو ۽ امام حسن؏ جو هيو. اوهان جي پوئيرن امام حسن؏ جي جنازي تي تيرهغيا ۽ جنازو واپس ڪيو ويو. اهلبيت ان تي بہ صبر ڪيو. قرآن ۾ صبر ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي ۽ اهلبيت انهن جا مثال آهن.

سڀ کان عجيب ڳالهہ اها آهي تہ بيبي عائشہ کان ميراث جو حق سمجهي دفن جي اجازت وٺندڙ شخص نبيؐ جي ميراث جو قائل نہ هيو. ۽ اتي پنهنجي پيءُ ۽ عمر کي دفن ڏيڻ جي اجازت ڏيندڙ بيبي خود راوي آهي تہ هن رسول ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ ” نبي جي ميراث صدقو آهي.“

ڇا تہ تاريخ آهي!!

سوره النساءِ جي مطابق رسول ﷺ جي اڪيلي وارث سيده فاطمہ؏ زهره آهي جيڪا عصمت ۾ صبر جي پيڪر آهي.

هاڻي توهان پاڻ سمجهو تہ خليفہ بر حق ڪير آهي. هي تہ بادشاهہ بہ نہ آهن. بادشاهہ لاءِ بہ الله جو حڪم آهي تہ ماڻهن سان انصاف ڪري. جيئن

معيار بادشاهيت الله جي نظر ۾

الله تعاليٰ معيار و حڪمراني لاءِ ڪهڙيون خاصيتون لازم قرار ڏنيون آهن. اچو تہ قرآن حڪيم کان راهنمائي حاصل ڪيون.

حضرت داؤدؑ ۽ حضرت سلمان کان بعد نبي اسرائيل جي قوم تي انهن جي اعمالن جي سزا طورتي حڪومت ڪان بي دخل ٿي ويا ۽ ڪافر حڪمران انهن کي سخت عذاب ڏيڻ شروع ڪيو عراق جو بادشاھ ”جالوت“ نالي هڪ طاقتور ڪافر بادشاھ هيو جنهن بني اسرائيل جي عورتن کي غلام بڻايو. مردن کي قتل ڪيو ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ تباھ ڪيا. بني اسرائيل جنهن کي الله پنهنجي منتخب قوم قرار ڏنو هيو. اها هڪ عذاب کان گذري رهي هئي. اهي گڏ ٿي پنهنجي نبيءَ (شمعون) ڏانهن آيا ۽ عرض ڪيائون تہ سچي دل سان توبھ ڪئي آهي ۽ الله کي عرض ڪر تہ اسان تي رحم ڪري ۽ پنهنجي طرفان ڪنهن کي اسان جو بادشاھ مقرر ڪري. ۽ اسان واعدو ٿا ڪريون تہ هاڻي اسان ضرور جهاد ڪنداسين. اسان جالوت جي ظلم ۽ بر بريت کان تنگ اچي چڪا آهيون. لحاظ الله تعالي انهن جي خواهش تي حضرت طالوت کي انهن جو بادشاھ مقرر ڪيو. جڏهن طالوت جو نالو ظاهر ٿيو تہ سڀ ماڻهون حيران ٿي ويا. ۽ بنيءَ کي عرض ڪيو تہ الله کي چئہ طالوت اسان تي حڪومت ڪيئن ڪندو هو تہ هڪ انتهائي مخلص ۽ غريب شخص آهي. جنهن تي الله جو اب ۾ فرمايو تہ طالوت ۾ حڪمرانيءَ جون سڀ خوبيون موجود آهن. هو هڪ تہ توهان سيني کان وڌيڪ عالم ۽ توهان سيني کان وڌيڪ شجاعِ بهادر ۽ طاقتور انسان آهي. سوره البقر آيت 247 ۾ ارشاد :-

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ إِنَّ اللَّهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوتَ مَلِكًا ۚ قَالُوا أَنَّىٰ يَكُونُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَنَحْنُ أَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِنَ الْمَالِ ۚ قَالَ إِنَّ اللَّهَ اصْطَفَاهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهُ بَسْطَةً فِي الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ

” ۽ انهن جي نبي انهن کي چيو بيشڪ خدا (توهان جي عرض مطابق) طالوت کي توهان جو بادشاهه مقرر ڪيو آهي تڏهن هنن چيو تہ اسان تي هي حڪومت ڪيئن ٿو ڪري سگهي حالانڪ بادشاهيءَ حقدار تہ ان کان وڌيڪ اسان آهيون. چاڪاڻ تہ هو معاشي طورتي هو بد حال آهي. (نبي فرمايو!) الله فرمائي ٿو تہ هو توهان کان علم ۾ ۽ طاقت ۾ توهان کان زياده آهي.“

هن آيت معيار حڪمراني ٻڌائي چڏي تہ هاڻي انهن شخص جي شجاعت ۽ علم کي ڏسجي تہ هو عليؑ کان افضل آهن يا نہ. تہ مختصر جائزو وٺو.

شجاعت خلفاءِ :-

1) حضرت ابوبڪر :- بيبي عائشہ پنهنجي والد صاحب جي شجاعت بيان ڪندي فرمائي ٿي تہ جنگ اُحد ۾ جيڪي اصحاب رضہ رسول ﷺ کي اڪيلو ڇڏي جبلن تي ڀڄي ويا هيا ۽ جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ واپس اُحد ميدان ڏانهن موٽي آيا هيا انهن سيني ۾ پهريون منهنجو والد محترم حضرت ابوبڪر هيو. واه ! :-

هي روايت ڪتاب فضائل صحابہ رضہ جنهن جو ليکڪ کو عام ماڻهون نہ پر امام احمد بن جنبل آهي. صفہ نمبر 93

بيبي عائشہ فرمائي ٿي:
كُنتُ فِي أَوَّلِ مَن فَاءَ يَوُمَ أُحدِ،
فَرَأيتُ رجُلًا مَعَ رَسُولِ الله ﷺ
يُقاتِلُ دُونَه.

حضرت ابوبڪر بيبي عائشہ کي ٻڌائي ٿو تہ: مان انهن پڇڻ وارن مان پهريون شخص هيس جيڪو اُحد واري ڏينهن موٽي آيس. تہ مان هڪ شخص ڏٺم جيڪو رسول اللہ کي دشمن کان محفوظ رکڻ لاءِ قتال ڪري رهيو هيو.

ڏسو هتي بہ خيانت ڪري عليؑ جي نالي ونڻ کان بہ ڪنجوسي ڪيائين. اجان ٿا چئو تہ پاڻ ۾ يار هئا! ۽ هوصديق هيو.

رسول ﷺ کي جنگ ۾ ڇڏي ويندڙ اللہ جي نظر ۾

سوره التوبه آيت 119 **ارشاد ٿيو.**

"مديني جي رهڻ وارا يا ان جي چوڌاري ڳوناٺان کي جائز نہ آهي تہ هو رسول خدا ﷺ جو ساٿي ڇڏن ۽ نہ اهو جائز آهي تہ رسول ﷺ کي دشمنن ۾ ڇڏي پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ رهن"
"سوره الانفال آيت 16 **۾ بہ اللہ جنگ ۾ بجڻ دارن جي مزمت ڪئي آهي"**
هاڻي فيصلو پڙهندڙن تي آهي تہ اللہ جي حڪم مجين ۽ رسول ﷺ کي ڇڏيندڙن سان بيزاري ڪن يا پنهنجي ضد تي بيهن.

حضرت ابوبڪر تہ ڪنهن بہ جنگ ۾ نہ وڙهيو. اسلام جي پهرين جنگ يعني "جنگ بدر" ان ۾ تہ ميدان ۾ ئي نہ لٿو. مان جڏهن عمرو ڪرڻ ويوهيس تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ جتي مسجد ٺهيل آهي (يہ ان بہ (تي) اتي حضرت ابوبڪر رسول ﷺ سان گڏ وينو رهيو هيو! ڇڻ تہ هن تي جهاد واجب ئي ڪو نہ هيو.

جنگ اُحد ۾ صحابہ رض جو ڀڄڻ ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ جيڪا الله تصوير چڪي آهي اها پاڻ سوره آل عمران آيت 153 تاريخ طبري مان چند جملہ

صحابہ جو ڀاڄ :-

سعد کان روايت آهي تہ رسول ﷺ جا صحابہ رض رسول ﷺ کي ميدان ۾ اڪيلو ڪري ڀڄي ويا.

عثمان ڀڄي ويو.

ابوجعز چوي ٿو تہ اُحد واري جنگ ۾ صحابہ رسول الله کي اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويا انهن مان ڪجھ تمام گهٽو پري عثمان بن عفانؓ عقبہ بن عثمان ۽ سعد بن عثمان شامل آهن. ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ واپس مديني موٽي آيا. تہ حضور اڪرم ﷺ انهن کي فرمايو! توهان تہ گهڻو پري ڀڄي ويا!. هيءُ آهن دين جا جانثار! ان ڀڄڻ جي انعام ۾ هنن کي حڪومت ملي ورنہ هنن وٽ ڪهڙي صلاحيت هئي علم ۾ تہ پهريون صفن ۾ بحث ڪري چڪا آهيون تہ سورة البرائت جون چند آيتون بہ ڪٽڻ جي اهل نہ آهي.

اوحد ۾ عليءَ جي شجاعت :- علي تہ هر جنگ جو فاتح آهي. بدر جو ۽ خندق ۾ عرب جي ناميوار بهادر عمر ابن عبدوود کي قتل ڪيو ۽ اُحد ۾ طبري جيڪو لکيو آهي اهو پيش ڪي ٿو. ابورافع چوي ٿو جڏهن عليءَ مشرڪن جي سردارن علم بردارن کي ماريو تہ هڪ ٻيو گروهہ مشرڪن جو تلوارن سان رسول ﷺ ڏي اڳتي وڌيو تہ رسول الله عليءَ انهن تي زوردار حملو ڪيو ۽ شيب بن مالڪ کي قتل ڪيو. جڏهن عليءَ جي شجاعت جبرائيلءَ ڏٺي تہ چيائين تہ هيءَ هوندي آهي جانثاري ! پاڻ ﷺ فرمايو!

" بيشڪ عليءَ مون مان آهي ۽ مان عليءَ مان آهيان"

جبرائيلءَ فرمايو توهان ٻنهي ۾ ٽيون مان شامل آهيان. هي آواز صحابہ اڪرامرضہ بہ ٻڌو:

لاسيف الاذوالفقار ولافتي الا علي.

"تلوار صرف ذوالفقار آهي ۽ جو ان مرد صرف عليءَ آهي"

جنگ خيبر ۾ عمر پٺي ويو. :- 7 هجري.

اسلام جي مشهور جنگ خيبر جيڪا رسول خدا ﷺ يهودين سان ڪئي هن جنگ ۾ پهريائين عليءَ کي پاڻ سان گڏ ڪو نہ ونئي ويا هيا چاڪاڻ تہ عليءَ کي اکين ۾ تڪليف هئي. دراصل الله موقعو پيو ڏنو ٻين اصحابن کي تہ هو پنهنجا جنگي جو هر ڏيکارن. انهيءَ ڪري رسول خدا ﷺ هن جنگ کي فتح ڪرڻ لاءِ چاليهہ ڏينهن جو وقت ڏنو. ۽ وڏا وڏا سورما قلع خيبر فتح ڪرڻ لاءِ روانہ ڪيا. رسول

خدا ابوبڪر کي علم ڏنو ۽ ان کي موقعي ڏنو تہ هو مرحب کي ماري ۽ اسلام جو علمدار بڻجي جيڪو علي ڪٽي ويو ۽ سپاه سان گڏ ناڪام موٽيو. ۽ حضرت عمر جنهن جا لاءِ مشهور آهي تہ هو وڏو بهادر هيو ايترو جو رسول خدا ﷺ ان جي مسلمان ٿيڻ لاءِ الله کان دُعا گهري. ليڪن هن تہ ڪٿي بہ جو هر نہ ڏيکاريا نہ جنگ بدر ۾ نہ جنگ خندق ۾ نہ جنگ اُحد ۾ جنگ اُحد ۾ تہ پڇڻ وارن مان پهرين نمبر تي هيو. هاڻي جنگ خيبر ۾ رسول خدا ﷺ موقعو ڏنس تہ پلا هاڻي ڪجھ جنگي جو هر ڏيکاري پر ان ۾ بہ مرحب کي ايندي ڏسي سپاه سان گڏ پوئندي پيجي اچي رسول ﷺ کي علم واپس ڪيو ان لاءِ جيڪو تاريخ طبري لکيو آهي اهو ڪجھ هي آهي.

رسول الله ﷺ علم خيبر ۾ عمر ابن الحظاب کي ڏنو. هو ڪجھ ماڻهون وٺي قلعہ تي حملا آور ٿيو. اهل خيبر انهن سان مقابلو ڪيو. عمر ۽ ان جا ساٿهي پيجي وجي جان بچائي ۽ رسول خدا ﷺ علم واپس ڪين. عمر جي ساٿين هن کي بزدل قرار ڏنو ۽ هن هنن کي.

<u>خيبر ۾ عليؑ کي علم عطا ٿيو</u> :-

جڏهن رسول ﷺ پنهنجا اصحابہ سڳورا آزمايا ۽ اهي بُري طرح سان ناڪام ٿيا بلڪ اسلام لاءِ شرمندگيءَ جو سبب بڻيا تہ رسول اڪرم ﷺ هڪ اعلان ڪيو :

” سياڻي هي علم اهڙي مرد کي ڏيندس جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت رکندڙ هوندو. ۽ الله ۽ ان جو رسول ﷺ ان سان محبت رکڻ وارا هوندا.“

هي لفظ رسول جا چا تا ظاهر ڪرڻ فرمائين ڪجھ سوال تي سگهن تا. مثلاً :

1. هن کان پهريون وارا مرد نہ هيا چا؟
2. چا پهريان جيڪي ويا اهي الله ۽ الله جي رسول ﷺ سان محبت ڪرڻ وارا نہ هيا.

تہ پوءِ ابوبڪر کي بعد نبيءَ افضل بشر چوڻ وارو پهرين هن کي ايمان وارو تہ ثابت ڪيو.

تہ پوءِ دنيا ڏنو تہ عليؑ خيبر ڪيئن فتح ڪئي ڪيئن مرحب ۽ أنتر کي ماريو.

زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ سمجهن ها تہ هي ائين جنگن مان پڄن نہ ها موت کي جن هستين شڪست ڏني.

الله انهن کي همشيه لاءِ اَمر بڻائي ڇڏيوا واقعہ ڪربلا دنيا جي آڏو آهي. امام جسينؑ پٽ کان سوال ڪيو تہ پٽ موت کي تون ڪيئن ٿو سمجهي شهزاده علي اڪبر فرمايو! بابا! ماڪيءَ کان بہ مٺو. افسوس دنيا وارؤ اهلبيت جي مقابلي ۾ پڳوڙا ۽ جاهل آندا.

دنيا جي لالچ ڪافر بڻائي ڇڏيو.

سوره التوبه آيت 65 ۾ ارشاد ٿيو ته :
” هاڻي ڳالهيون نه ناهيو. حقيقت ته اها آهي ته توهان ايمان آڻڻ ڪان بعد ڪافر بڻجي ويا جيڪڏهن توهان مان ڪجهه ماڻهن ڪي درگزر به ڪيان تڏهن به ڪجهه ماڻهن ڪي ضرور سزا ڏيندس“.
هي قرآن آ. ۽ توهان ٻڌايو ته ڪير هوندا. سيده فاطمة الزهره؏ دربار ۾ ابوبڪر ۽ عمر ڪي فرمايو ته توهان منهنجي صداقت تي شڪ ٿا ڪيو يعني توهان قرآن جي آيت تطهير جا انڪاري ٿي ويا ۽ توهان ٻيهر ڪلمو پڙهو. دربار يزيد ۾ سيده زينب اهي ئي لفظ يزيد ڪي فرمايا. وغيره الله جنگ اُحد تي گفتگو ڪندي سوره آل عمران ۾ فرمائي ٿو. ته هي هڪ آزمائش هئي ته ڏسان ڪير ٿو ثابت قدم ٿي ۽ فرار ٿي ڪير ٿو منافق ٿئي.

خلافت آزمائش هوندي آهي.

خلافت يا بادشاهي يا ڪا بي طاقت نعمت به آهي. ۽ زحمت به آهي. جن الله جي فرمانبرداري ڪري ۽ پنهنجي نفساني خواهش جو ڳلو ڪٽيو ته اها زحمت ۽ نعمت آهي اگر نفس جي پيروي ڪئي ته اها رحمت ۽ لعنت بڻجي ويندي آهي جيئن نمرود، فرعون، يزيد وغيره. ۽ قرآن به ائين ئي فرمائي ٿو. سوره يونس، آيت ١۴ ارشاد ٿيو.

” پوءِ اسان انهن کي زمين ۾ خليفو بڻايو تہ جيئن اسين ڏسون تہ هو ڪيئن ٿو ڪم ڪري“. يعني خلافت صرف انعام نہ پر پَرک آهي.

خليفو ڪفر تي بہ ٿي سگهي ٿو.

هُوَ الَّذِي جَعَلَكُمْ خَلَائِفَ فِي الْأَرْضِ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهُ

” ان توهان کي زمين ۾ خليفو بڻايو جي ڪفر ڪندؤ تہ ان جو نقصان ان کي ئي ٿيندو“ (سوره فاطر). فاطمة الزهرهؑ کي ناراض ڪندڙ ڪير آهن؟ سوچو!!

تاريخ عرب جي مصنف فلپ ڪي هٽي خلفاءِ لاءِ چوي ٿو!.

حضرت عثمان اقر با پروري ڪئي اُميہ خاندان کي نوازيو. حضرت عثمان پنهنجي رضا ئي ڀاءُ عبدالله کي مصر جو امير ڪيو هن شخص کي رسول الله ﷺ آنحضرت ﷺ فتع مڪ جي وقت ملڪ بدر ڪيو هيو. جنهن کي عثمان گهرائي گورنري ڏني. ويڄي ڀاءُ وليد ابن العقبہ کي ڪوفي جو حاڪم بڻايو. هن رسول خدا جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي. پنهنجي سؤٽ مروان بن الحڪم کي وزير خزانہ بنايو. مطلب تہ هن سجو ملڪ اُميہ خاندان سان ڀري ڇڏيو. حضرت عثمان پاڻ بہ اُميہ خاندان مان هيو. يعني معاويہ ۽ يزيد کي

طاقتور هن ئي بڻايو. تفصل لاءِ پڙهو مولانا مودوهيءَ جو ڪتاب "خلافت و ملوڪيت".

حضرت ابوبڪر جي جرنل غير شرعي ڪم ڪيو.

مالڪ بن نويره رسول خدا ﷺ جو صحابي هيو. رسول خدا جي وفات کان بعد هن مديني ڏانهن زڪوات موڪلڻ ۾ دير ڪئي. ان جو سبب اهو هيو ته هنن ٻڌو ته رسول الله ﷺ جو جانشين عليؑ نه ڪوئي ٻيو ٿيو آهي. لحاظ ابوبڪر زڪواة جي وٺڻ خاطر خالد بن وليد کي موڪليو. هن دهوڪي سان هن کي ۽ ان جي پوري قبيلي کي مسجد ۾ گهرائي قتل ڪيو. مالڪ بن نويره جي خوبصورت زال ڏسي خالد ان سان زنا ڪئي ۽ انهيءَ رات شادي ڪئي. يعني عدت جو به انتظار نه ڪيائين. جڏهن مديني ۾ اها خبر پئي ته اصحابن حضرت ابوبڪر کي خالد جي خلاف حد جاري ڪرڻ لاءِ چيو. حتاڪ عمر بن الخطاب سخت احتجاج ڪيو پر حضرت ابوبڪر پنهنجي پياري ساٿي کي ڪجھ به نه چيو ويتر هڪ ٻي مهم ڏانهن "يمامہ" موڪلي ڇڏيو. هي هڪ مختصر واقعي پيش ڪيو آهي پر دنيا جون سڀ تاريخون خالد جي ظلم سان ڀريل آہ. هو جتي به ڪا خوبصورت عورت ڏسندو هيو اهو بدڪاري ڪندو هيو. ڇا اها آهي الله جي بادشاهي؟ هنن کي خدا جو خوف ئي نه هيو!

اعلان خلافت عليؑ ابن ابي طالب

جيئن ته پهريون ئي سورة السجده جي 24 آيت واضع ڪري ٿي ته هر نبيءَ ڪي وصي هوندو آهي. جنهن کي مقرر الله ڪندو آهي ۽ اعلان وقت جو نبيءَ ڪندو آهي. حضور اڪرم ﷺ به بلڪل الله جي ان سنت تي عمل ڪندي دعوت "ذوالعشيره" ۾ ڪرڻ فرمايو:

إِنَّ هٰذَا أَخِي وَوَصِيِّي وَخَلِيفَتِي فِيكُمْ، فَاسْمَعُوا لَهُ وَأَطِيعُوا.

"هي (عليؑ) منهنجو ڀاءُ منهنجو وصي ۽ توهان ۾ منهنجو خليفو آهي. توهان ان جي ڳالهه ٻڌو ۽ اطاعت ڪريو".

(تاريخ طبري ج ص ٨٩ ڇا يونيس راڪيڊمي ڪرئي)
علامہ ابن خلدون :- هي اهلسنت جو وڏو محقق عالم آهي. جيڪو لکي ٿو: " سمجهو ته شيعه جي شروعات ان تي ٿي جڏهن ڪجهه ماڻهن ته بعد وفات محمد ﷺ، اطاعت تعبيداري ۽ خلافت جو حقدار عليؑ کي سمجهو يقينًا اها دعوي قرآن ۽ سنت الرسول ﷺ جي فرمانن جي عين مطابق آهي. ان دعويٰ ۾ صرف اهلبيت اڪيلا نه هيا پر جليل القدر صحابه ڪرام رضہ به هيا. جن ۾ زبير، عمار بن ياسر، سليمان فارسي، مقداد بن اسوده وغيره شامل آهن.

حديث قدسي :- حديث قدسي جي اهلسنت جا تمام علماء واقف آهن. ان ۾ حضرت امام علي رضاؑ فرمايو! ته آنحضرت ﷺ فرمايو ته مان (محمد ﷺ) هيءَ خبر (حديث) حضرت جبرائيل کان ٻڌي،

جبرائيل کان ۽ ميڪائيل، اسرافيل کان تہ هن اللهٰ تعاليٰ کان فرمائيندي ٻڌو.

” مان الله مون کان سواءِ ڪوئي معبود ڪونهي، مان پنهنجي قدرت سان مخلوق ڪئي ۽ مان انهن ۾ پنهنجا انبياء چونديا ۽ انبيائن مان محمد ﷺ کي پنهنجو حبيب ۽ خليل ۽ صفي چونڊيو. ۽ ان کي پنهنجي خلتق ڏانهن رسول ڪري موڪليو. مان پنهنجي حبيب جو ياءُ، وصي ۽ وزير ۽ ان جو خليفو بڻايو. ان ڪري محمد ﷺ ۽ عليءَ آسمان ۽ زمين تي منهنجي حُجت آهن. لحاظ محمد جي نبوت ۽ عليءَ جي ولايت بغير ڪو بہ عمل قبول نہ ڪندس“.

(ڏسو! تفير نورالثقلين، عيون اخبارالرضا جلد ٻيو).

ٻيو اعلان غدير خم جي ميدان ۾ ٿيو. ان جو ذڪر اڳم ٿيل آهي. هتي بہ اکر وڏيڪ چوڻان آهن تہ جڏهن اعلان خلاف ناتي صحابي رسول حارث بن نوفل اعتراض ڪندي چيو تہ اهو صرف رسول الله جي پنهنجي ياءُ عليءَ جي محبت جي ڪري ٿيو آهي تہ الله وحي نازل ڪئي.

(سورة الحاقة، الآيتان 44–45)

وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْأَقَاوِيلِ
لَأَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِينِ

” اگر رسول ﷺ اسان سان لاڳاپيل ڪا بہ ڳالهہ غلط ڪري تہ پوءِ ان جو سجو هٿ پڪڙي ضرور ان جو ڳلو ڪپي ڇڏيون“.

بس اسان حقير ۽ گنهگار بندن کي ڪهڙي جرآت اُهي جو ان آيت تي ڪجهہ لکون. توهان ڏسو. تہ الله عليءَ جي ولايت جي باري ۾ ڪنهن کي رعايت ڏيڻ وارو نہ آهي، حضرت جابر بن عبدالله انصاري رسول خدا ﷺ جو انتهائي پيارو صحابي آهي جنهن روايت ڪئي آهي تہ : مون رسول الله کان ٻڌو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

يا عليُّ، أنتَ أخي ووصيِّي ووارثي وخليفتي على أُمَّتي في حياتي وبعد وفاتي، مُحِبُّكَ مُحِبّي، ومُبغِضُكَ مُبغِضي، وعدوُّكَ عدوِّي، ووليُّكَ وليِّي.

" اي عليءَ ! تون منهنجو ڀاءُ، وصي، وارث ۽ اُمت جو خليفو آهين. منهنجي حياتيءَ ۾ بہ منهنجي حياتي کان بعد بہ، تنهنجو دوست منهنجو دوست، تنهنجو دشمن منهنجو دشمن آهي. تنهنجي لاءِ بُرو سوچڻ وارو، منهنجي پيروڪار (شيعو) آهيءَ.
(امالي شيخ صدوق، مجلس 26 حديث 5)

روايت سليمان فارسيرضہ

حضرت سليمان فارسيءَ فرمايو تہ مون حضور اڪرم ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ پاڻ فرمايائون:

إِنَّ أَخِي وَوَزِيرِي وَخَيْرَ مَنْ أَخْلُفُهُ بَعْدِي عَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ.
"رسول الله ﷺ فرمايو! علي بن ابي طالبءَ منهنجو ڀاءُ وزير ۽ سڀ کان بهترين خليفو آهي".

الله جي رسول ﷺ پنهنجو ۽ علي جو تعلق موسيٰ ؑ ۽ هارون ؑ سان جوڙيو آهي. الله تعاليٰ فرمايو! اي منهنجو حبيب موسيٰ ؑ مون کان هارون ؑ گهري ورتو ۽ تون به مون کان گهر ته مان علي ؑ کي تون مدد گار طور عطا ڪيان. قرآن ۾ آهي:

وَقُلْ رَبِّ أَدْخِلْنِي مُدْخَلَ صِدْقٍ وَأَخْرِجْنِي مُخْرَجَ صِدْقٍ وَاجْعَلْ لِي مِنْ لَدُنْكَ سُلْطَانًا نَصِيرًا

”(اي محمد ﷺ) دُعا گهر ته اي منهنجا پروردگار داخل ڪر چڱي طرح (ڪعبه) ۾ ۽ ڪڍ چڱيءَ طرح ۽ پنهنجي بارگاه مان هڪ عظيم مدد گار عطا ڪر!“

ڏسو! هتي رسول ﷺ الله کان مدد طلب نه ڪئي پر مدد ڪرڻ وارو يعني مشڪل ڪُشاء عطا ڪر. جيڪو هر ميدان جو فاتح هجي اهو ميدان جنگ هجي يا علم هجي. انهيءَ ڪري ته علي شير خدا ۽ علم جو دروازو آهي. يعني سوره ابقره 247 جو مڪمل عملي جامو آهي.

شيطاني خليفو

ماڻهون ان ۾ خوش هوندا آهن ته حڪومت ملي يعني الله جي طرفان عزت ملي. وتعزمن اتشاءِ جو مقصد اهو هوندو آهي. ته هي دنيا جي چمڪ ڏمڪ ڪوڙو شان وشوڪت الله جي طرفان انعام آهي ۽ چون ٿا ته پلا الله نه چاهي ها ته فلان فلان خليفه يا بادشاه چوٿين ها؟ ڇو دراصل الله جي سوچ ۽ بندي جي سوچ مختلف هوندي آهي. بندو

جڏهن حڪومت ۾ ايندو آهي ته چوندي چوندي پنهنجن ويجهون مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن کي نواز هيندو آهي. جيئن هاڻي ٿي رهيو آهي. پر الله پنهنجا مصطفيٰ بنده چونديا ته انهن کي معاشي طورتي انتهائي ڪمزور بڻايو. سواءِ حضرت داؤد، سليمان جي داؤد کي به حڪم ڏنائين ته مان الله نه ٿو چاهيان ته تون قومي خزاني مان پنهنجي گهر جو خرچ ڪو. لحاظ الله لَوح کي حضرت داؤد لاءِ نرم ڪيو ۽ حڪم ڏنائين ته هڻن مان تون فوجن لاءِ سامان تيار ڪري پسڻ ڪمائي خرچ ڪر. يعني سرڪاري خزاني مان گهر جو خرچ نه هلاءِ.

الله جو وڏي ۾ وڏو دشمن "نمرود" آهي جنهن پهريون پيرو خدائيءَ جو دعويٰ ڪئي. ۽ تاج پهريو.

الله ان لاءِ به سورة البقرة ۾ فرمايو ته ان کي (نمرود) کي سلطنت عطا ڪئي. مثلاً

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِي حَاجَّ إِبْرَاهِيمَ فِي رَبِّهِ أَنْ آتَاهُ اللَّهُ الْمُلْكَ

" ڇا تون ان شخص (نمرود) تي نظر نه ڪئي ته ان بندي تي جنهن کي خدا سلطنت عطا ڪئي ته هو ابراهيمؑ سان ان جي پروردگار جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو". (سورة البقره آيت 258)

الله جي وراثت ائين ڪو نه هوندي آهي جيئن حضرت عثمان غني ڪئي. ستم ظريفي ته ڏسو! هن باغ فدڪ پنهنجي سؤٹ مروان کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيو. (تاريخ طبري خلافت و ملوڪيت). اجان ٿا چون ته اهي رسول الله جا نائب هيا. محمد ﷺ ۽ عليءَ ته ڪڏهن پنهنجن

ڪي ائين ڪونہ نوازيو. عليءَ جا اهڙا واقعا تاريخ ۾ پريل آهن تہ هن پنهنجي ڀاءُ حضرت عقيل کي قومي خزاني مان ٽڪو نہ ڏنو هن ضرورت وقت طلب بہ ڪيو ليڪن عليءَ انڪار ڪيو ۽ خوف خدا ﷺ ياد ڏياريو. حضرت عثمان جيڪا سرڪاري خزاني جي لوٽ مارڪئي اها تاريخ جو ڪارو باب آهي. هن معاويہ کي ڄاڻي واڻي طاقتور بڻايو جيتوڻيڪ عليءَ ڪيترائي مرتبا سندس جو ڏيان ان لاءِ ڇڪرايو پر هن هڪ نہ ٻڌي دراصل اڻ سڌي طرح معاويہ يزيد کي اهلبيت لاءِ تيار ڪيو تہ جيئن مستقبل ۾ عليءَ جي رستا روڪ ڪري سگهجي. اها قريش جي پراڻي چال هئي. معاويہ شام ۾ ايترو طاقتور ٿي ويو هيو جو هو مرڪز جي احڪامات کي نظر انداز ڪندو هيو.

خلافت تاريخ جي آئيني ۾

وفات رسول ﷺ کان بعد خلافت ۾ جيڪي اهم لاڙا آيا ان بابت اهلسنت جو مشهور تاريخ دان مولانا شبلي نعماني ڪجھ هيءَ لکي ٿو.

” آنحضرت ﷺ جي وفات ٿيڻ بعد ماڻهن جا ٽي واضع ٽولا بڻجي ويا“

1. انصار 2. مهاجرين 3. بنوهاشم

حضرت عليءَ کنهن بہ ٽولي سان نہ هيو هو صرف رسول خدا ﷺ جي ڪفن دفن ۾ مصروف هيو.

مولانا شبلي نعماني لکي ٿو تہ مهاجرين (قريش) حضرت ابوبڪر سان ۽ بنو هاشم حضرت عليءَ سان گڏ هيا.

آنحضرت ﷺ جي وفات کان نعد حضرت فاطمهءَ جي گهر ۾ هڪ مجلس ٿي جنهن ۾ بنو هاشم ۽ اهي اصحاب جيڪي عليءَ جا فرمانبردار هيا شريڪ ٿيا".

بنو هاشم ۾ ڪهڙا ڪهڙا بزرگ صحابہ شامل هيا ۽ انهن سان گڏ ڪهڙا جليل القدر صحابہ اڪرامرضہ هيا ان جي باري ۾ علام ابن سعد "طبقات" جي ٽين ۽ چوٿين جلد ۾ ۽ شيعہ عالم سيد علي المداني پنهنجي ڪتاب "الدرجات الرفيعة في الطبقات الشيعة" ۾ بنو هاشم جي ڪجھ بزرگن جا نالا لکيا آهن انهن حضرات جي ڪجھ ماڻهن جا نالا حاضر آهن.

1. حضرت علي ابن ابي طالب
2. حضرت طيفل بن الحرث بن عبدالمطلب – بدري صحابي.
3. حضرت حصين بن الحرث – بدري صحابي.
4. حضرت مسطع بن اثاثہ بن عباد بن عبدالمطلب. بدري صحابي.
5. حضرت عباس ابن عبدالمطلب
6. حضرت فضل بن عباس.
7. حضرت عبدالله بن عباس.

8. حضرت قسم بن عباس.
9. حضرت ثمام بن عباس.
10. حضرت عبدالرحمٰن بن عباس.
11. حضرت عبيدالله بن عباس.
12. حضرت عقيل بن ابي طالب.
13. حضرت ابوسفيان بن الحرث بن عبدالمطلب.
14. حضرت نوفل بن الحرث
15. حضرت ربيع بن الحرث
16. حضرت عبدالله بن زبير بن عبدالمطلب
17. حضرت حارث بن نوفل بن الحرث بن عبدالمطلب.
18. حضرت عبدالمطلب بن ربيعہ بن الحرث بن عبدالمطلب.
19. حضرت جعز بن ابوسفيان بن الحرث بن عبدالمطلمب.

هي چند نالا حضرت عبدالمطلب جي اولاد جا آهن ان کان علاوه جيڪي برگزيده صحابہؓ بہ ان محفل ۾ موجود هيا انهن ۾ ڪجھ نالا هي آهن:

1. حضرت خالد بن سعيد.
2. حضرت زبير – بدري صحابي.
3. حضرت ابوابوا هيشم – بدري صحابي.
4. حضرت مقداد بن اسود – بدري صحابي.
5. حضرت خالد بن سعيد.
6. حضرت زبير – بدري صحابي.

7. حضرت حذيفہ يماني (رازدار رسول جنگ تبوڪ).
8. حضرت عباده بن صامت.
9. حضرت سليمان فارسي.
10. حضرت جابر بن عبدالله انصاري
11. حضرت ابي بي ڪعب شامل آهن.

يعني اها دعويٰ تہ حضرت ابوبڪر جي سقيفہ بني ساده ۾ بيعت متفق طور تي غلط آهي. پهرين ڳالهہ تہ سقيفہ هڪ خانگي ملڪيت هئي. جيڪا سعد بن عباده جي اوطاق هئي. جڏهن تہ سرڪار جو سمورو ڪم ڪار مسجد بنوي ۾ ٿيندو هيو.

جيڪڏهن هن کي گڏ جاٽي ڪرئي هئي تہ مسجد بنوي ۾ ڪن ها. يعني مان محسن شاه ڪالوني لاڙڪاڻي واري گهر ۾ ويهي چند ماڻهون ميڙي ملڪ جي وزير اعظم جو فيصلو ڪريان تہ ان کي سڄو ملڪ مڃي. پوءِ ٻاهر نڪري اعلان ڪيان تہ خبردار جيڪو اسان جي فيصلي کي نہ مڃندو ان کي جيل ۾ وجهندس. اڄ جيڪڏهن مان ائين ڪيان تہ مون کي سڀ چريو چوندا تہ سائين حسن علي شاهہ جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. بلڪل ائين ئي چند غير متعلقہ شخصن جو ميڙ اڪو ٿيو ۽ ٻاهر نڪري حضرت عمر تلوار لهرائي چيو تہ هاڻي جيڪو نہ مڃندو ان جي سسي لاهي ڇڏينداسي. مٿان وري حضرت ابو هُريري چيو تہ هاڻي ابوبڪر اولي الامر جي منصب تي فائز ٿي ويو آهي جيڪو ان جي ڳالهہ نہ مڃندو ان رسول ﷺ جي نافرماني ڪئي. ابو هريُري جي تشريح اسلام ۾ فتنو پيدا

ڪري ڇڏيو. بس سيني ان ڳالھ تي ڪٽي ڳنڊ ڏني تہ حڪمران جي اطاعت الله جي ۽ رسول ﷺ جي اطاعت آهي. ليڪن جڏهن علي ابن ابي طالبؑ خليفو بڻيو تہ ان جي حڪمرانيءَ کي معاويہ ابن ابوسفيان ۽ بيبي عائشہ مڃڻ کان انڪار ڪيو. معاويہ عليؑ سان جنگ صفين ۾ لڙائي ڪئي ۽ هزارين مسلمان ماريا ۽ بيبي عائشہ جنگ جمل ڪراٽي جنهن ۾ بہ هزارين مسلمان مارجي ويا. مطلب تہ هي يار ڪنهن بہ هڪ ڳالھ بيهڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن. معاويہ ۽ بيبي عائشہ کي ان ڪري پسند ڪيو ويندو آهي. جو اهي شخصيتون عليؑ جون سخت دشمن هيون

قريش عليؑ جا مخالف ڇو هيا؟

هونءَ تہ حضرت عليؑ بہ قريش خاندان مان هيو پر هتي مطلب انهن قريش مان مراد جن لاءِ الله ليلافہ "قريش" واري آيت نازل ڪئي. قريش خاندان حضرت عبدالمناف کان هليو هن کي الله بہ فرزند ڏنا:-

1. هاشم :- مان عبدالمطلب، محمد ﷺ ۽ عليؑ آيا.
2. عبدالشمس :- اُميہ، ابوسفيان، معاويہ آيا.

هاشم جي گهراڻي کي ڪعبة الله جي رکهوالي ملي. ان گهر ۾ قرآن نازل ٿيو ۽ نبوت، امامت ۽ ولايت آئي. (سوره الا نفال آيت 34 ۾ الله ڪعبي جي متولن لاءِ فضليت جو اقرار ڪيو آهي.

تاريخي اعتيار کان تہ هاشم ۽ عبدالشمس ٻہ مختلف ڪردارن جا مالڪ هيا. هاشم سخي. باالخلاق ۽ همدر انسان هيو. جنهن سان مڪي جا ماڻهون پيار ڪندا هيا ۽ کين مڪي جو سردار بڻايو ويو.
عبدالشمس خود غرض ۽ ڪنجوس انسان هيو جيڪو هاشم جي سرداريءَ ڏسي نہ سگهيو ۽ شام ۾ وڃي تجارت شروع ڪئي. چيو وڃي ٿو تہ کيس پٽ جي اولاد ڪو نہ هيو ۽ هن هڪڙو اُميہ نالي ڇوڪرو پاليو جيڪو انتهائي هوشيار ۽ مالڪ جو وفادار هيو. عبدالشمس جي مرڻ کان بعد هن پاڻ کي ان جو پٽ سڏرايو ۽ مڪي ۾ اچي رهائش پذير ٿيو.
محمد ﷺ جي اعلان نبوت کي هاشم جي اولاد تہ قبول ڪيو سواءِ ابولهب جي ۽ اُميہ ۽ ان جي اولاد سخت مخالفت ۾ آئي اهو دؤر هيو ابوسفيان جو اُميہ خاندان ۾ واحد ابوسفيان هيو جنهن تجارت کانسواءِ مختلف ملڪن جي بادشاهن ۽ سردارن سان دوستي رکي هئي.
اهي ٻئجي خاندان هاشم ۽ عبدالشمس جي زماني کان ئي هڪ ٻئي جا ويري بڻيا هيا. ۽ عبدالشمس جي خاندان مال ۽ دولت گڏ ڪئي هئي. ۽ هاشم ۽ ان جو خاندان شروع کان ئي سخي ۽ ٻاجهارور هيو هنن وٽ جيڪو بہ هوندو هيو اهو ماڻهن کي ڏئي ڇڏيندا هيا. مڪي ۾ قحط دوران هاشم خيرات ورهائي. اُميہ خاندان کي برداشت نہ ٿيو تہ نبوت جهڙو اعليٰ مرتبو هاشم جي خاندان ۾ هجي. قريش مکه تن دن ۽ من جي بازي لڳائي محمد ﷺ کي ناڪام ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي جڏهن ان ۾ هو ناڪام ويا ته آخر ۾ هنن محمد ﷺ کي مارڻ جي به سنجيده ڪوشش ڪئي پر قريش جي هر سازش کي عليءَ ۽ سندس والد ابوطالبؑ ناڪام بڻايئدا رهيا. عليءَ اعلان نبوت وقت جيڪو واعدو ڪيو ان تي پورو لٿو ۽ رسول ﷺ ۽ اسلام جي خلاف هر قدم کي ناڪام بڻائيندو رهيو. ڪفار مڪ ابوسفيان، ۽ ابوجهل جي سر پينچيءَ ۾ مختلف سازشون ڪندا رهيا.

۽ هنن کي بنو هاشم سان ٽڪر جي همٿ ته نه هئي ليڪن هنن معاشي طورتي ڪمزور ڪرڻ لاءِ مختلف قبيلن جي مدد سان هاشمين جو سماجي ۽ معاشي بائيڪاٽ ڪيو ۽ ان کي " شعب ابي طالب " تائين محدود رکيو. پوري شهر مڪي بنو هاشم سان ڏيڻ وٺڻ بند ڪيو ۽ ٻاهران اگر واپاري ايندا به هيا ته ٻاهران ٻاهران ابولهب انهن کان اناج مهانگي اگهه تي خريد ڪندو هيو. ۽ نتيجو اهو نڪتو جو بنو هاشم جا ٻار ٻچه ۽ بزرگ بُک مان مرڻ لڳا ۽ وڻن جا پن پٽي پنهنجي خوراڪ ڪرڻ لڳا. اهو بائيڪاٽ ٽن سالن تائين هليو. بکون برداشت نه ڪري بيبي خديجة الڪبري ۽ حضرت ابوطالبؑ هن فاني دنيا کي ڇڏي ويا. تاريخ طبري لکي ٿي ته رسول خدا ﷺ انهن جي غم ۾ روئيندا رهيا. ۽ ان سال کي "عام الحزن" يعني غم وارو سال قرار ڏنو. شعب ابي طالب ٽن سالن تائين رهيو. ان دوران حضرت ابوبڪر، عثمان ۽ عمر رسول خدا جي ڪا به مالي مدد نه ڪئي.

ابوطالبؑ جي وفات کان بعد قريش رسول ﷺ سان عملي طرح وڙهندا رهيا ۽ اڪثران جي سر مبارڪ تي مٽيءَ جا ٻُڪ پري وجهندا رهيا. طبري لکي ٿو ته هڪ ڏينهن ان حالتن ۾ گهر تشريف کڻي آيو ته سيده فاطمة الزهره ان جي مٿي صاف ڪئي ۽ مٿو ڌوئي روئندي رهي. رسول خدا ﷺ فرمايو پٽ نه روع الله ضرور منهنجي مدد فرمائيندو هن واقعي ڪجهه ڳالهه ظاهر ٿيو ته ابوطالبؑ رسول ﷺ جو محافظ هيو. ٻيو ته سيده روئي ثابت ڪيو ته روئڻ بددعت نه آهي.

شعب ابي طالب جو واقعو بحثت رسولﷺ جي 7 سال بعثت ۾ آيو ۽ 10 بعثت رسالت تائين رهيو. انهن ٽن سالن ۾ جيڪي مسلمان ٿيا ته انهن ۾ ابوبڪر ۽ عثمان ۽ عمر بہ هيا. انهن وفادارن رسول الله ﷺ جي ڪهڙي مدد ڪئي؟ ثابت ڪيو! ته حضرت ابوبڪر، عمر يا عثمان هن مشڪل ترين ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪا ٿالي کٽڪ جي کڻي آيا هجن. يا عمر پنهنجي طاقت ڏيکاري هجي. حالانڪ ابوجهل حضرت عمر جو سڳو مامو هيو. هو پنهنجي مامي کي راضي ڪري ٿورو اناج کڻي اچي ها.

حضرت ابوطالبؑ جهڙو مضبوط سهارو ختم ٿي ويو ته الله پنهنجي نئين تدبير جوڙي ورتي ۽ رسولِ خدا کي يثرب (مديني) ڏانهن حجرت ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هيڏا نهن قريش رسول. کي قتل ڪرڻ جو پڪو پروگرام جوڙيون وينا هيا هنن مڪي ۾ رهندڙ تمام قومن مان ماڻهون چونديا ۽ انهن کي تلوارون ڏئي موڪليو ته اج رات نبي کي رات جو اونداهيءَ ۾ ننڊ جي حالت ۾ قتل ڪبو. هنن جو خيال

هيو تہ سڀ قبيلا گڏ هوندا تہ هاشمي سيني قبيلن سان وڙهي ڪو نہ سگندا. الله تعاليٰ رسول اللهﷺ کي صبح سوير آگاهہ ڪيو تہ ايندڙ رات تنهنجي بستر تي خوني حملو ٿنيدو. تون ڪنهن ٻئي کي سمهاري رات جي پهر نڪري وڃ ۽ رسول صحابہ کي پنهنجي بستري تي سمهڻ لاءِ چيو پر ڪو بہ تيار نہ ٿيو. ليڪن حضرت عليءِ سوال ڪيو تہ جيڪڏهن مان اوهان جي جڳهہ تي سمهان تہ اوهان جي جان بچي ويندي تہ رسول خدا فرمايو! بيشڪ ائين ئي ٿيندو. عليءَ فرمايو حاصر آهيان! مان حاضر آهيان! بس رسول اللهﷺ عليؑ کي چند هدايتون فرمايون ۽ چند مشرڪين مڪہ جون امانتون حوالي ڪري حضرت عليءَ کي بستر تي سمجهڻ لاءِ موڪليو.

حضرت عليؑ قريش جي رسول خدا ﷺ جي خلاف هر سازش کي ناڪام بڻايو. اڄ بہ عليؑ ائين ڪرڻ فرمايو. تاريخ گواہ آهي تہ موليٰ علي رات جو هزاريون رڪعتون پڙهندو هيو پر اڄ عليؑ سُڪون جي ننڊ کي ئي افضل عبادت سمجهو. ڪڏهن ننڊ نہ ڪرڻ وارو ايڏو بي خوف ٿي سمجهي پيو جو آسماني مخلوق عاشق ٿي پئي ۽ الله ان ننڊ کي خريدڻ ڪرڻ چاهيو عليؑ قيمت پڇا ڪئي الله پنهنجو سڀ رضائن جو مالڪ بڻايو. عليؑ جان جي بدلي الله جون راضائون خريد ڪيون ۽ ومن الناس من يشري ------- آيت نازل ٿي.

عليؑ قريش ۽ رسول ﷺ جي درميان سيساپلائي ديوار ثابت ٿيو. هاڻي قريش چاهيو تہ رسول ﷺ جا بہ بازون آهن هڪ عليؑ ۽ ٻيو حمزه رضہ جنهن کي هٽائڻ ضروري آهي.

بئي پاسي رسول خدا ﷺ مديني سفر لاءِ روانا ٿيا ۽ الله جي مدد سان حضور اڪرم ﷺ جن يثرب پهچي ويا. مديني ۾ ٻه قبيلا بني اوس ۽ خزرج هيا جيڪي ڪيترن ئي سالن کان پاڻ ۾ خوئي جهڳڙا ڪندا رهيا ۽ هنن رسول اڪرم ﷺ جي امين ۽ صديق هجڻ جي خبر ٻڌي ته پاڻ ﷺ کي آمين مقرر ڪيائون.

مديني ۾ يهودي ۽ ٻيون قومون به رهنديون هيون. پاڻ ۾ امن ۽ خوشحالي سان رهڻ لاءِ هڪ لکت ۾ معائدو تحرير ڪرڻ فرمايو. جنهن کي تاريخ ۾ ميشاق مدينه (charter of Madina) جي نالي سان سڏيو وجي ٿو. هي دنيا جو پهريون لکت وارو معائدو درستورا لعمل (constitution) هيو. ان ۾ مديني ۾ رهڻ جا طور طريقا ٻڌايا ويا ۽ سيني ڌرين کي پابند بڻايو ويو.

مڪي جا قريش رسول خدا ﷺ جي خوشحال زندگيءَ تي سڙندا رهيا. ۽ الله پهريون ڀيرو مسلمانن تي جهاد واجب ڪري ڇڏيو (سورالانفال).

<u>جنگ بدر</u> :- 1 هجري :- جنگ بدر ۾ مشرڪين مڪي جو تعداد هڪ هزار هيو ۽ ان جي قيادت ابوجهل ڪري رهيو هيو. مسلمانن جو تعداد صرف ٽي سو تيرهن (313) هيو جنهن جي قيادت محمد ﷺ مصطفيٰ ۽ ان جو سپهه سالار حضرت عليؑ هيو. قريش کي پنهنجي اڪثريت تي غرور هيو ۽ انهن وٽ جنگ سازو سامان به سنو هيو. قريش محمد ﷺ جي قتل جو خواب ڏسي رهيا هئا. ليڪن الله جي شير علي ابن ابي طالب انهن جي تمام اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

قريش طرفان عتبہ، شيبه ۽ وليد ميدان ۾ آيا.
رسول خدا ﷺ حمزه بن عبدالمطلب، عبيده بن حارث بن عبدالمطلب ۽ علي بن ابي طالبؑ بن عبدالمطلب ميدان ۾ لاٿا.
هڪڙي ڳالهہ قابل ذڪر آهي تہ رسول الله حضرت عمر کي ان قابل چو نہ سمجهو تہ هو ڪافرن جي مقابلي ۾ لهي؟ مسلمانن جو اهو چوڻ تہ هو ايڏو بهادر هيو جو هن جي مسلمان ٿيڻ لاِ رسول خدا ﷺ دُعا گهري ۽ اها دعويٰ وجي ٿي تہ مسلمان ڏجي نماز پڙهندا هيا يہ هن جوان جي مسلمان ٿيڻ سان مسلمانن کان ڪافرن جو خوف ختم ٿي ويو. پر جنگ بدر ۾ رسول خدا ﷺ ان کي قابل ئي نہ سمجهو تہ هن کي دوبدون مقابلي ۾ موڪلي ۽ نہ وري هن همراهہ بدر جنگي جو هر ڏيکاريا. هر طرف عليؑ ۽ عليؑ هيو. مشرڪين کي وڏي بُري شڪست ملي. مشرڪين مڪہ جاستر ماٺهون مارجي ويا جن صرف عليؑ پنجتيهن (35) قريش ماريا ۽ ستركان وڏيڪ زخمي ڪيا. تاريخ لکي ٿي تہ جڏهن لاش ۽ زخمي مڪي ۾ پهتا تہ هر هڪ گهر ۾ ماتم ٿي ويو. هر مڪي جو زخمي چوي پيو تہ منهنجي پويان عليؑ هيو. هر هڪ چوي پيو تہ مون کي سخت زخمي عليؑ ڪيو.
ابوسفيان جي روح تي عليؑ وار ڪيو تہ هاڻي قريش لاءِ عليؑ مسئلو بڻجي ويو. عليؑ جي تلوار يزيد کي بہ نہ وسري ۽ شام جي دربار ۾ اهو چيو تہ " ڪاش اڄ منهنجا بدر وارا هجن ها ۽ ڏسن ها تہ مان عليؑ کان هنن جو ڪيڏو وڏو پلاند ورتو آهي." يزيد ثابت ڪيو تہ حسينؑ جو قتل بدر جو انتقام هيو. ان ڏينهن تي انهن وچن ڪيو

تہ عليءَ کي ان جي سزا ضرور ملندي. ابوسفيان فتح مڪہ وقت جڏهن ڏنو تہ هو رسول الله ﷺ سان مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو مجبورًا اسلام جي جهنڊي هنيان آيو. اهو صرف ان جو ڍونگ هيو. هو اسلام مان متاثر ٿي نہ آيو پر طاقت جو مقابلو نہ ڪري سگهڻ ڪري حڪمت عملي تبديل ڪئي عليءَ سان بغض تہ پهريان کان ئي ڪجھ ڪندا هيا. ڇاڪاڻ تہ عليءَ جي صفات کان خوفزده هيا. بعد وفات رسول ﷺ مڪي جا قريش چاهين پيا تہ ڪير بہ جانشين ٿي ليڪن عليءَ کي اچڻ نہ ڏيو. ان سلسلي ۾ جڏهن سعد بن عباده کان سوال ڪيو ويو تہ تون سقيفہ ۾ خفيہ گڏجاڻي ڪونائي تہ هن جواب ڏنو هيو تہ انصار مدينہ ڄاڻن پيا تہ قريش عليءَ کي ڪڏهن بہ خليفو ٿيڻ نہ ڏيندا تنهن ڪري اسان انصارن مان ڪنهن کي ٿيڻ گهرجي. ۽ سعد بن عباده ان لاءِ بهترين انتخاب هيو. هي رسول خدا ﷺ جي پهرين صف جي اصحابن مان هڪ هيو. هو مديني جي حڪومت کي مالي امداد فراهم ڪندو هيو. رسول خدا ﷺ جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ۽ راوين کي پگهار ڏيندو هيو. اهو بہ آهي تہ هن ابوهريري کي اهو چئي رسول خدا جي خدمت ۾ رهڻ جو چيو تہ مان تنهنجي گهرجا خرچ اخرجات برداشت ڪندس. سعد بن عباده ڪڏهن بہ ابوبڪر ۽ عمر جي بيعت نہ ڪئي ۽ صاف انڪار ڪيو هيو. ليڪن هن جو ڪجھ بگهاڙي نہ سگهيان.

انصار جي ان گڏجاڻي ۾ ابوبڪر عمر ۽ عبيده قريش جي طرفان شامل ٿيا جنهن ۾ حادثاتي طور ابوبڪر کي عمر نامزد ڪيو ۽

انصارن مان مخالف ذرجي ڌڙي جي سر براهه ابوبڪر جي تاعيد ڪئي چاڪاڻ ته هو نه ٻيو چاهي ته انصار جو ٻيو قبيلو هنن تي حاوي ٿئي اسلام هنن کي پائرن وانگر بڻائي ته ڇڏيو هيو پر هتي قبيلائي حسد حاوي ٿي ويو بس سعد بن عباده ۽ عمر جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيو. عمر هن کي مارڻ جي دهمڪي ڏني. پر سعد جي پٽ پنهنجي والد کي بچايو ۽ زنده نڪري ويو. ۽ جيتائين زنده رهيو. ابوبڪر جي پويان نماز نه پڙهيائين هو مسجد نبوي ۾ ئي ڪو نه آيو. (ڪتاب حيات چهارده معصومين) اسلامي مملڪت ان وقت پوري عرب سرزمين تي ڦهلجي چڪي هئي. حجةالوداع جو ميڙا ڪو غذير ۾ ان جو گواهه آهي ته ان ۾ هڪ لک چوويهن هزار اصحاب شرڪت ڪئي جتي پوري اسلامي دنيا جو آڏو عليؑ کي موليٰ بڻايو ۽ سيني اصحاب اڪرام رضہ بيعت ڪئي. ۽ هتي انتهائي غير معروف ۽ غير ذميوار ۽ غير متعلقہ شخصن جو غير قانوني ميڙاڪو ٿيو. سقيفہ بن ساده جي ڪائي قانوني اخلاقي ۽ سياسي اهميت نه آهي. بس هڪ بنياد جو سلسلو شروع ڪرڻ چاهين پيا جيئن اسلام کي ڪاري ضرب لڳي هيءَ قريش جي چال هئي. ته عليؑ کي اشتعال ڏيارجي.

<u>**جنگ اُحد**</u> :- قريش مڪہ کي بدر جو گهرو صدمو رسيو ۽ هاڻي ابوسفيان هڪ فوج تيار ڪري مدينہ تي حملہ آور ٿيو. هن مهم ۾ پنهنجن عورتن کي بہ ساڻ ڪنيو تہ جيئن واپسيءَ جا رستا بند ٿين. مشرڪن جي علمدار طلحہ بن عثمان جو مقابلو عليؑ سان ٿيو.

عليؑ وار ڪري ان جون ٻئي جنگھون ڪپي ڇڏيون جڏھن ھو زمين تي ڪريو عليؑ ڪي الله جو واسطو ڏنائين تہ مون کي مار نہ عليؑ ھن کي ڇڏي ڏنو. بعد ۾ عليؑ ۽ حمزهؑ ۽ ابودجا نہ مشرڪن جي فوج ۾ گھري ويا ٿوري ئي دير ۾ مسلمانن کي ڪاميابي ملي ۽ مشرڪن ڀڄڻ شروع ڪيو. جيئن مشرڪ پوئتي ڀڄا تہ مسلمانن جا تير انداز اُحد جبل ٿان ھيٺ لھيا آيا جئين ھو بہ مال غنيمت حاصل ڪري سگھن اُحد جبل جي پويان خالدبن وليد ھڪ دستي سان تيار بيٺو ھيو ۽ ان پويان اچي حملو ڪيو. مسلمانن جون وايون پٽال ٿي ويون ۽ ڪافي تعداد ۾ شھيد ٿي ويا باقي جيڪي بچا سي جبل تي ڀڄي ويا. رسول خدا ﷺ قريش مڪہ جي گھير ۾ اچي ويو. تاريخ طبري لکي ٿو تہ جڏھن عليؑ مشرڪن جي عملبدارن کي ماري ڇڏيو تہ ايتري ۾ ھڪ زور آور جٿھو رسول خدا ﷺ ڏانھن وڌڻ لڳو. محمد ﷺ مصطفيٰ فورًا عليؑ کي زور سان مدد لاءِ پڪاريو. يعني يا علي مدد چوڻ فرمايو اي عليؑ منھنجي مدد ڪار ۽ عليؑ کي الله ٻڌايوئي رسول ﷺ جي لاءِ ھيو. رسول خدا ﷺ الله کان دُعا ۾ گھريو ھيو تہ اي الله مون کي پنھنجي طرفان مشڪل ڪشاء عطا ڪر. ھاڻي فورًا آيو ۽ رسول کي ڪافرن جي گھري کان محفوظ رکيو. عليؑ جي تلوار ٽٽي پئي. رسول الله ڪجيءَ جو ٽڪرو اُڇلايو علي ان سان جنگ ڪندو رھيو. الله فورًا تلوار نازل ڪرڻ فرمائي. جبرائيلؑ بلند آواز سان ھي قصيدو و عليؑ جي شان ۾ پڙھيو.

لَا سَيْفَ إِلَّا ذُو الْفِقَارِ، وَلَا فَتَىٰ إِلَّا عَلِيٌّ.

”تلوار صرف ذوالفقار آهي ۽ جوان مرد صرف علي آهي“.
هن جنگ جو احوال قرآن ڪريم سوره آل عمران جي آيت نمبر 139 کان 153 تائين ڪيو آهي. جنهن ۾ فرمايو. هيءَ جنگ امتحان هيو ته ڏسجي ڪير سچو مومن آهي ۽ ڪير منافق آهي.
هاڻي فيصلو ته توهان تي آهي ڪير ڪير ڀڄي ويا انهن جا تاريخ جي ننڍين وڏن ڪتابن ۾ لکيل آهن. ان ڪتابن ۾ تاريخ طبري ۽ فضائل صحابہ شامل آهن.
جيڪي الله جي نظر ۾ مومن ئي نه آهن ته اهي اميرالمؤمنين ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ ذرا سوچو!
نه اها خلافت جمهوريت جي اصولن تي آنه اسلام جي اصولن تي ۽ نه علم ۽ سخاوت جي معيار تي پوري لهي ٿي. ذرا سوچو!!
عليؑ سچ فرمايو ته اهو سڌو ظلم ٿيو.
الله تعاليٰ ضرور پنهنجن بندن کان امتحان وٺندو آهي.
سوره التوبه :- آيت 16 ۾ ارشاد ٿيو.
” ڇا توهان اهو سمجهو ٿا ته آزمائش کان سواءِ اوهان کي ڇڏي ڏيون“
سوره العنڪبوت آيت 01 ۾ ارشاد آ :-
”ڇا ماڻهون اهو سمجهن ٿا ته صرف اهو چوڻ کي ته اسان ايمان آندو ته بس اهي ڇُٽي ويا“
اسلام خاطر جيڪو موت جي منهن ۾ اچي اهو افضل آهي يا هميشه پنهنجي جان بچائي ڀڄي وڃي!!

جنگ خندق :- هي جنگ ۵ هجري ۾ واقع ٿي. مديني جي چوڌاري هڪ وڏي کڏ کوٽي وئي هئي ان ڪري هن کي جنگ خندق چيو ويندو آهي. قريش جا پليد اردا عليؑ پهريون بدر ۾ ۽ پوءِ اُحد ۾ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا. هاڻي هڪ وڏو لشڪر جنهن جو تعداد ڏهه هزار کان به وڌيڪ هيو تيار ڪري پهتا. ان جنگ جي خاص ڳالهه اها هئي ته هو مسلمانن جي فتح جو ڪارڻ معلوم ڪري چڪا هيا ته اهو سڀ علي ابن ابي طالب آهي. هنن عرب جي مشهور جنگ جو بهادر عمرو بن عبدر ود کي خاص طور شامل ڪيو. ابوسفيان اهو سمجهي پيو ته هن جو عليؑ مقابلو ڪو نه ڪري سگهندو. رسول ﷺ جو بازو حضرت حمزه کي اُحد ۾ قتل ڪيو ۽ هاڻي هو آخري رسول ﷺ جو سهارو به ختم ڪرڻ پيو چاهي.

توڙيجو وڏي کهائي کوٽيل هئي ان جي باوجود به عمروبن عبد وود ميدان ۾ اچي پهتو. هن اچڻ سان اچي مسلمانن کي للڪارڻ شروع ڪيو پر ڪوبه ان جي سامهون اچڻ لاءِ تيار هيو حضرت عليؑ عرض ڪيو يا رسول الله مان علي حاضر آهيان ته هن ڪُتي کي جواب ڏيان. چاڪاڻ ته هن رسول الله جي شان ۾ غستاخي ڪئي هئي ۽ رسول ﷺ اصحابن ڏي ڏسي فرمايو هيو ته آهي ڪوئي جيڪو هن ڪُتي کي جواب ڏي! رسول خدا ﷺ عليؑ کي پنهنجن هٿن سان تيار ڪرڻ فرمايو. اصحابن رسول الله کي عرض ڪيو ته اسان عبدوود کي سڃاڻون ٿا هو وڏو بهادر آهي ۽ اڪيلو هڪ هزار جي لشڪر تي ڳورو هوندو آهي. حضور اڪرم ﷺ ۽ عليؑ مولىٰ انهن

ڪي حيرت سان ڏسي رهيا هيا. ان واقعي جي نقش نگاري الله سوره الخراب ۾ ڪئي آهي. بظاهر اهو مقابلو سخت هيو. هو ڏانهن ابوسفيان ۽ لشڪر ڌُهل ۽ شرنا ۽ وجائي رهيا هيا. هو پر اميد هيا ته اج هو مسلمانن ڪي صفه هستيءَ سان مٽائي ويندا. عليؑ جڏهن ميدان ڏانهن هلڻ لڳو ته رسول خدا ﷺ اعلان ڪرڻ فرمايو " اج ڪُل ايمان ڪل ڪفر جي مقابلي ۾ وجي.
مولىٰ عليؑ جي قريش سان ڪا بہ ذاتي دشمني ڪونہ هئي علي ته يہ الله آهي اسد الله، عين الله، وجه الله ۽ لسان الله آهي. مولىٰ ذاتي ظلم تي صبر ڪرڻ وارو آهي جيئن مولىٰ بعد بني ﷺ ڪرڻ فرمايو. ليڪن الله جي راه ۾ ۽ رسول الله جي فرمان ۾ ڪابہ دير نہ لڳائيندو هيو. هڪ بي مثال عليؑ عمل ڪرڻ فرمايو. جڏهن سرڪار جن عمروبن عبدوود ڪي زمين تي ڪيرايو ۽ ماٿهون ان ڪي ڏسي ڪلڻ لڳا ته مولىٰ جي چهري ته هن غستاخي ڪئي. عليؑ جيڪو عبدوود جي مٿان سوار هيولهي پيو ۽ هن تي تلوار جو وار نہ ڪيو! عمر بن عبدوود چيس ته مان غستاخي ان ڪري ڪئي ته تون مون ڪي مارڻ ۾ دير نہ ڪر. توهان مون ڪي مارڻ جي بجاءِ ڇڏي ڏنو. مولىٰ فرمايو! مان صرف الله جي راه لاءِ وڙهندو آهيان. تون جڏهن غستاخي ڪئي ته ان ۾ منهنجي پنهنجي رنجش بہ شامل ٿي ويئي ان ڪري مان لهي پيس. بس اهو ٻڌي مو سخت حيران ٿيو پر پوءِ ايلاض ڪيائين ته مون ڪي قتل ڪر. مان هيٺ ڪريو پيو آهيان ۽ ماٿهون مون ڪي بيوسيءَ جي حالت ۾ نهاري رهيا آهن. ٿوري دير

ڪان بعد عليؑ عمروعبدود کي قتل ڪري جهنم رسيد ڪيو. ۽ رسول خدا ﷺ عليؑ جي ان هڪ ضربت کي ثقلين جي عبادت ڪان وڌيڪ افضل قرار ڏنو.

جنگ خندق ڪان بعد ابوسفيان خوفزده ٿي ويو ۽ هن عليءَ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اندروني سازشون شروع ڪيون. قرآن اسان کي آگاهي ڏئي ٿو ته ڪجهه مهاجرين پنهنجن مٿن مائٽن سان خفيہ طور تي رابطي ۾ هيا. انهن سيني ملي اهو فيصلو ڪيو ته محمد ﷺ کي ته پُٽ جي اولاد نہ آهي. تنهن ڪري اسان صرف عليؑ کي پاسي تي رکنداسين ته اسان ڪامياب ٿي ويندايس.

سوره المُمتجنة آيت 01 ۾ ارشاد باري تعاليٰ.

”مومنو! اگر توهان منهنجي راهه ۾ وڙهڻ ۽ منهنجي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ (مڪي ڪان) نڪتا آهيو ته پوءِ پنهنجين دشمنن ۽ منهنجي دشمن کي دوست نہ بڻايو. توهان ته انهن ڏانهن دوستيءَ جا پيغام پهچايو ٿا ۽ (دين) حق جيڪو توهان وٽ آيو آهي ان جا مُنڪر آهيو. تہ توهان انهن ڏانهن لڪيل لڪيل طريقي سان دوستيءَ جا پيغام پهچايو ٿا ۽ جيڪو توهان ڪيو پيا الله انهن ڪان واقف آهي“

هي آيت ڪير ڪان وڌيڪ صاف آهي ته مڪي جا چڏيل ماڻهون اسلام جي لباس ۾ رسول ﷺ جي صفن ۾ موجود هيا. هنن سيني جي نگاهہ عليؑ ۽ اهلبيت الرسول تي هئي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن رسول الله آخري وقت ڪاغذ ۽ قلم گهريو ته عمر شورو غل ڪيو ۽ اتي بيٺل ماڻهن بلند آواز سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. چا هنن سوره

حجرات جي آيت نہ بڌي هئي تہ ”خبردار رسول ﷺ جي آواز سان آواز نہ ملايو“. توهان رسول ﷺ جي آواز کان هلڪو آواز ڪيو. ۽ عمر گوڙ ڪيو جيڪو اوهان جي ڪتابن ۾ پريل آهي.
قرآن رسول ﷺ جي اطاعت جو حڪم ڏنو آهي نہ ڪي ان سان بحث ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني آهي.
سوره آل عمران آيت ٣١ ۾ ارشاد آهي.

قُلْ إِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ وَيَغْفِرْ.

سوره محمد ۾ ارشاد ٿيو.
”اطاعت ڪيو الله جي ۽ اطاعت ڪيو رسول ﷺ جي ۽ پنهنجن اعمالن کي ضايع نہ ڪريو.“
حضرت عمر اڪثر ڪري رسول خدا ﷺ جي ڳالهہ تي ۽ ان جي فيصلي تي ڪاوڙ جو مظاهرو ڪندو هيو ۽ ماڻهن کي رسول الله ﷺ خلاف ڀهڙڪائيندو هيو. جهڙوڪ صلع حديبيہ وقت، ۽ ڪاغذ ۽ قلم گهرڻ وقت، اڄ رسول الله ﷺ ڀهريون پيرو ٻڌائڻ پيو گهري تي مون (محمد ﷺ) کي لکڻ ۽ پڙهڻ ايندو آهي. الله جي رسول ﷺ ان کي اڳم ئي عليؑ کي آگاهہ ڪري ڇڏي جڪو هيو تہ هو ضرور تنهنجي راهہ ۾ ڪنڊا وڇائيندا ۽ تون صبر ڪجاءِ.
جيئن تہ مون پهريائين ذڪر ڪيو آهي تہ بنو هاشم جي عزت ۽ وقار بنو اُميہ کي نہ ڀائيندو هيو. تاريخ لکي ٿي تہ فتح مڪہ وقت جڏهن پورو مڪو رسول ﷺ جي قبضي ۾ اچي ويو تہ رسول خدا ﷺ

قريش مڪ سان خطاب ڪرڻ فرمايو ۽ انهن کي هڪ هڪ زيادتي ياد ڏياري آخري ۾ انهن کان سوال ڪيو ته هاڻي جيئن ته منهنجي قبضي اچي چڪا آهيون. ٻڌايو ته توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي. سڀ سَرِ جهڪائي خاموشي رهيا ۽ رسول خدا ﷺ فرمايو ! نيڪ آهي مان اڄ توهان کي آزاد ڪيو غلاميءَ کان.

غلام هئڻ جي احساس بَنو اُميہ کي بدلي جي باھ ۾ وجهي ڇڏيو. هنن اها ڪوشش ڪئي ته اهلبيت سان ايترو ظلم ڪيون جو اسان کان آزاديءَ لاءِ چون ليڪن سيده زينبؑ بنت عليؑ يزيد جي ان ارادي کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. يزيد سان مخاطب ئي انهن لفظن سان ٿي. ”اي ابن طلقہ“ يعني اي اسان جا آزاد ٿيل غلامن جا پٽ!“

قريش جي دشمني بدلي جي باھ هئي چاڪاڻ ته هر قريش جي حملي جو جواب اللّٰہ علي جي هٿان ڏياريو. چاڪاڻ ته علي مظهر خدا آهيؑ الله جو زمين تي ۽ آسمانن تي سفير آهي.

<u>اهلسنت جي علماء جو رايو!</u> مولانا شبلي نعماني پنهنجي ڪتاب ”الفاروق“ ۾ لکي ٿو.

” حقيقت اها آهي ته حضرت عليؑ ۽ قريش جي وچم تعلقات ته ڪجھ اهڙا هيا جو قريش ڪنهن بہ حالت ۾ عليؑ جي اڳيان پاڻ کي جهڪائي سگهن“.

ڊاڪٽر طٰ حسين مصري ان سوال جو جواب هئين ڏنو.

”قريش جي اڪثريت بني هاشم کي خلافت ڏيڻ لاءِ ان ڪري راضي نہ هيا جو هنن کي ڊپ هيو ته اها خلافت بنو هاشم جي وراثت ۾ نہ

هلي وجي، ان ڪري هنن پنهنجو تن من لڳائي عليؑ کي خلافت کان پري رکيو“.

دراصل عليؑ سان بغض تہ شروع کان ئي هيو ۽ پر فتح مڪہ کان بعد باقاعده هڪ ڳجهي تحريڪ بڻجي وئيي. ان ڪري اللّٰہ خبردارڪيو تہ:

(سورة آل عمران، آية 103)

وَاعْتَصِمُوا بِحَبْلِ اللَّهِ جَمِيعًا وَلَا تَفَرَّقُوا ۚ وَاذْكُرُوا نِعْمَتَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ إِذْ كُنْتُمْ أَعْدَاءً فَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوبِكُمْ فَأَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهِ إِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ عَلَىٰ شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَأَنقَذَكُم مِّنْهَا ۗ كَذَٰلِكَ يُبَيِّنُ اللَّهُ لَكُمْ آيَاتِهِ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُونَ

”اللّٰہ جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙيو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو“.

تمام قرآن جا مفسر متفق آهن تہ ان رسيءَ **مان عليؑ** جي ولايت آهي.

حضرت عليؑ ابوبڪر خلافت تلوار چو نہ ڪنئي؟

اسان جي معاشري ۾ هر خاص و عام جي زبان تي اهو هڪ سوال هوندو آهي تہ عليؑ جيڪڏهن حق تي هيئو تہ تلوار چو نہ ڪنئين؟ چو تہ عليؑ جهڙو بهادر انسان جيڪو فاتح بدر، خندق، خيبر ۽ حُنين هجي تہ ان لاءِ خلافت وٺڻ ڪو وڏو مسئلو نہ هيو. اهو بلڪل صحيح آهي تہ عليؑ موليٰ جي للڪار ئي ڪافي هئي. عليؑ اللّٰہ جو نمائيندو هيو، رسول ﷺ جو وصي، ۽ وزير ۽ خليفو هيو. ۽ خلافت ان جو ئي حق هيو. ليڪن حالتون اهڙيون بڻجي ويون جو اها سي

ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي خونريزيءَ سان منهن ڏيڻو پوي ها. حضرت عمر ۽ ابوبڪر ته صرف مُهره هيا اصل ۾ انهن جي پويان هڪ وڏي اسلام مخالف قوت بيٺل هئي. جيئن ته پهريائين ذڪر ڪري چڪا آهيون ته عليؑ جي تلوار پوري مڪي ۾ صف ماتم وڇائي ڇڏيو هيو ۽ اهل قريش عليؑ جا ذاتي دشمن بڻجي چڪا هيا. تاريخ جا اهي لفظ آهن ته فتح مڪہ جي وقت ابوسفيان پنهنجي دوست حضرت عباس ابن عبدالمطلب کي چيو هيو ته تنهنجي ڀائيٽي محمدﷺ جي وڏي طاقتور حڪومت نهي وئي آهي. يعني هو حضور اڪرم ﷺ کي رسول الله ته پر بادشاهه جي حيثيت ڏئي رهيو هيو. هي اها طاقت هئي جيڪا عليؑ جي مخالفن سان گڏ بيٺل هئي.

مديني اندر منافق جو تعداد به ڪافي هيو. مديني کان ٻاهر واري صورتحال به خطرناڪ هئي. هڪ پاسي کان ايراني سلطنت (Persian Empire) ۽ ٻئي طرفان رومن سلطنت (Roman Empire) جيڪي ان وقت جون سپر پاور هيون ان تلاش ۾ وينون هيون ته اندروني جهيڙو شروع ٿي ته اسان اسلامي سلطنت ۾ گهڙي اسلام کي صف هستيءَ کان مٽائي ڇڏيون.

اهلسنت جي ناميور مؤرخين خود لکيو آهي ته جيئن ئي حضور اڪرم ﷺ جن جي وفات جي خبر مشهور ٿي ته اهو عنسيءَ يمن ۾، مسيلحه يمام ۾، طليحه بني اسد جي علائقن ۾ بغاوت ڪري ڇڏي. ايراني ۽ رومن فوجون اسلامي مملڪت جي بارڊرن تي آنديون

۽ اندروني خلفشار جو انتظار ڪنديون رهيون. عليؑ کان حق کسڻ جي خبر پوري دنيا ۾ پکڙ جي هئي ۽ دنيا اهو سمجهي رهئي هئي ته عليؑ انهن خلاف ضرور طاقت جو مظاهرو ڪندو. پر عليؑ جي نظر ۾ سڀ کان اول اسلام جي سربلندي هئي. پاڻ سائينءَ جن حق جي خاطر آواز اُٿاريو ليڪن تلوار نه ڪڍڻ جو فيصلو ان ڪري ڪيو جو ان سان ٻاهرن ۽ اندرون اسلامہ قوتن کي موقعو ملي ها ته هو رياست مدينه کي تباه ڪن عليؑ کي حڪمراني حاصل ڪرڻ ايتري اهم نه لڳي جيتري اها ته هو رياست کي بچائي. عليؑ پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي اسلام کي بچايو.

دشمن اسلام جڏهن مايوس ٿيا ته عليؑ مديني ۾ ڪوئي گوڙ نه ڪيو آهي ته هنن ابوسفيان کي موڪليو هو عليؑ وٽ آيو ۽ چيائين ته عليؑ هي ڇا ابوبڪر جيڪو قريش جي پست ترين قبيلي سان تعلق رکي ٿو اهو ڀلا هاشمين جهڙي اعليٰ قبيلي تي حڪمراني ڪندو " اي عليؑ تون پنهنجو هٿ وڌاءِ مان ابوسفيان تنهنجي بيعت ڪيان ٿو ۽ پوءِ مان پنهنجا ماڻهون ۽ پسئو لڳايان ٿو ۽ ابوبڪر کي فورًا معزول ڪيان ٿو ۽ تون ئي صحيح حقدار آهين. مولیٰ عليؑ ابوسفيان کي حيرت سان نهاريندو رهيو ۽ جواب ۾ فرمايائين! " اي ابوسفيان تون کي ڪڏهن کان اسلام ۽ بنو هاشم سان همدردي ٿي آهي؟ مان ڄاڻان ٿو ته تون ڇو آيو آهين؟ ابوسفيان جڏهن عليؑ کي اُکسائڻ ۾ ناڪام ويو ته حضرت ابوبڪر وٽ آيو ۽ پنهنجي مدد جي آڇ ڪيائين هنن قبول ڪئي ۽ ان جي پٽ يزيد ابن ابوسفيان کي

شام جي گورنري ڏني. ابوبڪر عمر ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هو حضرت عباس ابن عبدالمطلب کي پاڻ سان ملائن ليڪن هو ناڪام ٿيا. قبيلا بنو هاشم عليءَ سان گڏ بيٺا رهيا.

جيڪڏهن عليءَ کي حڪمراني ڪرڻ جو ٿورو به شوق هجي ها ته ابوسفيان جي آڇ سونهري موقعو هيو. اڄڪلهه جي سياست جو معيار ئي اهو آهي ته ڪهڙي طرح به (By Hook or crook) اقتدار ملي. علءَ خلافت کي شوق خاطر نه حق سمجهي پيو. ڇاڪاڻ ته الله جي رسولﷺ غدير خم ۾ مؤمنن جو مولىٰ بڻايو هيو. ۽ ابوبڪر عمر عليءَ جي هٿ تي بيعت ڪري چڪا هيا. عليءَجي بيعت رسول ﷺ جي بيعت ۽ رسول جي بيعت الله جي بيعت آهي. (سوره فتع)

علي خلافت ٺڪرائي

تاريخ هڪ عجيب و غريب منظر ڏٺو ته جڏهن عمر جي مرڻ کان پوءِ ڇهه رُڪني ڪاميٽي جوڙي ويئي ان ڪميٽي جي سربراه عبدالرحمٰن بن عوف عليءَ کي خليفو بڻائڻ لاءِ ميمبر سجايو ۽ مسجد نبوي ۾ اصحابن جو هڪ وڏو تعداد ڪونايو ته اچ عليءَ کي خلافت سونپي ويندي. عليءَ جو خلافت لاءِ اعلان ڪيو ويو ۽ اجان عليءَ ڪجهه قدم ميمبر ڏانهن وڌايا ته عبدالرحمن عليءَ کي ميمبر تي ويهڻ کان اڳ ٽي شرط رکيا. ان ۾ هڪ شرط اهو هيو ته تون سيرت شيخين تي عمل ڪندي. يعني تون ابوبڪر ۽ عمر جي سنت تي هلندي.

موليٰ فرمايو تہ مان قرآن ۽ رسول ﷺ جي سنت تي هلندس پر ابوبڪر ۽ عمر جي سيرت تي هر گز نہ هلندس. ڇاڪاڻ تہ هو خائن ۽ ڪوڙا آهن. (تاريخ طبري،علم) عليؑ حق ۽ سچ جو علمبردار آهي هو هر رجس ڪان پاڪ آهي پلا هو حڪومت جي ونڻ لاءِ اها ڳالهہ ڇو ڪندو جو حق ڪان پري هجي. هڪڙن ڪوڙن ڪي سچي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڪئين ڏيندو. عبدالرحمن سمجهي پيو تہ الله جو حقيقي نمائيندو علي آهي. اچ جيڪڏهن عليؑ هنن جي سيرت تي هلڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو تہ پوءِ هنن جي خلافت ڪي حق مجڻ جو سرٽيفڪيٽ ملي ويندو. يعني علي خليفہ بلافصل نہ ٿيندو. ليڪن عليؑ جي انڪار هن جي ارادن تي پاڻ ڦيري ڇڏيو. دراصل الله جي خليفي لاءِ حڪمران هئڻ لازمي نہ هوندو آهي هو هر حال ۾ الله جو نمائيندو هوندو آهي. هن جي ولايت هر شيءِ تي هوندي آهي. جڏهن عليؑ هنن ڪي خليفہ بر حق مجڻ ڪان انڪار ڪيو تہ اسان بہ عليؑ جا شيعہ آهيون. ان ڪري اسان ڪلمي ۾ عليؑ جي بلافصل هئڻ جي گواهي ڏيندا آهيون.

عليؑ جي تلوار صرف اسلام جي فلاح لاءِ اٿندي آهي. جيڪڏهن خلافت لاءِ خونريزي بهتر هجي ها تہ ضرور حاصل ڪري ها.

حضرت عليؑ هميشه خلافت جو اهل اهلبيت الرسول ﷺ ڪي قرار ڏنو ۽ ٻين ڪي غاصب ۽ ڪوڙو سڏيو، مثلاً نبح البلاغہ جي خطبہ شقشقيہ ۾ عليؑ فرمايو!

” خدا جو قسم فرزند ابو قهافہ (ابوبکرؓ) خلافت جو چولو پهريو حالانڪ هو مون کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. اڳتي هلي عمر کي بہ موليٰ عليؑ غاضبن ۾ شامل ڪرڻ فرمايو. ۽ وڌيڪ فرمايو! (خطبہ شقشقيہ 03 نهج البلاغہ) ” بيشڪ انهن ٻنهي (ابوبکر ۽ عمر) خلافت کي پنهنجي پاڻ ۾ وراهي ڇڏيو.

هن موليٰ جي خلطبي جي نتيجي ۾ اهلسنت جا وڏي کان وڏا عالم شيعان علي جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويا. مثلاً علامہ ڊاڪٽر محمد تيجاني سماوي بہ شامل آهي. هو پنهنجي ڪتاب ”تجلي“ ۾ ٻڌائي ٿو تہ مان اڃان ننڍڙو طالب علم هيم تہ استاد علم فصاحت وبلاغت جي ڪلاس دوران هي خطبو پڙهي ٻڌايو. مون اُٿي بيهي سوال ڪيو تہ ڇا واقعي هي خطبو عليؑ جو آهي؟ استاد سخت لهجي ۾ جواب ڏنو تہ هن جهڙي بلاغت ٻيو ڪري سگهي ٿو سواءِ عليؑ جي اعلامہ تيجاني فيصلو ڪيو ۽ سوچيائين تہ ڪجھ تہ گڙٻڙ آهي. هن لائبريري ۾ تاريخ جا ڪتاب ڳوليا پر ڪو نہ مليا. ڇاڪاڻ تہ مدرسن ۾ شاگردن کي تاريخ کان پري رکيو ويندو آهي.

<u>حق خلافت</u> :- حضرت علي ابن ابي طالبؑ فرمايو! هيءَ خلافت اسان جو حق آهي جيڪڏهن ڏيندؤ تہ وٺنداسين ورنہ اسان خاموشيءَ سان هليا ويندا سين. (تاريخ طبري)

عمر کان بعد جڏهن عثمان کي خلافت ڏيڻ جو اعلان عبدالرحمٰن بن عوف ڪيو تہ پوري مسجد عليءَ جي حق لاءِ اٿي بيٺي ليڪن عليؑ تقرير ڪئي ليڪن تلوار نہ کنئي. جيڪڏهن عليؑ زور زبردستيءَ

سان حڪمراني وٺي ها تہ هن وقت تي عليؑ جي حمايت وڏي تعداد ۾ هئي.
تاريخ گواهہ آهي تہ عليؑ نہ ابوبڪر جي حڪمرانيءَ ۾ ڪنهن جنگ ۾ تلوار کنئي ۽ نہ عمر جي فتوحات دوران. جيڪڏهن هنن جون جنگيون اسلام جي لاءِ هجن ها تہ علي ضرور ذوالفقار جا جوهر ڏيکاري ها. عليؑ مشڪل ڪُشاؤ آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کان جڏهن مدد ورتي ويئي تہ عليؑ مدد ڪئي. جيئن الله هر هڪ کي رزق ڏيندو آهي جيڪو هن کي مڃيندو آهي ۽ جيڪو نہ بہ مڃيندو آهي. ايران ۾ اسلامي فوج ڦاسي پئي هئي ليڪن عليؑ نقشو گهرايو ۽ جنگي حڪمت عملي تبديل ڪرائي جنهن جي نتيجي ۾ رستم پهلوان کي شڪست ملي. ائين تہ ڪيترائي ڀيرا يهودي ۽ انصاراني عالم خليفن کان مختلف سوال ڪري انهن کي لاجواب بڻايو ليڪن علي اسلام جي سر بلنديءَ خاطر انهن خلناءِ جي مشڪل حل ڪرڻ فرمائي. ان ڪري تہ ڪيترائي مربتہ عمرؓ اعتراف ڪيو تہ "جيڪڏهن اڄ عليءَ نہ هجي ها تہ عمر مري وڃي ها." (صحيح مسلم)

محمد مصطفيٰ ﷺ جي وفات کان بعد مديني جي صورتحال

اهلسنت جي ناميور مصنف، تاريخ دان مولانا شبلي نعماني جي زباني :-

” آنحضرت ﷺ جي جڏهن وفات ٿي ته ان وقت مدينه منور منافقن سان ڀريل هيو جيڪي ان تاڙ ۾ وينا هيا ته محمد ﷺ هن دنيا مان رحلت فرمائي ته اسلام کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيون“.

ان وقت جي جيڪا اسلامي مملڪت جي صورتحال هئي ان جي متعلق اهلسنت جي علمي شخصيت سيد ابوالحسن علي ندوي ڪجھ هيئن چوي ٿو.

”صرف ٻه يا ٽي جڳهيون هيون جتي نماز ٿيندي هئي. پورو ”جزيرة العرب“ ارتدا (اسلام ڇڏڻ) جي وَر چڙهي ويو هيو. ان ڳالھ جو خطرو هيو ته اسلام کي ڇڏي وجن“. ان صوتحال ۾ عليءَ تلوار ڪڍي ها ته هنن کي موقعو ملي وجي ها. ۽ پورو ملڪ مختلف نظرين ۾ اچي وجي ها. حضرت عليؑ جو مقصد صرف اسلام کي هن ڏکڻي صورتحال کان ٻاهر ڪڍڻو هيو. تاريخ اها ڇڻي گواهي ڏئي ته هنن جيڪي اهلبيتؑ سان ظلم ڪيا. پر اسلام خاطر هنن صبر ڪيو.

رسول الله جي نياڻي جنازي ۾ ابوبڪر ۽ عمر شرڪت نه ڪئي.

دربار کان جڏهن مايوس ٿي ته گهرواپس آئي سيده فاطمة الزهرا نماز شب (تهجد) ۾ ابوبڪر خلاف بد دعا ڪندي رهي.

صحيح بخاريءَ ۾ روايت آهي ته دربار کان بعد سيده فاطمة الزهرا ابوبڪر ناراض هئي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ان سان ڪلام نه ڪيو. ابوبڪر سلام ڪندو هيو ته سائڻ ان کي جواب نه ڏيندي هئي. اهو

اسلام ۾ آهي تہ مسلمانن کي جواب ڏيڻ واجب آهي. سيده جناب عليءَ کي وصحيت ڪري وئي هئي تہ جيڪي شخص منهنجي بابي (محمد ﷺ) جي جنازي ۾ نہ آيا هيا انهن کي منهنجي ڪفن دفن ۾ شريڪ نہ ڪجانءِ هي سڀ ڳالهيون "صياح سته" ۾ موجود آهن. ليڪن مولوي ماحب حق کي لڪائڻ ۾ لڳا پيا آهن.

حضرت علي ۽ فاطمةالزهره جي انهن سان ناراض هجڻ جو وڏو دليل آهي تہ عليءَ جي موجودگيءَ ۾ انهن ٽنهي خليفن جو موت ٿيو ليڪن عليءَ ڪنهن جي بہ ڪفن دفن يا جنازي ۾ شرڪت نہ ڪئي. حضرت عثمان جو تہ لاش ٽن ڏينهن تائين مديني ۾ پيو رهيو ليڪن ان کي عليءَ نہ تہ پاڻ دفنايو ۽ تہ پاڻ ڪنهن کي موڪلي دفنايو علي جيڪڏهن هن کي حق جو خليفو سمجهي ها تہ ضرور ان کي عزت ۽ وقار سان دفن ڪرائي ها.

جيڪي ماڻهون دوستيءَ جو دَم ڀريندا آهن تہ اهي پاڻ ۾ يا رهيا تہ انهن لاءِ مٿيان مثال ڪافي آهن ان سمجهڻ لاءِ تہ عليءَ جو انهن سا تعلق صرف اسلام جي خوشحاليءَ خاطر هوندو رهيو ڇاڪاڻ تہ اسلام جي لاءِ قربيانيون بہ عليءَ جون ۽ سندس جي بابي ابو طالبءَ جون آهن.

اسلام جي باغ جا بہ مالي آهن هڪ محمد ﷺ ۽ ٻيو عليءَ باغ جو مالڪ ڪڏهن بہ پنهنجي باغ کي ويران ڪندي نہ ڏسي سگهندو آهي. هونءَ بہ امامت جو اهو ڪم آهي تہ هو دين جي حفاظت ڪري ڪڏهن

تلوار سان ڪڍهن صبر سان بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ هوندو آهي.

حضرت عليؑ جو تلوار نہ کڻن جو فيصلو صرف رسول خدا ﷺ جي وصيعت هئي.

رسول الله جي عليؑ کي صبر جي تلقين :- اميرالمؤمينن جو نوجوان صحابي حضرت سليم بن قيس هلالي پنهنجي ڪتاب "اسرار امامت" جي صفہ نمبر 159 ۾ لکي ٿو تہ مان مان مسجد ڪوفہ ۾ موليٰ کان سوال ڪيو تہ اوهان هر دفعي پنهنجي حق خلافت کي کسجڻ جو ذڪر ڪيو ٿا تہ پوءِ اوهان ابوبڪر ۽ عمر جي خلافت قبضي ڪرڻ وقت تلوار ڇو نہ کڻين؟ موليٰ علي ان لاءِ ڊگهو خطبو ڏيڻ فرمايو جنهن جو حاصل مطلب اهو هيو تہ مون کي پنهنجي ياءُ رسول الله وفات کان اڳ بعد وفات پيغمبر ﷺ جي سنگين صورتحال کان باخبر رکيو هيو جنهن ۾ فرمايو هيائين تہ مون کان بعد تون تي ظلم ٿيندا ۽ تون کي پنهنجي حق خلافت کان محروم ڪيو ويندو. ماڻهون بہ انهن کان خوفزده ٿي ويندا ۽ تون بي وس ٿي ويندي جيڪڏهن تون کي ماڻهن جي حمايت ملي تہ تون تلوار کڻجاءِ ورنہ گروه بندي کان بهتر آهي تہ تون صبر کان ڪم ونجاءِ ۽ ها تون کي جان جو خطرو رهندو ۽ الله چاهي ٿو تہ تون زنده رهي تنهن ڪري تون پاڻ کي ۽ پنهنجي اهلبيت کي محفوظ رکجاءِ. موليٰ وڌيڪ فرمايو! "اي قيس! مان حق تي تہ هيس پر رسول الله جي

حڪم ۽ وصيعت خاطر صبر ڪندو رهيس ۽ پاڻ کي، پنهنجي ڪتب کي ۽ شيعن کي محفوظ رکندو رهيس.

<u>حضرت عليءَ کي قتل ڪرڻ جي سازش</u> :- جڏهن سيده باغ فدڪ جو حق وٺڻ لاءِ درباروئي ۽ فصيح وبليغ خطبو ارشاد فرمايو. عمر گواه طلب ڪيا تہ سائنس فرمايو مون کي الله آية تطهير ۾ صديق چيو آهي. ۽ اهو منهنجو ڪافي گواه آهي. عمر آية انما جي نفي ڪئي تہ سيده هن کي ٻيهر ڪلمي پڙهڻ جو چيو. عمر غصي ۾ اچي ويو. سيده فرمايو تہ الله هر پليتي اسان کان دور رکي آهي اسان کان گواه گهرڻ قرآن جي نفي آهي.

سليم ابن قيس بلالي لکي ٿو تہ هاڻي ابوبڪر ۽ عمر فيصلو ڪيو تہ ڪجھ بہ ٿي پوي پر عليءَ کي قتل ڪيو. ان سلسلي ۾ هنن خالد بن وليد کي گهرا پورويو. ان کي حڪم ڏنو تہ عليءَ سياڻي صبح جو جيئن نماز آخري سجدي ۾ اچي تہ تون هن جي مٿان خنجر جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏ جاءِ ليڪن صبح جو اهو راز فاش ٿيو عليءَ خالد بن وليد جي ڳچي پڪڙي. خالد کي عليءَ کان خوف اچي ويو ۽ ان سڄو پلان ٻڌايو. تہ ابوبڪر ۽ عمر تون کي هارائڻ گهرن ٿا. هي واقعو اهلسنت جي ڪتب ۾ بہ ڪجھ ٻئي طريقي سان لکيل آهي تنهن هوندي بہ اهو ظاهر آهي تہ ابوبڪر خالد کي عليءَ جي قتل جو حڪم ڏنو هيو.

حضرت ابوبڪر جي ڪوڙي حديث بيان ڪئي :- حضرت ابوبڪر ڪي سيده فاطمة الزهرهؑ ڪي اهو چئي پنهنجي بابي جي ميراث ڪان محروم ڪيو تہ اسان ڪي نبي ﷺ فرمايو هيو تہ ”نبين جي ميراث اولاد ۾ منتقل نہ ٿيندي آهي بلڪ اها صدقي ۾ تبديلي ٿي ويندي آهي. وقت گذرندو رهيو آيو وقت عثمان جي خلافت جو جڏهن هو خليفو ٿيو تہ ام المؤمنين بيبي عائشہ ۽ بيبي حفضہ ساڻس وٽ آيون ۽ پنهنجي تو هر محمد ﷺ جي رهيل ميراث جي طلب ڪيائون.

ان تي عثمان ٻنهي بيبن ڪي حيرت مان ڏسي چيو تہ توهان ٻنهي بين اها ڪوڙي ڳالهہ رسول اڪرم ﷺ سان جوڙي ان جي ڏيءُ فاطمة الزهرهؑ ڪي پنهنجي بابي جي ميراث ڪان محروم ڪري ڇڏيو. ايترو نہ صرف بلڪ هڪ ڪوڙي ۽ بد ڪار انسان مالڪ بن حدثان ڪي بہ ان ڪوڙي ڳالهہ تي ٻڌؤ. جيڪڏهن توهان جي چوڻ مطابق بهجا ڪوئي ميراث پوئتي نہ ڇڏيندو آهي تہ توهان نبيءَ جي وراثت جون ڪهڙي طرح حقدار آهيون. توهان ڪوڙيون آهن. طبري وارو لکي ٿو تہ ٻئي بيبون روئندي ٻاهر نڪتيون ۽ عثمان ڪي پٺ پاراتون ڏينديون ويون. بيجي عائشہ جنهن ڪان بعد حضرت عثمان جي سخت مخالف ٿي وئي هئي ايتري قدر جو هو هن ڪي ڪُراڙو ڪري پڪا ريندي هئي ۽ هن واجب القتل بہ قرار ڏنو هيائين. بيبي عائشہ مڪي هلي ويئي. جڏهن عثمان جي قتل ٿيڻ جي خبر پيس تہ خوش ٿي ويئي. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ خبر پيس تہ عليؑ ڪي خليفو بڻايو ويو آهي تہ عثمان جي وڏي همدر بڻجي ويئي ۽ عليءَ ڪان

عثمان جي قاتلن جي فوري طور تي گرفتاري ۽ قصاص جو مطالبو ڪياؤن. عثمان لاءِ ٻوڙها ڳائڻ شروع ڪيان. بيبي عائشہ عليءَ خلاف جنگ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ طلحہ يا زبير کي خليفي بڻائڻ جو فيصلو ڪيو. هي طلحہ ۽ زبيرئي هياجن عليءَ کي مجبور ڪيو تہ اُمت تي ڏکيو وقت اچي چڪو آهي ۽ تون کان علاوه ڪو ٻيو ان صورتحال کي منهن ڏئي نہ سگهندو. ڇاڪاڻ تہ عثمان جي قتل هڪ خطرناڪ ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هيو. ڪوئي بہ ان منصب خلافت لاءِ تيار نہ هيو. خلافت لاءِ تمام صحابہ کي چيو ويو تہ اچو ۽ ڪرسيءَ تي ويهو پر ڪنهن بہ حامي نہ ڀري. ايترو جو عبدالله بن عمر، زبير ۽ طلحہ کي بہ اها خلافت جي آڇ ڪئي ويئي پر هنن اها سگ نہ پائين تہ هن حالت ۾ هو خلافت کي هلائي سگهندا. مسلمان ايترا مجبور ٿي ويا جو عليءَ کان علاوه ڪو بہ در نظر نہ آيو جيڪو اُمت کي هن دلدل کان ٻاهر ڪڍي. پر بيبي عائشہ ۽ معاويہ بغاوت ڪئي. تمام وڏا صحابہ جيڪي ڪَلَ تائين خليفي کي اولا مرجو درجو ڏئي رهيا ۽ ان جي اطاعت کي رسول جي اطاعت قرار ڏئي رهيا هيا هاڻي خليفي سان بغاوت ڪري ڪجھ عائشہ سان مليا ۽ ڪجھ معاويہ سان يعني سعد بن ابي وقاص جهڙا بہ صحابي معاويہ جي ڪيمپ ۾ هليا ويا.

بيبي عائشہ کي تہ قرآن جي اها واضح آيت بہ ياد نہ آيس جنهن ۾ الله رسول ﷺ جي گهروارين کي گهريو رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. سوره الاحزاب آيت 33 ۾ ارشاد ٿيو.

وَقَرْنَ فِي بُيُوتِكُنَّ ”اي (نبيءَ جو گهرواريون) پنهنجي گهرن ۾ وينيون رهو“.

سوره الاحزاب آيت ٥٣ ۾ ارشاد ٿيو.

” ۽ جڏهن پيغمبر ﷺ جي گهروارن کان جيڪا به شيءِ گهرو ته پردي جي ٻاهران بيهي گهرو“.

بيبيءَ قرآن جي حڪم خلاف پاڻ جنگ جي قيادت ڪئي. جمل جمل ۾ ماڻهن کي جوش ڏيارڻ خاطر اُٺ تي چڙهي وڏي آواز سان خطاب فرمايو. مسلمانن کي دين جا معاملا سمجهائڻ واري بيبي سڳوري خود اسلام جي تعليمات جي خلاف عمل ڪري رهي هئيس. پهريائين ته علي ؑ ڪوشش ڪئي ته بيبيءَ کي ٽڪراؤ کان پري رکجي ليڪن علي ؑ کي ان ۾ مايوسي ملي. جنگ شروع ٿي ٻنهي پاسن کان سوين مسلمان مارجي ويا بلا آخر علي ؑ کي فتح نصيب ٿي. طلحه ۽ زبير ٻئي مارجي ويا. تاريخ جا به عجيب فيصلا آهن. بيبي عائشه کي معاويه مارايو. معاويه حضرت ابوبڪر جي فرزند حضرت محمد بن ابوبڪر کي مارايو. ليڪن اسان مسلمانن وٽ ظالم ۽ مظلوم ۾ ڪوئي فرق ڪونهي. اسان جي ماڻهن لاءِ قاتل به بسم الله آهي ته مقتول به بسم الله آهي.

باغ فدڪ کسڻ جا ٻہ اهم سبب :-

1. هڪ اهو مقصد هيو تہ ان تي علي ؑ جذباتي ٿي ويندو ۽ طاقت جو استعمال ڪندو. پوءِ هنن کي علي ؑ کي ۽ اهلبيت کي قتل جو بهانو ملي ويندو. ليڪن علي ؑ ائين نہ ڪري هنن جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو

2. ٻيو اهو تہ ابوبڪر کي عمر ۽ ٻين مشورو ڏنو تہ باغ فدڪ جي وڏي آمدني آهي. جيڪڏهن سيدن وٽ آمدني هوندي تہ هو حڪومت لاءِ مسئلو پيدا ڪندا رهندا. باغ جي آمدنيءَ مان اهلبيت حڪومت مخالف فوجي قوت ناهي سگهن ٿا. ان ڪري فاطمة الزهره کان ڪسي سرڪار جي ملڪيت ۾ آندو وجي. ان ڪري بغير اطلاع جي ابوبڪر پنهنجا ماڻهون باغ ڏانهن موڪليا ۽ سيده جي رکيل ماڻهن کي بي دخل ڪيو ويو پهريائين تہ سيده ابوبڪر ڏي نپايا موڪليا تہ هو پنهنجي فيصلي کي تبديل ڪري ڇاڪاڻ تہ اهو مال فئہ آهي ۽ الله اهو پورو منهنجي بابا کي عطا ڪيو ان ۾ ڪنهن ٻئي جو حصو نہ آهي. ۽ الله جي حڪم سان بابا محمد ﷺ مون کي لکت ۾ ڏنو عطا ڪيو جنهن جو قرآن جي سوره الحشر آية 07 ۾ ذڪر آيل آهي. ابوبڪر پنهنجي ضد تي اڙجي بيٺو ۽ سيده کي واپس ڪرڻ لاءِ جواب ڏئي ڇڏيو. افسوس تہ اهوئي باغ فدڪ مسلمانن جي خليفي حضرت عثمان پنهنجي سؤٽ

مروان بن حڪم کي تحفي طور ڏئي ڇڏيو. ڏسو ڪتاب خلافت وملوڪيت. مولانا مودودي.

حضرت علي ڪي غم :- تاريخ ۾ آهي تہ حضرت علي ؑ جهڙو بهادر سيده جي ڏکن کي ياد ڪندي روئي پوندو هيو. پاڻ سائينءَ جن اڪثر باغ فدڪ کي ياد ڪندي غمزده ٿي ويندا هيا. حضرت علي ؑ جو هڪ خط نهج البلاغہ صفہ 725 ۾ آهي. جنهن ۾ فرمائن ٿا.

خط جو خلاصو :-

جڏهن حضرت علي ؑ کي اها خبر پئي تہ والي (Governor) بعره عثمان ابن حنيف کي اتان جي مقامي ماڻهن مانيءَ جي دعوت ڏني ۽ ان ۾ هو شريڪ ٿيو تہ موليٰ هن کي خط تحرير ڪيو ۽ فرمايو!

”بيشڪ هن آسمان هيٺان هڪ فدڪ اسان جي هٿ ۾ هيو ان تي ڪجھ ماڻهن جي منهن ۾ دهوڙ پئي ۽ اسان بہ ان جي وڃڻ جي پرواه نہ ڪئي (يعني تلوار نہ کنئي) ۽ اسان الله تي ڇڏي ڏنو“.

موليٰ وڌيڪ فرمايو! ڀلا مان فدڪ يا فدڪ جي علاوه ڪنهن ٻي شيءِ کي وٺي ڇاڪيان؟ يعني موليٰ چوڻ پئي چاهيو تہ جيڪڏهن مان واپس وٺان تہ ڪنهن جي لاءِ وٺان. جيڪڏهن واپس وٺي ها تہ اهو قصاص ۾ شامل ٿي وڃي ها ۽ حق غضب ٿيل واپس ڪري ها تہ عذاب گهٽ ٿي وڃي ها. تنهن ڪري سادات ڪڏهن ۾ باغ فدڪ جو مطالبو نہ ڪيو. ۽ واپس وٺڻ کان ڏڪار ڪيو. باغ فدڪ لاءِ الله فرمايو تہ ان تي حق مسلمانن جو نہ آهي. ڏسو اهو مالِ فئہ آهي جنهن ۾ مسلمانن جا گهوڙا نہ ڊوڙايا آهن. سورة الحشر، آية 6

وَمَا أَفَاءَ اللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَمَا أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ ۚ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

حضرت محمد ﷺ علي ؑ کي ايندڙ وقت جا حالات بيان ڪيا.

آنحضرت ﷺ فرمايو! "اي منهنجا ڀاءُ! تنهنجي زندگي ۽ موت مون ساڻ آهي. تون منهنجو ڀاءُ، منهنجو وصي، منهنجو وزير ۽ منهنجو وارث آهين. تون ئي منهنجي سنت تي جهاد ڪرڻ وارو آهين. تون ۾ هارون ؑ واريون نشانيون موجود آهن جڏهن ان جي قوم ان کي ڪمزور سمجهيو ته انهن هن مٿان چڙهائي ڪئي ۽ قريب هيو ته هن کي قتل ڪن. تنهن ڪري تون قريش جي ظلم تي صبر ڪجاءِ ان ڪري جو ان قوم جي دل ۾ پراڻا زخم آهن. ڪجھ بدر جو حسد ۽ ڪجھ احد جو غصو ۽ جڏهن موسىٰ پنهنجي جڳھ تي هارون کي ڇڏي روانو ٿيڻ لڳو ته اهو فرمائي ويو ته (اي هارون ؑ) اگر اُمت گمراھ ٿي وڃي ۽ تون کي مددگار ملي وڃن ته جهاد ڪجانءِ ۽ جيڪڏهن نه ملن ته هٿ روڪجاءِ ۽ پنهنجي "جان" جي حفاظت ڪجانءِ. ان ڪري اي علي ؑ! اگر تون انهن سان جنگ ڪندي ته تون کي قتل ڪري ڇڏيندا. مرن کي گمان آهي ته ماڻهون بت پرستيءَ ڏي واپس هليا ايندا ۽ منهنجي رسالت جو به انڪار ڪندا. تنهن ڪوي هنن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجانءِ. (اسرار امامت)

شجره ملعونہ

سوره بني اسرائيل ۾ آهي تہ هڪ دفعي رسول خدا ﷺ خواب ڏٺو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي ميمبر تي ٻهولا ۽ باندر نچن ٿا. خواب مان بيدار ٿيا ۽ پريشان ٿي ويا ۽ جبرئيل آيت کڻي نازل ٿيو الله ٻڌايو تہ ان خواب جو مطلب اهو آهي تہ تون کي اگاهہ ڪيان تہ تون کان بعد ٻارهن (12) گمراهہ امام تنهنجي ميمبر تي ويهندا جنهن مان ٻہ شخص قريش قبيلي سان تعلق رکندا ۽ ڏهہ (10) بني اُميہ مان هوندا.

وَمَا مَنَعَنَا أَنْ نُرْسِلَ بِالْآيَاتِ إِلَّا أَنْ كَذَّبَ بِهَا الْأَوَّلُونَ ۚ وَآتَيْنَا ثَمُودَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوا بِهَا ۚ وَمَا نُرْسِلُ بِالْآيَاتِ إِلَّا تَخْوِيفًا

(سوره بني اسرائيل آيت نمبر 59)

” ۽ اسان جيڪو خواب ۾ تون کي ڏيکاريو آهي ان کي سڏيو ماڻهن لاءِ امتحان ۽ ملعون وڻ قرآن ۾ “

هن تفيسر جا راوي خود بيبي عائشہ، ابن عباس، سعيد ابن هيسب (حاشيہ قرآن فرمان علي)

عليؑ تلوار ڇو نہ کڻي؟

خطبہ نهج البلاغہ صفہ نمبر ۵ ص عہ ۱۰ ۾ بيان فرمايو!

فَإِنْ أَقُلْ يَقُولُوا حَرَصَ عَلَى الْمُلْكِ، وَإِنْ أَسْكُتْ يَقُولُوا جَزِعَ مِنَ الْمَوْتِ.

” جيڪڏهن مان ڳالهايو ته ماڻهون چون ٿا هي دنيا جي لالچ ۾ اچي ويو آهي ۽ جيڪڏهن چپ رهان ٿو ته ماڻهون چون ٿا ته موت کان ڊڄي ويو“.

حق حڪومت نه ملڻ کان بعد عليءَ جو رويو!

جڏهن عليءَ کان خلافت ظاهريہ کان محورم ڪيو ويو ته پاڻ سڳورن ﷺ جو ماڻهن وارو رويو اختيار نہ ڪيو.

بقول مصنف احمد حسني زيات مصري:

”ان (عليءَ) نہ تہ خود غرضي کان ڪم ورتو نہ گروه بندي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نہ موقعي جي تلاش ۾ رهيو، نہ تعصب جو ڪوئي مظاهرو ڪيو، نہ ڪنهن کي مال و دولت جي لالچ ڏني نہ ڪنهن کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ابوبڪر ۽ عمر سان اسلام جي بقا خاطر نيڪ نيتي سان هلندو رهيو“. عليءَ قائد خرب اِختلاف جو نمونو پيش ڪيو.

عباس محمود العقاد مصري لکي ٿو:-

”حضرت عليءَ کي پنهنجي استحقاق خلافت تي يقين هيو پر ان جي باوجود بہ پنهنجي حق کسڻ جو احساس ان حد تائين غالب نہ آيو جو عام انسان تي ايندو آهي“.

خلافت جي کسجڻ ۾ عائشہ جو ڪردار

اهلسنت وارن وٽ هڪ من گهڙت حديث موجود آهي تہ رسول خداﷺ پنهنجي بيماريءَ جي حالت ۾ حضرت ابوبڪر کي نماز جي امامت لاءِ چيو هيو. ان جي روايت ڪندڙ بيبي عائشہ آهي جيڪا ابوبڪر جي نياڻي آهي. هن حضرت بلال کي چيو تہ رسول خدا ﷺ جو فرمان آهي تہ مان نماز پڙهائڻ جي حالت ۾ نہ آهيان تنهن ڪري حضرت ابوبڪر امامت ڪري ليڪن خود انهن جا تمام ڪتاب گواهہ آهن تہ جڏهن رسول خدا ﷺ کي ابوبڪر جي امامت جي خبر پئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ سخت بيماريءَ جي حالت ۾ بہ مسجد نبوي ۾ آيا. رسول خدا ﷺ کي حضرت عليؑ ۽ حضرت عباس ابن عبدالمطلب جن سهارو ڏئي وٺي آيا. هلندڙ نماز جي دوران حضرت ابوبڪر کي امامت تان هٽايو ۽ پاڻ سڳورن ويهي نماز پڙهائي. هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو تہ ڀلا رسول خدا ﷺ جيڪڏهن خود ابوبڪر کي نامزد ڪيو هيو تہ سخت بيماريءَ جي حالت ۾ ڇو اچي هن کي نماز پوري ڪرڻ نہ ڏني؟ ٻيو تہ نماز جي امامت مرد ڪندو آهي. خيبر ۾ رسول خدا اعلان ڪيو تہ سڀاڻي مان علم مرد کي ڏيندس. (يعني عليؑ کي ڏيندس).

وري بيبي حفصہ بنت عمر دعويٰ ڪئي تہ مون کي رسول ﷺ الله فرمايو آهي تہ عمر بن خطاب کي چئہ تہ هو نماز جي امامت ڪري.

مُرُوا أَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ.

”حضور اڪرم ﷺ فرمايو پنهنجي پيءُ کي حڪم پهچاءِ ته ماڻهن کي نماز پڙهاءِ“.

پهريائين پاڻ ۾ ته فيصلو ڪيو ته بيبي عائشہ سچي آهي يا بيبي حفصہ سچي آهي؟ اسان جي نظر ۾ ۽ حقيقت جي نگاهن ۾ ٻئي غلط آهن. انهن ٻنهي رسول خدا تي بهتان ٻڌو آهي. هنن جون ڪيتريون ئي روايتون تاريخ ڪوڙيون ثابت ڪيون آهن. جيئن انهن جي اها حديث ته اسان کي رسول خدا ٻڌايو آهي ته نبين جي ڪا ميراث نہ هوندي آهي. ۽ پاڻ وجي عثمان کان ميراث طلب ڪئي. حضرت ابوبڪر بيبي فاطمة الزهره کان گواه طلب ڪيان ته ساڻنڻ گواهن ۾ حضرت عليءَ، حضرت امام حسينؑ ۽ امام حسنؑ ۽ بيبي امرامين کي پيش ڪيو جنهن تي ابوبڪر ۽ عمر چيو ته اها تنهنجا قريبي رشتيدار آهن ان ڪري انهن جي گواهي قابل قبول بہ آهي. تہ هتي بہ ساڳيوئي فارمولو هلائجي ته نماز جي امامت واري حديث بہ صرف ٻن ڏيئرن ئي پيش ڪئيون. ٻين کي خبرئي ڪو نہ پئي حالانڪ تاريخ طبري ٻڌائي ٿي ته رسول خدا ﷺ جو سَرُ مبارڪ عليؑ جي جهوليءَ ۾ هيو. ۽ پوءِ عليؑ چو نہ ٻڌو؟ ابوبڪر هڪ رڪعت جيڪا پڙهائي هئي ته ان ۾ نہ حضرت علي نہ حضرت عباس شريڪ هيا. تنهن ڪري افضليت ڇا جي؟

رسول الله جو فرمان آهي ته ” دنيا جيڪڏهن عليؑ سان بغض نہ رکي ها ته الله جهنم کي خلق ئي نہ ڪري ها“. اسان شعين جو بہ اهو

عقيدو ۽ مذهب آهي تہ جيڪا عليءَ سان محبت ڪندو ان سان بہ محبت ڪنداسين ۽ جيڪو بہ عليءَ ۽ فاطمة الزهره سان نفرت ڪندو تہ اسان ان سان نفرت ڪنداسي. تنهن ڪري تبرا ۽ تولىٰ اسان جي فروع دين ۾ شامل آهن.

صحيح بخاري باب "مرض النبيﷺ" ۾ ابن سعد ڪتاب "طبقات" ۾ لکي ٿو جيڪڏهن عليءَ جي موت تي بيبي عائشہ سجده شڪر نہ ڪري ها تہ پوءِ ان جي هر روايت عليءَ جي مخالف ڪي مججي ها!.

حضرت ابوبڪر حديث نبوي ﷺ ساڙي ڇڏيون.

اسلامي تعليمات جا بہ اهم زريعا آهن. هڪ الله جو ڪلام ۽ ٻيو رسول ﷺ جو ڪلام (حديث) رسول خدا ﷺ پنهنجي زماني ۾ حديثن ڪي لکڻ جو حڪم ڏنو هيو. ۽ ان ڪي محفوظ رکڻ لاءِ فرمايو هيائون! بعد نبي ﷺ جڏهن عليءَ ڪي خلافت ڪان پري ڪري قريشن ۽ منافقن جي گڏيل سازش جي نتيجي ۾ حضرت ابوبڪر ڪي خلافت جي منصب تي ويهاريو ويو تہ ماڻهون حيران ٿيا. خاص ڪري برگزيده اصحاب اڪرامرض هنن ڪي رسول خدا ﷺ جون اهي حديثون ياد آيون جيڪي اهلبيت ۽ عليءَ جي شان ۾ هيون مديني جي هر گهر ۾ اهي حديثون دهرايون ويون. اها ڳالهہ خليفي ڪي انتهائي خطرناڪ محسوس ٿي. بيبي عائشہ روايت ٿي ڪري تہ هڪ ڏينهن منهنجو بابو ابوبڪر سخت پريشان نظر آيو ۽ ايترو جو رات

جو ننڊ بہ نہ آيس. صبح جو اُٿي مون کي چيائين تہ مان جيڪي رسول خدا ﷺ جون حديثون جمع ڪيون آهن اهي ڪٽي اچ بابا مون کي پنج سو (500) حديثون رکڻ لاءِ ڏينون هيون. مان اهي حديثون پيش ڪيون. بابا شهر ۾ اعلان ڪرايو تہ جنهن وٽ بہ رسول خدا ﷺ جو حديثون آهن اهي سڀ دربار ۾ ڪٽي اچو. بنو هاشم کان سواءِ سيني پنهنجون جمع ڪيل حديثون آنديون. ماڻهن اهو سمجهو تہ شايد انهن کي جمع ڪندو. ليڪن هو سڀ گهر ڪٽي آيو ۽ سيني کي گڏ ڪري باھ ڏئي ساڙي ڇڏيو.

(ان جي تفصيل لاءِ پڙهو. اسلام آدمؑ سے *مھدی تک*۔ پروفسيو سيد حسن علي شمسي. صفہ نمبر 254)

حديثون ساڙي اچي اعلان ڪيو تہ اج کان پوءِ ڪو بہ حديث نقل نہ ڪندو. ائين رسول ﷺ جي فرمان تي پابندي لڳائي ڇڏي. هاڻي صرف حديثون عليؑ ۽ اهلبيت جي گهرن ۾ محفوظ رهيو.

حديث نبوي تي پنجا نوي سال (95) پابندي رهي. اُموي خليفہ عمر بن عبدالعزيز ان پابنديءَ کي هٽايو. هن خليفي هڪ ٻيو چڱو ڪم ڪيو تہ معاويہ جيڪا عليءَ تي لعنت وجهڻ جو حڪم ڏنو هيو ان جو خاتمو آندو. ياد رهي تہ معاويہ جيئن ئي بادشاھ ٻڻيو تہ (70،000) سترهزار مسجدن ۾ اهو حڪم ڏياريو تہ جمع نماز جي خطبي دوران علي ابن ابي طالب تي لعنت ڪئي وجي (نعوذ با الله). ظلم جي اها انتها هئي تہ مسجد نبوي ۾ بہ زوردار آواز سان لعنت ڪئي ويندي

هئي ۽ عليءَ جون نياڻيون زارو قطار روئنديون هيون. امام حسنءَ احتجاج ڪيو ليڪن مسجد جي ملان هڪ نہ ٻڌي.

حديثن جي پابندي ختم ٿيڻ کان پوءِ

جيئن تہ آل محمد ﷺ علم ۽ حڪمت جو گهراڻو آهي. پابندي ختم ٿيڻ سان امام محمد باقرءَ علمي درسگاه قائم ڪئي. اسلامي دنيا کان ۽ ٻاهرين دنيا کان علم جا پياسي پنهنجي اڄ ختم ڪرڻ لاءِ امام جي دروازي تي آيا. ۽ ڏسندي ڏسندي اتي شاگردن جو تعداد هزارن ۾ ٿي ويو. محمد باقرءَ کي باقرالعلوم جي لقب سان پڪاريو ويو. امام جعفر صادقءَ بہ ننڍڙي ڄمار ۾ پنهنجي والد بزرگوار جو ٻانهن ٻيلي ٿي ويو. اميہ خاندان ختم ٿيو تہ عباسي خاندان آيو جيڪو اُميہ خاندان کان بہ وڌيڪ اهلبيت جا دشمن هيا. دراصل اهي آل محمد ﷺ کي حقيقي وارث سمجهن پيا ۽ هنن کان سياسي طور تي خوفزده هيا. عباسي خاندان کي اهلبيت جي محبت ۾ اقتدار مليو. اهو صرف هنن سياسي نعرد هيو. ماڻهون اهلبيت سان پيار ڪندا هيا ۽ هو واقعہ ڪربلا کان پوءِ بنو اُميہ کي حڪومت ۾ ڏسڻ نہ چاهيندا هيا. ان جو فائدو عباسي ورتو تہ اسان هنن جا قريبي رشتيدار آهيون. ۽ اسان دشمن اهلبيت کي ختم ڪندا ليڪن جيئن ئي هو حڪومت ۾ آيا تہ هنن سادان جي نسل ڪشي شروع ڪئي ۽ هر طرح کان ايذا رسائي ڪئي.

بحرصورت هاڻي علم جو دؤر شروع ٿيو. جڏهن عباسي خليفن ڏٺو تہ علم جي دنيا ۾ امام محمد باقرؑ ۽ امام جعفر صادقؑ تمام گهڻو اڳتي آهن. تہ هنن هٿ نوڪيا امام بڻايا. امام جعفر صادق جي ئي شاگرد ابو حنيفہ کي امام اعظم جو خطاب ڏئي امام جي مقابلي ۾ آندو. پلا اصل سان نقل جو ڪهڙو مقابلو. هر علمي محاذتي ابو حنيفہ شڪست خورده بڻيو ۽ امام جي اڳيان جاهل ثابت ٿيو.

امام جعفر صادقؑ صرف اسلام جي علم ۾ نہ پر دنيا جي هر علم ۾ پنهنجا شاگرد پيدا ڪيا. علم ڪيميا جوباني جابر بن حيان مولىٰ امام جعفر سادقؑ جي شاگردن مان هيو.

امام جعفر صادقؑ جي اڳيان هزازرين شاگرد هوندا هيا انهن ۾ 900 (نوسو) مختلفن علمن جا عالم هوندا هيا جيڪي مولىٰ جون حدثيون لکندا هيا. ۽ جمع ڪري مولىٰ جي سامهون پڙهندا هيا جن کي امالي چيو ويندو آهي. مولىٰ جي ڏينهن رات محنت جي نتيجي ۾ شعيت جا چار اهم ڪتاب اچي ويا. جن کي شعيت جو بنياد بہ چيو ويندو آهي. انهن کي ”ڪتب اربع“ چئبو آهي.

يعني چار ڪتاب جن ۾

1. اصولي ڪافي – شيخ مفيد
2. من لا يحضرالفقيه – شيخ صدوق
3. تهذيب – شيخ طوسي
4. استبصار آهن – شيخ طوسي.

فقه جعفريہ اصل ۾ فقه محمديہ ﷺ آهي.

جيئن تہ خليفي حديث بيان ڪرڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي هئي ۽ اصحاب ڪرام رضہ وٽ جمع شده حديثون هيون انهن کي باھ ۾ وجهي ساڙي ڇڏيون. هاڻي صرف علم اهلبيت وٽ محفوظ ٿي ويو. جنهن کي بہ ضرورت پوندي هئي تہ اهلبيت ڪان رُجرع ڪندا هيا. اهلبيت پابنديءَ وقت خفيہ نموني سان تبليغ دين محمدي ﷺ ڪندا رهيا. جيئن ئي عمر ابن عبدالعزيز پابندي ختم ڪئي تہ اهلبيت رسول خدا جي دين کي منور ڪيو. عباسي خليفن کي خوف ٿيو تہ دنيا علم سکڻ لاءِ صرف اهلبيت جي گهر سان ٽا رابطو ڪن. هنن ابو حنيفہ کي جعفر صادقؑ جي مقابلي ۾ فقه جوڙڻ لاءِ چيو. شروع ۾ تہ هن انڪار ڪيو پر هارون ۽ مامون جي اسرار تي راضي ٿيو. هن قياسن جو اسلام ۾ اضافو ڪيو. ۽ هارون الرشيد ان کي امام اعظم جو خطاب ڏنو. هارون جو خيال هيو تہ جعفر صادقؑ اگر امام آهي تہ ابو حينفہ امام اعظم آهي. ۽ مامون الرشيد امام ابو حنيفہ جي قياسن يعني ذاتي راءِ ٻڌل فقه حنيفہ سڏيو. ۽ امام جعفر صادقؑ جي روايتن کي فقه جعفريہ سڏيو. حالانڪ امام جعفر صادقؑ يا موليٰ امام محمد باقر هميشه هر روايت کي فرمان محمد مصطفيٰ ﷺ سان جوڙيو. يعني هنن جي نظر ۾ دين الله جو ۽ فقه محمد ﷺ جو آهي. ليڪن وقت جي بادشاھ سرڪاري طورتي فقه حنيفہ رائج ڪيو. ۽ اڳتي هلي متوڪل عباسيءَ شيعان علي جي مقابلي ۾

اهلسنت والجماعت کي سرکاري ٿولو قرار ڏنو ۽ عباسي اهلسنت کي وڌائڻ لاءِ سڀ حربا استعمال ڪيا. شيعان عليؑ پنهنجون تمام رواتيون محمد وَ آل محمد کان ورتيون آهن. ان ڪري اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته صاف ۽ شفاف دين محمديه ﷺ صرف ڪتب اربع ۾ آهي نه ڪي صياح سته ۾ ڪتب اربع ۾ روايتون معصومينؑ سان جڙيل آهن. ان ۾ پليني ءَ جو امڪان ئي ڪونهي.

امام بخاري هجي يا امام مسلم هجي انهن روايتون تبا تابعين کان روايتون آهن. جن ۾ وڏو تعداد اهلبيت دشمن جو آهن. ڪيتريون روايتون صحيح بخاري ۾ يزيد جي فوج جي اعليٰ عهد بدارن جون آهن. يعني قاتلان امام حسن جون. دراصل عباسي خليفون جو اصل ۾ فرقو معتزلہٰ هيو.

ائين ڪٽي چئجي ته امام ابو حنيفو به ان فرقي جو پوئلڳ هيو. متوڪل عباسي معترلذ فوقو ترڪ ڪيو ۽ نئون فرقو ٺاهيو جنهن جو نالو اهلسنت والجماعت رکيو. يعني جنهن کي اسان وڏي پاءُ جو درجو ڏيندا آهيون اهي ٽي سو سال (300) کان پوءِ پيدا ٿيا ۽ ديوندي فرقو ته (1924) ۾ وجود ۾ آيو. ٻي طرفان اهو ثابت آهي ته شعيت جو باني حضور اڪرم ﷺ جي ذات جود آهي. شيعہ لفظ اسان جو ايجاد نه آهي. پر اهو الله جو ۽ ان جي رسول پاڪ ﷺ جو آهي. عليؑ سان پيار ۽ محبت ۽ موودت ڪرڻ وارن کي رسول خدا ﷺ شيعان علي جو خطاب عنايت فرمايو آهي. ۽ اسان جو فقه دراصل فقه محمديهﷺ آهي جيڪڏهن ان تي فقه جعفريهﷺ جو نالو پيو ته به

صحيح آهي. ڇاڪاڻ رسول خدا ﷺ جن ڪيترائي مرتبہ فرمايو آهي تہ اسان جو پهريون بہ محمد آهي، آخر بہ محمد آهي. وچون بہ محمد آهي ۽ اسان ڪُل جو ڪُل محمد ﷺ آهيون. قول ۽ فعل، علم ۽ حلم ۾ سڀ برابر آهيون. انهن ۾ بہ سردار آهن هڪ محمد ﷺ ۽ ٻيو عليؑ محمد ﷺ عليؑ جو بہ سردار آهي.

اهلسنت والجماعت جو بنياد

مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ عباسي خلفاءِ معتزلہ فرقي سان واسطو رکندا هيا. ليڪن امام ابوالحسن الاشريءَ معتزلا فرقي کي رد ڪيو ۽ هڪ نئون فرقو ناهيو جنهن جو نالو "اهلسنت والجماعت" رکيو.

اهلسنت جي وڏي ڏاهي ابن حجر مڪي لکي ٿو.

" اهلسنت جو جڏهن نالو کنيو وڃي تہ ان مان مراد ابوالحسن الشريءِ ابوالحنصور ماتريدي جا پيروڪار مراد آهن".

(يعني هي شيعان انوالحسن اشعري ۽ اسان الحمدالله شيعان علي آهيون.)

(موارا تنو ايمان ترجمہ تطمير الجنان)

مولانا محمد ادريس ميرٺهن استاد مدرسہ عربيہ اسلاميہ بنوري ٹائون ڪراچي. اهلسنت والجماعت جي بڻ بڻيا لاءِ لکي ٿو.

” ٽين صدي ۾ امام ابوالحسن اشعري معتزلا فرقي کان عليحدگي اختيار ڪري پنهنجي جماعت اهلسنت والجماعت جو بنياد رکيو“.
(حوالہٰ :- سنت جي تشريعي يقام 46 ڇا يو ڪراچي)
حاصل مطلب تہ لفظ سُني يا اهلسنت والجماعت ڪڏهن بہ لفظ شيعہ جي مقابلي ۾ نہ رهيو. اهلسنت جي خرابي اها آهي تہ هڪ امام جي پويان نہ رهيا ۽ چئن اهم فرقن ۾ ورهائجي ويا. ان حنفي، مالڪي، شافعي ۽ حنبلي گروهن ۾ ورهائجي ويا. اهي تمام امام اسان جي ڇهين ولايت جا شاگرد هيا. سيني ملڪن جي امامن حضرت جعفر صادقؑ جي مدرسي مان فيض پرايو. ليڪن هو سڀ وقت جي حاڪمن دوست بڻيا. اهلسنت جي نظرئي جو بنياد ۽ پرورش عباسي خلفاءِ جي شاهي دربار ۾ ٿيو. ۽ هميشه سرڪار جي حمايت ۾ رهي ڇاڪاڻ تہ هن وٽ بادشاهه جي تعبيداري واجب آهي توڙيجو هو عادل نہ هجي (ڏسو خلافت و ملوڪيت)

شيعہ خلاف غلط پروپيگنڊا.

دنيا وارا جڏهن شيعان علي سان علمي بحث نہ ڪري سگهيا تہ انهن خلاف مختلف سازشون ڪندا رهن ٿا. ڪڏهن انهن کي ”رافزي“ چيو ويو ۽ ڪڏهن عبدالله ابن سبا جو آنڌل مذهب قرار ڏنو ويو ۽ ڪڏهن ان کي ايران جو مڙيل نظريو قرار ڏنو ويو. اسان انتهائي مختصر لفظن ۾ انهن سوالن جي جواب کي ڳوليندا سين.

1. رافضي :- ان لفظ جي لغوي معنيٰ "ڪريل" يا گهٽ ڪرڻ يا رد ڪرڻ آهي.

اصطلائي معنيٰ اها ڪئي ويئي ته اهو "گروه" جيڪو ٽن خليفن کي رد ڪري ۽ عليؑ کي بلا فصل خليفو مڃي ٿو.

دنيا جا بادشاهه شيعا مخالف هيا يعني سرڪاري مشينري کي ان پنهنجي پوري طاقت سان شيعه گروهه جي هر نظريي کي خراب ڪري پيش ڪيو وڃي. بعد پيغمبر ﷺ حڪومتن جو سڄي مال و دولت اهلبيت جي خلاف ڪم انڌو پيو وڃي ان ڪري خليفي ابوبڪرؓ عمر ۽ عثمان کي رد ڪرڻ اڪثريت کي پسند نه هوندو هيو. اهوئي ته هيو جنهن تي امام جعفر صادقؑ ۽ سندس چاچي حضرت زيد بن علي زين العابدينؑ وچ اختلاف هيو. ان ڪري حضرت زيد امام جي بيعت کان انڪار ڪيو. ۽ اهلسنت جي عالم امام ابوحنيفي امام جعفر صادقؑ جي بجاءِ حضرت زيدجي بيعت ڪئي ۽ ان جي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ جيل به ڪاٽيو.

ان ۾ ڪوئي شق نه آهي ته اسان سڀ اثناعشري شيعه رافضي آهيون رافضي جي خلاف غليظ پروپيگنڊا هلائي ويئي ته موليٰ صادقؑ فرمايو! جيڪڏهن ٽن خليفن جي انڪارين کي ۽ عليؑ کي بلا فصل خليفه الرسولﷺ سمجهڻ کي رافضيت چئبو آهي ته مان (جعفر صادقؑ) پهريون رافضي آهيان.

<u>**عبدالله ابن سبا**</u> :- هر عام وخاص مولوي صاحب ائين چوندو آهي ته شيعه مذهب عبدالله ابن سبا جو ٺهيل آهي.

عبدالله ابن سبا يهودي هيو ۽ يمن شهر سان تعلق رکندڙ هيو هن عثمان غني جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي. تاريخ گواهه آهي. تہ هو هڪ عام شخص هيو جنهن ڪڏهن پاڻ سان ڪوئي گروهه نہ ناهيو. تاريخ اهو بہ لکي ٿو حضرت عليؑ ان کي پسند نہ ڪندو هيو. ۽ اهلبيتؑ گهراڻي مان بہ ڪنهن جي حمايت حاصل نہ هئي. عليؑ جا شيعہ انتهائي نظرياتي هوندا هيا ۽ علمي اعتبار کان انتهائي بلندي تي هوندا هيا. شيعہ اهلبيتؑ جي گهراڻي جي حمايت کان سواءِ ڪنهن بہ تحريڪ ۾ شامل نہ ٿيندا هيا. ان جو سهڻو مثال حضرت مختار ثقفيءَ جي تحريڪ آهي. هو بہ ان حمايت ڪئي. عباسين بہ خلافت چالاڪيءَ سان محمد بن حنفيہ جي فرزندن کان ورتي هئي. (تفصيل لاءِ ابن خلدون پڙهو). ان تحريڪ جا باني محمد بن حنفيہ جا فرزند هيا. جن کان پوءِ عباسين سنڀالي.

تنهن ڪري اهو سوچڻ ئي غلط آهي تہ هڪ اجنبي شخص اچي عليءَ جي شيعن کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي!!.

دراصل حقيقت اها آهي تہ شيعان عليؑ جو پهريون جملو رسول ﷺ خدا زبان مان بيان ٿيو!.

ايراني مذهب :- افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اهڙيون ڳالهيون ڳنڍيون وڃن ٿيون جن جو حقيقت سان ڪو بہ تعلق نہ آهي.

اها تاريخي حقيقت آهي تہ شعيت پوري عرب ۾ ۽ پوري اسلامي دنيا ۾ پکڙجي چڪي هئي. ايران ۾ تہ شعيت ڪافي دير سان آئي آهي. هڪڙو عجيب واقعو لکيل آهي تہ جڏهن بنو اُميہ جي نائين

خليفي عمر بن عبدالعزيز عليءَ تي لعنت ختم ڪرائي تہ اصفهان (ايراني شهر) جي امير تمام مهنگا تحفہ خليفہ ڏانهن موڪليا. خليفہ پڇيو تہ ايڏا قيمتي تحفہ ڇو موڪليا آهن؟ انهن چيو محترم خليفہ! اسان جو امير اصفهان چوي ٿو تہ علي تي لعنت ڪرڻ جي اجازت ڏيو. هن جي خيال ۾ تہ اهو وڏو ثواب جو ڪم آهي. يعني عليءَ جي خلاف حڪومتي مشيزي ڪيتري فعال هئي. خليفہ حيران ٿي ويو تہ توهان ان ڪي اجرو ثواب ٿا سمجهو!. هي آهي عمر ابن عبدالعزيز جي دور تائين ايران جي حالت.

جڏهن ايران شيعت جي نالي کان ناواقف هيو تہ عمان، هجر ۽ ڪافي ٻين شهرن ۾ شيعن جو اثر هيو.

ايران سواءِ قم شهر جي سڄو سُني هيو. ايران جي شهر اصفهان وارا معاويہ جا انتهائي عقيدتمند هيا.

متشرق "جولڊ ستهير" پنهنجي ڪتاب "العقيدة والشرية" صفہ نمبر 204 ۾ لکي ٿو:-

"هي خيال غلط آهي تہ ايرانين کي فتح ڪرڻ جي انتقام ۾ هنن اسلام کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ شعيت جي خيالات کي اڳتي وڌايا. اها بلڪل هٽ نوڪي ڳالهہ آهي. حقيقت آهي تہ علوي تحريڪ يعني شعيت زمين عرب ۾ پيدا ٿي".

تاريخ مان اهو بہ ظاهر آهي تہ حضرت عمر ايرانين کي اهم عهدا ڏنا. مولانا شبلي نعماني چوي ٿو:-

”حضرت عمر جي ڪوشش هوندي هئي ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي خبر ڪان آگاهه رهي جيڪڏهن ايراني سازشي هجن ها ته ڇا عمر انهن کي بخشي ها؟

تاريخ عرب ۾ پي ڪي هٽي لکي ٿو ته معاويه رومين جي جڳهه تي ايرائين کي آباد ڪندر هيو.

ان ڪري اهوالزام آهي ته شيعت جي نشونما ايران ۾ ٿي. ايراني ته شروع ۾ بنو اُميه سان محبت ڪندا هيا. دراصل سُني مذهب ايران کان آيو. انهن جا سبب امام ايراني هيا مسئلا. امام بخاري امام مسلم، امام ترمذي، امام نئي امام مالڪ وغيره. ايران 7 سو سالن کان پوءِ علام حلي شيعه ڪيو.

اسلام ۾ گروه بندي جا سبب

اسلام ۾ اندروني طورتي گروه بندي رسول خدا ﷺ جي زماني ۾ ئي ٿي چڪي هئي. ۽ بعد وفات نبيﷺ به ٻه گروه ٿيا هڪ عليؑ جا فرمانبردار ۽ ٻيا خلفاءِ جا پر انهن تي ڪو نالو نه رکيو ويو ليڪن حضرت عثمان جي قتل کان بعد مسلمان ٻن گروهن ۾ واضع طورتي ورهائجي ويا. هڪ شيعان عليؑ ۽ ٻيا شيعان عثمان بيبي عائشه ۽ معاويه جي قيادت ۾ قصاص لاءِ باضابط تحريڪ شروع ڪري ڇڏي ۽ عليؑ جي خلافت خلاف جنگ جمل ڪيو. ٻن گروهن جي نالن مطعلق علماءِ اهلسنت جا هينيان خيال :-

علامہ ابن تيميه چوي ٿو:-

وكان الناس في الغتنة صاروا شيعتين شيعة عثمانيہ وشيعة علويہ.

”ماڻهون فتني ۾ ٻہ گروه ٿي ويا هڪ شيعان عثمان ۽ ٻيو شيعان عليؑ“.

مولانا لال شاه ديوبندي لکي ٿو:-

”ڪتب سيرو تاريخ ڪان معلوم ٿئي ٿو تہ علي جي خلافت ۾ خا نہ جنگي ٿي ان دوران ماڻهون ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا هڪ ٽولي جو نالو شيعان عثمان ۽ ٻئي ٽولي جو نالو شيعان علي پيو.

شيعان عليؑ جو سرواڻ علي ابن ابي طالب ۽ شيعان عثمان جي اڳواڻ بيبي عائشہ هئي.

مولانا معين الدين احمد ندوي چوي ٿو تہ معاويہ جي دور ۾ ٽي گروهہ بڻجي ويا.

1) شيعان عليؑ 2) شيعان بنو اُميہ 3) خارجي

اهلسنت جو مؤرخ اڪبر شاه نجيب آبادي پنهنجي تاريخ اسلام ۾ لکي ٿو:-

”معاويہ جي دؤر ۾ ماڻهون ٽن ٽولين ۾ ورهائجي ويا:

1) پهريون شيعان عليؑ 2) ٻيو گروه شيعان معاويہ

يا شيعان بنو اُميہ ۽ ٽيون گروه خوارج جو هيو.

”اولي الا مر“ ڪير آهن؟

سوره النساء جي آيت 59 ۾ الله ۽ رسول ﷺ جي اطاعت سان گڏ اولي الا مر جي اطاعت واجب ڪئي آهي. ان آيت ۾ لفظ سان اسلام ۾ وڏو فتؤ پيدا ٿيو. سقيفہ ۾ ڪجھ ماڻهن ابوبڪر جي هٿ تي بيعت ڪئي تہ ابوهريره لفظ اولي الا مر جي تشريح ڪندي چيو تہ الله پنهنجي اطاعت سان گڏ رسول ﷺ جي ۽ حڪمران جي اطاعت جو حڪم ڏنو آهي ۽ ائين ابوبڪر جي اطاعت ڪي الله جي ۽ رسولﷺ جي اطاعت چيو آهي. هاڻي عمرؓ جهڙن ڪي موقعو ملي ويو. عمرؓ تلوار هوا ۾ لهرائي چيو تہ ابوبڪر اولي الہ مر آهي ۽ جيڪو ان جي فرمانبرداري نہ ڪندو اهو واجب القتل آهي. ماڻهن ڪان تلوار جي زور تي بيعت ڪرائي ۽ خزاني جا بہ منهن ڪولي ڇڏيا. انصارن ڪي مختلف عهدن جي لالچ ڏئي خاموش ڪرايو. ان ابوهريره جي تشريح ڪي عبدالله ابن زياد واليءَ ڪوفہ خوب استعمال ڪرايو. ڪوفي جي قاضي شرعي ڪي سون جي سڪن جي عيوض يزيد ڪي ”اولي الا مر“ قرار ڏنو ۽ هن بہ ابوهريره جي تشريح جو حوالو ڏنو. اهلسنت وارن جو نظريو آهي تہ اولي الا مر مان مراد حڪمران آهي. حڪمران شرابي هجي يا ظالم هجي پر ان جي اطاعت الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت آهي. مثلاً :-

اهلسنت جي مفسر قرآن مولا نا محمد شفيح سابق معنتي دارالعلوم ديو بند اولي الا مر جي باري ۾ لکيو آهي.

"هڪ جماعت مفسر بن قرآن جنهن ۾ حضرت ابوهريره بہ شامل آهي." فرمايو آهي تہ اولي الا مر مان مراد حڪمران ۽ وزير آهن جنهن جي هٿن ۾ حڪومت جو نظام آهي".
(معارف القرآن ۲۹۰ ص ۴۵)
ليڪن جيئن جيئن فاسق ۽ فاجر ۽ بد ڪردار شخص تخت تي وهيندا ويا تہ ان جي معنيٰ ۽ تشريح جي اهميت گهٽجي وئي ۽ ماڻهن ڪي عليؑ جي دعويٰ صحيح لڳڻ شروع ٿي تہ عليؑ جو دعويٰ تہ اولي الا مر مان مراد اسان اهلبيتؑ آهيون. ڇاڪاڻ تہ رسولﷺ جو فرمان آهي تہ:
القرآن مع علي و علي مع القرآن.
"قرآن علي سان گڏ ۽ علي قرآن سان گڏ آهي".
اسان کي چڱي طرح ياد آهي تہ جڏهن اسان جي ملڪ پاڪستان جو جابر حڪمران جرنل ضياءَ الحق خطاب ڪرڻ لاءِ ايندو هيو تہ قرآن جي سورة النساء واري آيت پڙهي ويندي هئي جنهن ۾ حڪمرن ڪي اولي الا مر سڏيو آهي. سورة النساء 59

أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ

يعني ضياءُ الحق صاحب جي اطاعت بہ رسول جي اطاعت ۽ يزيد جي اطاعت بہ رسول ﷺ جي اطاعت (نعوذ باالله) آهي. ڇا تہ ابوهريري دين سان مذاق ڪئي آهي؟ ان ڪري اڄ بہ توبه ڪريو ۽ اهلبيتؑ

جي درتي جهڪو ۽ معاف گهرو! بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو ٻاجهارو آهي.

هر نبيءَ پنهنجو خليفو مقرر ڪرڻ لاءِ دعا گهرندو هيو.

چاڪاڻ ته سُني ۽ شيعه جي درميان بنيادي اختلاف امامت ۽ خلافت آهي. سُني نظريو آهي ته محمدﷺ پنهنجو ڪنهن کي نائب نه بڻايو هيو. شيعه نظريو آهي ته هر نبيءَ وانگر اسان جي پياري پيغمبر ﷺ به پنهنجو وصي، وزير ۽ خليفو بڻايو آهي. ڪتاب جي شروعات ۾ سوره سجده آيت نمبر 24 جو حوالو لکيل آهي جنهن ۾ قرآن اسان جي راهنمائي ڪري ٿو ته هر بنيءَ پنهنجو وزير بڻايو. مثلاً حضرت موسيٰؑ دعا گهري حضرت هارونؑ کي گهريو:- سوره طٰ آيت (۲۵ ڪان ۳۲ تائين)

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِي صَدْرِي ۝ 25
وَيَسِّرْ لِي أَمْرِي ۝ 26
وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِنْ لِسَانِي ۝ 27
يَفْقَهُوا قَوْلِي ۝ 28
وَاجْعَلْ لِي وَزِيرًا مِنْ أَهْلِي ۝ 29
هَارُونَ أَخِي ۝ 30
اشْدُدْ بِهِ أَزْرِي ۝ 31
وَأَشْرِكْهُ فِي أَمْرِي ۝ 32

”(حضرت موسيٰؑ عرض ڪيو) اي پروردگار (ان ڪم لاءِ) منهنجو سينو کهول ۽ منهنجي ڪم کي آسان بڻاءِ ۽ منهنجي زبان جي

لُڪنت کي کهول تہ جيئن هو (فرعون) منهنجي ڳالهہ کي سمجهي سگهي ۽ منهنجي گهروارن مان (هڪ کي) منهنجو وزير (مددگار) مقرر فرمان ۽ يعني منهنجي ڀاءُ هارون کي ان ساڻ منهنجي طاقت ۾ اضافو فرمان ۽ ان کي منهنجي ڪم ۾ شريڪ فرمان".

قول مصطفي ﷺ آهي! "علي ؑ مون ساڻ اهوئي واسطو آهي جيڪو هارون ؑ جو موسيٰ ؑ سان هيو". بس مون کان بعد ڪوئي نبي نہ ايندو.

اسان هتي ڪجهہ نبين جي خليفن ۽ وزيرن جا نالا پيش ڪيون ٿا.

1) حضرت آدم ؑ پنهنجي فرزند حضرت شيش کي پنهنجو خليفو ۽ وصي بڻايو.
2) حضرت شيش پنهنجي پُٽ انوش ؑ کي خليفو بڻايو.
3) حضرت انوش پنهنجي پٽ حضرت قنيان کي خليفو ۽ وصي بڻايو.
4) حضرت قينان پنهنجي فرزند مهلائيل کي مقرر ڪيو.
5) حضرت مهلائيل پنهنجي پٽ يرد کي وصي بڻايو.
6) حضرت يرد پنهنجي فرزند ادريس ؑ کي وصي بڻايو جنهن کي الله پيغمبر بڻايو.
7) حضرت ادريس پنهنجي پٽ متوشلع کي خليفو ڪيو.
8) حضرت متوشلع پنهنجي فرزند حضرت لمڪ کي وصي مقرر ڪيو هي جناب نوح جو والد هيو.
9) حضرت نوح ؑ پنهنجي وڏي پٽ سام کي وصي بڻايو.

10) حضرت ابراهيمؑ شام حضرت اسحاقؑ کي پنهنجو خليفو مقرر ڪيو ۽ حضرت اسماعيلؑ کي عرب ۾.

11) حضرت اسماعيلؑ پنهنجي پٽ حضرت قيدار کي وصي بڻايو.

12) حضرت اسحاقؑ پنهنجي فرزند يعقوب کي وصي مقرر ڪيو.

13) حضرت يعقوبؑ پنهنجي فرزند يوسفؑ کي خليفو ۽ وصي بڻايو.

14) حضرت ايوبؑ پنهنجي پُٽ حومل کي پنهنجو وصي مقرر ڪيو.

15) حضرت موسيٰؑ پهريائين حضرت هارونؑ کي پنهنجو خليفو مقرر ڪيو ان جي انتقال ڪان بعد يوشح بن نون کي پنهنجو خليفو مقرر ڪيو.

16) حضرت ڪالبؑ پنهنجي فرزند حضرت لوساموس کي خليفو ۽ ولي عهد مقرر ڪيو.

17) حضرت الياسؑ حضرت اليسحؑ کي پنهنجو وصي ۽ خليفو مقرر ڪيو.

18) حضرت اليسحؑ حضرت ذوالڪفل کي خليفو ۽ وصي مقرر ڪيو.

19) حضرت داؤد پنهنجي فرزند حضرت سليمانؑ کي پنهنجو خليفو ۽ ولي عهد مقرر ڪيو.

20) حضرت عيسيٰؑ حضرت شمعون کي پنهنجو خليفو ۽ ولي عهد مقرر ڪيو.
21) حضرت محمد ﷺ پنهنجي ياءُ حضرت عليؑ کي پنهنجو وصي وزير ۽ خليفو مقرر ڪيو.

خلفاءِ جو طريقو پنهنجي نائب ٻڌائڻ جو!

هر خليفو جي چوند مختلف طريقن سان ٿيندي رهي.

1. حضرت ابوبڪر کي چند انصار چونديو. ان طريقي کي اسان جا دوست اهلسنت وارا جمهوريت چوندا آهن. لڪن ۽ ڪروڙن مسلمانن مان خليفي کي آڱرين جي ڳڻن جيترن غير معروف اصحابن هڪ خانگي جڳهه ۾ منتخب ڪيو اهو به ان حالت ۾ جنهن ۾ عليؑ ۽ بنو هاشم قبيلي جي شرڪت نه هئي اهي سه رسول ﷺ جي ڪفن دفن ۾ مصروف هيا.
2. حضرت ابوبڪر بلڪل نئون طريقو اختيار ڪيو هن عمرؓ جو نالو خلافت لاءِ پنهنجي وصيحت ۾ لکيو. هن حضرت کنهن کان به مشورو نه ورتو.
3. حضرت عمرؓ کي ته خلافت لاءِ ڪو به اهل شخص هٿ نه آيو ۽ پنهنجي جگري يار عبدالرحمٰن بن عوف جي سربراهي ۾ ڇهه رُڪني ڪيٽي مقرر ڪئي. جنهن عليؑ جي انڪار کان بعد حضرت عثمان کي پڳ پارائي.

4. حضرت عثمان حضرت عبدالرحمٰن بن عوف کي پنهنجو وصي ۽ خليفو مقرر ڪيو پر هو حضرت جي زندگيءَ ۾ مري ويو.

ڏسو! ته ڪيڏي نه زيادتي آهي! جو عليءَ ڪنهن خليفي جي نظر ۾ خلافت جي اهل نه هيو!.

حضرت عثمان جي قتل کان پوءِ اهڙيون حالتون ٿي ويون جو منصب خلافت هڪ وڏو مسئلو بنجي ويو ائين ڪٽي چئجي ته کي "ڪندن جي سيج" بڻجي ويئي. جڏهن ڪوئي رستو نه بچو ته مسلمانن عليءَ کي الله ۽ رسول ﷺ جا واسطا ڏئي خلافت تي ويهاريو. دراصل عليءَ الله جي نظر ۾ خليفو ته پهريون ئي هيو پرهي ظاهر خلافت به عطا ٿي. گهٽ ۾ گهٽ عمرؓ جي اها دعويٰ ته غلط ثابت ٿي ته الله وٽ ٻن قسمن جون ولايتون آهن. هڪ روحاني ۽ ٻيو ظاهري حڪمراني. بقول عمرؓ جي الله اهلبيتؑ سان ولايت روحاني جو واعدو ڪيو آهي ۽ ولايت ظاهري اُمت لاءِ آهي. جڏهن عليءَ ميمبر ڪوفه تي رونق افروز ٿيو ته فرمايائين!. اڄ حق پنهنجي جڳهه تي اچي ويو". يعني خلافت محمديه ﷺ صرف حق آهي اهلبيتؑ جو!

حاصل مطلب (conclusion) لفظ "شيعه" جي لغوي معنيٰ گروهه يا ٽولو آهي. اصلاحي معنيٰ ۾ اهو لفظ شيعان عليءَ لاءِ مخصوص ٿي چڪو آهي. لفظ "شيعه" قرآن ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي استعمال ٿيو آهي. سوره صٰف ۾ اهو لفظ حضرت ابراهيمؑ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. لفظ "شيعه" هڪ نظريءَ ۾ تبديل ٿي ويو آهي شيعه لفظ مان شيعان

عليءَ ٻڌجي ويو. عليءَ ۽ ان جي حبدارن کي شيعان علي پهريون مرتبو حضور اڪرم ﷺ سڏيو. ان سلسلي ۾ بشيمار حديث نبوي موجود آهن. پاڻ سڳورن ﷺ عليءَ کي خوشخبري ٻڌائيندي فرمايو!
” اي عليءَ تون ۽ تنهنجا شيعہ قيامت جي ڏينهن تي ڪامياب هوندا!“ رسول خدا ﷺ عليءَ کي پاڻ ﷺ کان سعد ۾ مشڪلاتن کان آگاهہ ڪرڻ فرمايو. پاڻ سائينءَ جن عليءَ کي وصعيت ڪندي فرمايو تہ تون تي مصيبتن جا جبل ڪرايا ويندا. پر الله جي مرضي آهي تہ تون هر حال ۾ صبر قائم رهہ!
”شيعہ“ ۽ ”سُني“ ۾ بنيادي فرق امامت ۽ خلافت جو آهي.
اهلسنت جي عقيدي مطابق تہ امام يا خليفو شرابي، بدڪار، ظالم يا فاسق ۽ فاجر شخص بہ ٿي سگهي ٿو. هر اهو انسان جيڪو طاقت رکي ٿو. ۽ حڪمران آهي تہ ان جي اطاعت ڪرڻ واجب آهي. اهو نظريو پهريون پيرو ابوهريري پيش ڪيو جڏهن ابوبڪر جي سقيقہ ۾ چند ماڻهن بيعت ڪئي اولي الا مر جي اها تشريح ڪوفي جي گورنر عبدالله ابن زياد يزيد جي حق ۾ استعمال ڪرائي. هن وڏي مال و دولت ڏئي ڪوفي جي قاضي شريعي کان فتويٰ حاصل ڪئي. قاضي شريعي اولي الا مر واري ابوهُريري جي تشريح جو حوالو ڏئي حسينءَ کي واجب القتل قرار ڏنو.
قاضي صاحب چيو تہ جيئن سوره انساءِ آيت 59 ۾ ارشاد آهي. تہ اطاعت ڪيو الله جي، الله جي رسول جي ۽ اولي الا مر جي يعني حڪمران جي ۽ جيئن تہ يزيد حڪمران آهي ۽ ان جي اطاعت سيني

تي واجب آهي. قاضيءَ وڏيڪ چيو تہ حسين ابن علي اولي الاهر جي اطاعت نہ ڪري ان الله ۽ رسول ﷺ جي اطاعت جو انڪار ڪيو. ڇا تہ نظريو آهي!! هي تہ بني اسرائيل جي انهن عالمن ڪان بہ ٻہ هٽ اڳتي هيا جن ڪي سوره النجم الله انهن ڪي گڏه چيو آهي.

"شيعہ" امامت ڪي منصوب من الله سمجهندا آهن. ان ڪي چوندن جو حق صرف الله ڪي آهي سوره القصص آيت 68 ۾ آهي تہ مختار (امام) صرف الله بڻايئندو آهي. ۽ ماڻهن ڪي حق نہ آهي. دراصل الله جو پهريون "منصب" خلافت آهي. بعد ۾ نبوت، رسالت ۽ امامت وجي ٿي. مطلب تہ سڀ الله جا خليفہ يعني نائب آهن. اهي الله ۽ انسانن جي درميان وسيلا آهن. الله جا سڀ مصطفيٰ بنده معصوم هوندا آهن. انهن جو ڪم صرف الله جي احڪامات ڪي ماڻهن تائين هوندو آهي.

امام دين جو محافظ هوندو آهي جيڪو قرآن جو دنيا ۾ سڀ ڪان وڏو عالم هوندو آهي. هو راسخون في العلم هوندو آهي. ۽ هر گناه ڪان پاڪ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ گنهگار جي اطاعت يا تقليد نہ ٿيندي آهي. لائق اطاعت صرف معصوم تي سگهي ٿو. ۽ الله ڪان پري قرار ڏنو آهي. رسول خدا ﷺ جنهن جي زبان مان نڪتل هر لفظ وحي الاهي آهي (سوره النجم) ان پاڪ زبان فرمايو قرآن عليؑ سان ۽ عليؑ قرآن سان گڏ آهي" هڪ حديث پاڪ آهي تہ "هر عورت ٽن ڳالهين ۾ ناقص هوندي آهي سواءِ فاطمة الزهرهؑ جي هر عورت ميراث، عقل ۽ عبادت ۾ ادهوري هوندي آهي ليڪن فاطمة الزهرهؑ

تي اهي ٿيئن ڳالهيون لاڳو نہ ٿيون ٿين. هر عورت مهيني ۾ ڪجھ ڏينهن پليتيءَ ۾ گذاريندي آهي ليڪن فاطمة الزهرهؑ ان پليتيءَ کان پري آهي. هونءَ ميرات ۾ بہ ادهوري نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هونءَ والد محترم جي اڪيلي اولاد آهي. هر عورت جي گواهي مرد جي مقابلي ۾ اڌ تسليم ڪئي ويندي آهي ليڪن فاطمة الزهرهؑ جي اڪيلي گواهي ڪافي آهي. ان فرمان مطابق ابوبڪر ۽ عمر رسول الله جي فرمان جي پرواھ نہ ڪئي ۽ باغ فدڪ سيده کان کسي ورتو.

اسان جو پيارو نبي ﷺ هر حال ۾ نبي ﷺ هوندو آهي. سورة الحشر آيت 07 ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ منهنجو حبيب (محمد ﷺ) توهان کي جيڪو ڪجھ ڏي تہ اهو وٺو ۽ جنهن شيءَ کان روڪي تہ رُڪجي وڃو“. رسول خدا ﷺ پنهنجي آخري وصعيت ۾ اُمت کي قرآن ۽ اهلبيتؑ ڏنو. اهلبيت جي اطاعت پوري اُمت مسلم تي واجب ڄاڻائي. ان اُمت ۾ سيئي اصحاب رسول ﷺ پهريون اچن ٿا. جڏهن بہ قرآن ۾ اهلبيتؑ جي محبت ۽ طهارت جو ذڪو آيو رسول خدا ﷺ واضح طورتي فرمايو تہ ان مان مراد عليؑ فاطمةؑ، حسنؑ، حسينؑ ۽ اولاد عليؑ آهن. سوره اشوريٰ ۽ سوره الافراب آيت تطهير جي تشريح ڪندي فرمايائون! پاڻ سڳورن عليؑ جو ميدان خم ۾ هٿ بلند ڪري فرمايو! من ڪنت موليٰ فهذا عليًا موليٰ يعني جنهن جنهن جو مان (محمد ﷺ) موليٰ آهيان ان جو هي عليؑ موليٰ آهي“. ان اعلان ولايت، خلافت ۽ امامت کان بعد هڪ لک چوويهن هزار اصحاب اڪرام کي حڪم ڏنائون تہ وڃون عليؑ کي

موليٰ هجڻ تي مبارڪ باد پيش ڪيو ۽ سندن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪيو. ان بيعت ڪرڻ وارن ۾ حضرت ابوبڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان شامل آهن. اهو ئي سبب آهي تہ عليؑ اهو ئي سبب آهي تہ عليؑ سقيفہ جي چور گڏجاڻيءَ کي غير قانوني، غير شريعي قرار ڏنو. پاڻ باربار اهو پنهنجن مخالفن کي ياد ڏياريندو رهيو تہ ڪل توهان سيئي منهنجي هٿ تي بيعت ڪري چڪا آهيو. اهو بہ رسول الله جي سامهون. اڄ توهان مون کان پنهنجي لاءِ بيعت طلب ڪري رهيا آهيو. اوهان يقينًا بيعت شڪني ڪئي آهي. رسول خدا ﷺ جي سامهون توهان مون کي موليٰ هجڻ جون مبارڪون ڏينون اڄ ان موليٰ کان اوهان بيعت طلب ڪري رهيا آهيو. خدا جو قسم اهو ڪڏهن بہ نہ تو ٿي سگهي. ڇا آقا کان غلام بيعت وٺي سگهي ٿو؟ ڇا عالم ڪڏهن جا هل جي بيعت ڪري سگهي ٿو؟ ڇا فاتح خيبر و حُنين وبدر ڪڏهن ميدان مان ڀڄڻ وارن جي بيعت ڪري سگهي ٿو؟ ڀلا اي ابوبڪر! مون کي ٻڌاءِ تہ تون اسلام جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي جنهن جي بنياد تي خلافت جي دعويٰ ڪري ٿو؟ (نهج البلاغہ)

خلافت جو معيار :- الله تعاليٰ خلافت جو ڪهڙو معيار مقرر ڪيو آهي؟ سوره ابقره ۾ معيار خلافت و بادشاهي جو واضح ذڪر ڪيل آهي. الله نبيءَ جي دعا تي بني اسرائيل لاءِ حضرت طالوت کي چونڊيو. الله فرمايو تہ طالوت کي بادشاہ ان جي صلاحيتن کي پرکي عطا ڪئي. هڪ تہ هو بني اسرائيل ۾ سيني کان زياده علم رکي ٿو

۽ ٻيو تہ هو سيني کان وڌيڪ شجاع آهي. هاڻي الله جي مقرر ڪيل معيار خلافت تي تاريخ کان پڇون تہ ان معيار تي ابوبڪر ٿو اچي يا علي؟

ان جو تفصيلي جواب اڳم ڏنل آهي. حضرت ابوبڪر هر ميدان جنگ مان ڀڄي ويو ان حالت ۾ تہ رسول خدا ﷺ ان کي پويان پڪاريندو رهيو. مثلاً جنگ احد ۾ خود بيبي عائشہ رضہ روايت ڪري ٿي ڪتاب فضائل صحابہ ۾ ۽ قرآن ۾ سوره آل عمران آيت نمبر 153 اسول خدا خيبر ۾ ابوبڪر ۽عمر کي علم ڏنو پر مرحب جي هڪ مکل تي پويان ڀير ڪيان تاريخ طبري گواه آهي. علم جي حالت اها آهي جو رسول خدا ﷺ سوره البرائت جون چند آيتون ابوبڪر کي ڏينون تہ الله رسول خدا کي حڪم ڏنو تہ ان کان اهي واپس ڪر پوءِ پاڻ ڪٽي وڃ يا پاڻ جهڙي کي موڪل ۽ ائين ابوبڪر کان آيتون واپس ڪري عليؑ جي حوالي ڪيون. الله عليؑ کي رسول ﷺ مان ٿو سمجهي ۽ ان جهڙو ٿو سمجهي تہ پوءِ ابوبڪر رسول جهڙي کان بعيت طلب ڪيئن ٿو ڪري؟ عليؑ تہ نفس رسول آهي آيه مباحلا گواه آهي.


<u>علي باب العلم</u> آهي. رسول خدا ﷺ جي مشهور حديث آهي تہ :-


انا مدينة العلم وعليًا بابها يعني مان (محمدﷺ) علم جو شهر آهيان ۽ عليؑ ان جو دروازو آهي". ٻي حديث پاڪ آهي تہ عليؑ دنيا جو بهترين قاضي آهي. عليؑ اها علم جي دعويٰ ڪئي جيڪا ڪنهن نبيءَ ۽ رسولؑ بہ نہ ڪئي. ميمبر ڪوفہ تي ويهي اعلان فرمايو سلوني سلوني پڇو پڇو مان عليؑ کان پڇو ان کان اڳ جو مان دنيا

چڏي وجان مان عليؑ زمين ۽ آسمان ۽ ان جي درميان جيڪو ڪجھ آهي ان کي ڄاڻان ٿو. هي خطبو وڏو آهي جيڪو نهج البلاغہ ۾ آهي.
الله جنگ اُحد جو ذڪر ڪندي فرمايو تہ ان جنگ ۾ توهان کي
جيڪا هار پئي اها هڪ آزمائش هئي تہ مان مومن بندن ۽ منافقن کي ذار ڪري ڏيکاريان. هاڻي فيصلو اوهان پاڻ ڪيو تہ جيڪو رسول جي حفاظت ڪندو رهيو اهو مومن آهي يا جيڪو رسول خدا ﷺ کي ڏکئي وقت ۾ چڏي ڀڄي ويو. الله ڀڄي وڃڻ وارن کي تہ منافق چيو آهي ۽ اهي ڀڄي وارن جي تلاش ڪيو ڪتاب مان ٻڌائي چڪو آهيان پھريائين تہ ماڻھوءَ جو مومن هئڻ ثابت ڪيو پوءِ اميرالمؤمنين!!
دعا در بتول! اي الله! مون کي آئمہ معصومينؑ جي مڃڻ وارن انهن جي راھ تي هلڻ وارن، انهن جي تعبيداري ۽ اطاعت ڪرڻ وارن انهن جي دشمنن سان جنگ ڪرڻ وارن ۾ شامل ڪرڻ فرماءِ اي الله منهنجي مرحوم والد زوار سيد نظر حسين شمسي ۽ مرحومہ والده سيده غلام فضيٰ ۽ مرحومہ ڀيڻ بيبي فهميده ۽ تمام مؤمنين بلخصوص علامہ عبدالحڪيم، آغا سيد حامد علي شاه موسوي ۽ مرحوم اعجاز حسين جعفري جي مغفرت ڪرڻ فرماءِ !!
تمام پڙهندڙن کي عرض آهي تہ هن حقير لاءِ دعا گھرندا تہ جيئن مشن ولايت علي کي خوش اسلوبيءَ سان اڳتي وڌائي سگھي!! (آمين).

والسلام یا علیؑ مدد

پرو فسیر سید حسن علی شمسی(لیکچ).
ایڈریس : بانی و متولی امام بارگاہ "بیت الحُزن"
محسن شاہ کالونی، ایئرپورٹ روڈ لاڑکانہ.
رابطہ : 03362571412







پروفیسر سید حسن علي شمسي